

# ڳالھيون پيٽ ورن ۾

## عبدالرحمٰن پيرزادو

**BLOGS by PIRZADO ©**
Book No.2
Title: Galhyoon Pait Waran Mein
Writer: Abdul Rehman Pirzado
Preface: Sarmad Khoso
Review: Hameed Soomro
Back Title:  Riaz Shahid Dayo
Composer: Abdul Rehman Pirzado
Hyderabad
October 2020
© Abdul Rehman Pirzado

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


پنهنجي پاران ................................................ 13
سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگز...... 15
سنڌ جو بلاگر عبدالرحمٰن پيرزادو ........... 24
ڪچان تہ ڪافر............................................ 43
هَڙَ .............................................................. 47
ڪوڙو تون ڪفر سين.............................. 50
لٽل ماسڪو................................................ 52
واقعو.......................................................... 55
ترقي پسند اديبن جي ڪانفرنس................ 56
چانڊڪا جون يادگيريو ن............................ 58
شروعاتي ڏينهن......................................... 58
چانڊڪا جا ڪردار..................................... 59
خالد محمود................................................ 60
سترهين آڪٽوبر ....................................... 61
عبدالرحمٰن 'نقاش' ۽ انب گوپانگ.............. 64
حلالي ....................................................... 65
اجُڪو........................................................ 66
ساروٽيون.................................................. 68
شاگرد يونين .............................................. 71

حسڻ واهڻ ڍنڍَ ................................................ 72
چئوماسو ................................................ 74
ڪٽڪ ۽ ٻير ................................................ 75
ٿٽائي ميوزم ٿٽ شاهه ................................................ 76
ڳوٺ سڌار ................................................ 77
ٿٽو ٢٠٠٤ کان ٢٠٠٧ ................................................ 80
حمايت ................................................ 87
سنڌ ميوزم ................................................ 89
تصوف ................................................ 91
سَتوُ ................................................ 95
برابري يا سراسري ................................................ 96
هولي . سنڌ جو زرعي تهوار ................................................ 98
عوام دوست انقلاب ................................................ 100
پروفيشنل ................................................ 102
پورائيءَ جا پال ................................................ 104
سرمائيداريءَ جي عينڪ ۽ زرعي سڌارا. 106
گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدني ................................................ 110
سرمائيداراڻو سماج ۽ ڪرپشن ................................................ 112
رينگٽ ................................................ 114
آزاد معيشت ................................................ 116
عورتن جي عالمي تحريڪ ۽ سنڌ ................................................ 118

منھنجو جسم، منھنجي مرضي................. 119
8 مارچ .......................................................... 120
عورت جو موت ........................................... 121
چوٽيون........................................................ 122
چيٽ چمڪيو نہ پلو..................................... 122
جي مينھن وسي چيٽ، تہ اَنُ نہ ماپي ڪيٽ124
درياھي آمدورفت جو خاتمو ........................ 125
اسان بہ عجيب پوڪ آھيون ....................... 126
مان اڪيلو ناھيان........................................ 128
مت ۽ ان جو مناسب استعمال .................. 129
اڪ الٽي ڏار ................................................ 131
عبداللطيف ڀٽائي ........................................ 131
ڀٽائيءَ ڪي 'سرڪار' ڇو چوندا آھيون؟..... 134
سُر سھڻي..................................................... 135
سُر ساموندي................................................ 137
سُر ساموندي................................................ 139
ڀٽائي جون اَٺَ سورميون ........................... 140
فاصلاتي ۔ مراسلاتي ۽ واقعاتي تعليم .... 142
واقعاتي تعليم ............................................... 142
مراسلاتي تعليم ........................................... 142
فاصلاتي تعليم.............................................. 143

ڪيتي سر سيتي: ........................................ 146
متان ڪليا آهيو ........................................ 150
ايماندار ........................................ 150
رهنما ........................................ 151
ڌرتيءَ جو اصلي پُٽُ ........................................ 152
ڀلائي ........................................ 153
جڳ مشهور صحافي ........................................ 154
پرائي ماڙي، پنهنجو جهڳو ........................................ 156
لڳا پيا آهيون ........................................ 157
پاتال ۾ گڏ آهيون ........................................ 158
منجهيل سوال ........................................ 161
ماڻهن کي ڳالهائڻ ڏيو ........................................ 163
تنقيد ڪرڻ ۾ ڪا بہ برائي ڪونهي ........ 163
ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو ........ 164
لفظن جو استعمال ........................................ 166
غلاميءَ جا سگ ........................................ 168
جاڳو ........................................ 171
ساڻِياٽِيءَ کي سورَ ........................................ 173
شعور جي اڏام ........................................ 175
ٻيڙو ........................................ 176
سنڌ جي مالڪي ڪيئن ٿيندي ........................................ 177

حليم بروهي اڪيلو ڪونهي ..................... 178
ڳاج ندي ..................................................... 179
مان شايد گونگو آهيان ............................... 182
ڀاڪا عورت ۽ طبقاتي پيڊ ......................... 183
ريگيولر چو نٽا ڪريو ................................ 184
ٿوڪ جا واپاري ۽ ريزڪي مسئلا............. 185
وصيت ........................................................ 186
اڄ جو سڏ..................................................... 187
سوال ......................................................... 188
راءِ............................................................. 189
سفا سوڙهو اچي ڪيو اٿن-........................ 190
چلهي جو موت............................................ 191
ڪيرالا ........................................................ 194
اچو ته سوال ڪريون ................................. 196
منهنجو سادو سوال..................................... 197
وقت............................................................ 199
قطار........................................................... 201
ڪجھ ته ڪرڻو پوندو.................................. 203
عواميءَ آگاهي............................................ 206
ڍوڍي جو خير گهرو.................................... 207
ڪاوڙ، ملال، طعنا ....................................... 208

راءِ بهادر ............ 209
پهاڪا ............ 210
ڇهِه ٿاندو ۽ ڄَرَ ............ 211
شفافيت ............ 212
ساٿ ............ 213
پورائي ............ 214
ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي نانءِ ............ 215
سنڌ ٻه سکر ٿي پوندي ............ 216
لبيا ............ 218
لاب ............ 219
محبت ۽ پرٽو ............ 220
فردن جون غلطيون ............ 221
انسان: ............ 223
ميلو ............ 224
ڪٽراڳ ............ 226
تياڳي ............ 227
ٻوسٽ ............ 228
غير سياسي ............ 229
سانحو ............ 230
قتلام: ............ 231
ڪهاڙيا، ڪوڏاريا، گوڏر ............ 232

طبقاتي سماج جون غلط العام روايتون.. 260
خودساختہ دانشور جو اعلان ...................... 261
عجيب روش ................................................ 262
وقت کان اڳتي هلڻ جي سزا ..................... 263
نئون دستور ................................................ 265
خوشي ......................................................... 267
عجيب منتق نہ سمجھ ۾ ايندڙ عذر ........ 268
ميارون ..................................................... 269
سوڳوار ..................................................... 270
ڪالم نگار ................................................ 272
عجيب بحث ................................................ 274
رستو ......................................................... 276
وسڪاري ڪانپوءِ ..................................... 278
خواب هجن آزاد تہ ٻيو ڇا گهرجي ........... 280
چڙهيءَ جو گهوڙو .................................. 281
حددخليون ................................................ 282
ميارو ........................................................ 283
ڏڻ ۔ ولرَ ۔ وڳرَ .......................................... 284
ڪوئو ۔ سوپاري ۔ پساري ........................... 285
وحشي جبلتون ........................................... 286
خانداني .................................................... 287

نڪرَ ۔ نڪريون ۔ نانگرَ ۔ نونگرَ ................ 288
ڪمَچور ........................................... 289
مارڪس ........................................... 290
جديد نو آبادي ................................... 292
جاڳندا رهجو ..................................... 293
سياست ........................................... 293
سياسي سوچ جي ڪاميابي ........................ 294
خبر ناهي افسوس ڪريون يا تڏو.............. 295
ڪامورا ............................................ 296
ڊينگو ئي ڊيري ................................... 297
نئين ڪچٽي....................................... 298
فيصلو ڪرڻ مهل منجهائجي ..................... 299
مڊل ڪلاس ........................................ 300
ان طرف ٻہ ڏيان ڏيو............................. 301
پروپيگنڊا .......................................... 302
عوام دوست پارليماني سياست ................ 303
ورهايل سماج ..................................... 304
جاڳندا رهجو ..................................... 305
چونڊون سر تي .................................... 306
غير سياسي مشتري هوشيار باش............ 307
آزاد اميدوار....................................... 308

## پنھنجي پاران

توھان جي اڳيان منھنجو قلمي پورھيو "ڳالھيون پيٽ ورن ۾" حاضر آھي.

ھن ڪتاب ۾ منھنجا اھي بلاگ شامل آھن جيڪي مون سوشل ميڊيا جي جھان تي وقت بر وقت ونڊيا آھن.

انھن بلاگن ۾ زندگيءَ جا مختلف موضوع ۽ منھنجي اندر ۾ اٿندڙ سوال موجود آھن. منھنجي راءِ آھي جنھن سان ھروڀرو سھمت ھجڻ لازمي ڪونھي. ڀلو ڪيو وبا جو وقت مليو ويو ۽ مون پنھنجو پورھيو سھيڙي ڪتابي، شڪل ۾ گڏ ڪيو. ھاڻي اھو ڪتاب ڪو ناشر ادارو ڇاپيندو يا نہ، اھڙي ڪا خبر ڪانھي.

سنڌ ۾ ھڪڙو عجيب رواج آھي، ڀھريان لکو پوءِ پٽ سٽ ڪري، اوڌريون ڪٽي پنھنجو ڪتاب ڪنھن نالي واري پبلشنگ ھائوس جي نالي تي ڇپرايو ۽ وڃي بازرڻ وڪڻو. مان اصولي طور ان روش ڪي سنو نہ

سمجهندو آهيان ۽ ايئن ڪري به ڪونه سگهندس.

هن ڪتاب جو مهاڳ نوجوان سرمد ڪوسي لکيو آهي ۽ ڊاڪٽر عبدالحميد سومري جا ٻه لفظ به شامل آهن.

اميد ته منهنجي محنت توهان کي پسند ايندي.

عبدالرحمٰن پيرزادو

حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگز

ڪجھ ماڻهو پيشي جي لحاظ کان ڪنهن هڪ شعبي سان لاڳاپيل هوندا آهن پر هو پنهنجي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي ذريعي گهڻن ئي شعبن تي نہ رڳو نظر رکندا آهن پر انهن ۾ ڪافي معلومات ۽ مهارت بہ رکندا آهن. اسان جو محترم عبدالرحمٰن پيرزادو صاحب بہ انهن ماڻهن مان ئي آهي. پاڻ پيشي جي لحاظ کان تہ پبلڪ هيلٿ جا ماهر ڊاڪٽر آهن پر پاڻ هن ٽوڙ ڦوڙ جي شڪار ٿيل ڪيترين ئي بيمارين جي ور چڙهيل سماج تي هر پاسي کان نظر رکن ٿا نہ رڳو نظر رکن ٿا پر پنهنجي اندر جي احساسن کي لفظن جي روپ ۾ بين ماڻهن تائين بہ پهچائين ٿا. منهنجي سامهون هن وقت سندن ڪتاب "ڳالهيون پيٽ ورن" ۾ آهي جنهن ۾ پيرزادي جا مختلف وقتن تي سوشل ميڊيا تي لکيل بلاگ شامل آهن.

عبدالرحمٰن پيرزادو مونکي جھڙي طرح پنهنجي عملن مان بيباڪ لڳندو آهي بلڪل

ساڳي طرح پاڻ مونکي پنهنجي لکڻين ۾ بہ بيباڪ لڳي ٿو بغير ڪنهن رک رکان جي يا انهيءَ سوچ جي تہ سامهون وارو ناراض ٿي پوندو پاڻ پنهنجي دل جي ڳالهہ لکي ڇڏي ٿو.

عبدالرحمٰن پيرزادي صاحب جي بلاگز کي جڏهن پڙهجي ٿو تہ انهيءَ ۾ اسان کي تمام گهڻا موضوع بحث هيٺ ايندي نظر اچن ٿا جنهن ۾ مذهب، سياست، سائنس، تعليم، صحت، زراعت، ادب، آرٽ، محبت، ماحوليات، نفسيات ۽ تاريخ سميت ٻيا بہ ڪجهہ موضوع شامل آهن.

سندن زراعت جي حوالي سان بلاگز پڙهجن ٿا تہ انهن ۾ پاڻ پورهيت ڪلاس جو نمائندو ٿيندي، سندن جائز حقن جي ڳالهہ ڪري ۽ ساڻن ٿيندي ظلم ۽ ناانصافين کي ڀرپور انداز ۾ ننديي ٿو. پورهيت جو استحصال ڪندڙ ڌرين تي بہ بي خوف ٿي لکي ٿو. هن جاگيرداري ۽ سرمائيداري جي ور چڙهيل سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڏاڍ تي بہ لکي ٿو. انهي حوالي سان پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ سنڌي سماج عورت دوست ڪيئن

ٿيندو؟ جڏهن نالي چڙهيا ترقي پسند سمجهيا ويندڙ اديب به جيڪڏهن عورت دشمن هوندا ته بنياد پرستن مان ڪهڙي اميد؟ هاڻي سوچجي ته پيرزادي صاحب جو اهو سوال تمام وڏي معنيٰ ۽ گهرائي رکي ٿو. اسان وٽ هر ماڻهو جي اها رڙ آهي ته سماج ۾ ڪرپشن آهي. پيرزادو صاحب انهيءَ ڪرپشن جو بنياد سرمائيداراڻي نظام کي سمجهي ٿو. پاڻ لکي ٿو ته سرمائيداراڻي سماج سماج ۾ معاشي سرشتي جو بنياد ئي ڪرپشن تي ٻڌل آهي انهيءَ مان سماجي، معاشي يا طبقاتي انصاف جي اميد رکڻ سمجھ کان ٻاهر آهي. پاڻ زرعي سماج ۽ جاگيرداراڻي سماج جي فرق کي به بيان ڪري ٿو. صحت جو موضوع به انتهائي اهم آهي. انهيءَ تي به هن جي ڪتاب ۾ ڪافي بلاگز موجود آهن. جن ۾ پوليو، بڪين جي پيوند، غذائي کوٽ، مدي جي بخار، عالمي وبا ڪرونا ۽ ٻارن جي مختلف بيمارين جي علاج ۽ احتياط بابت ڪافي ڪارائتيون صلاحون موجود آهن. پيرزادو صاحب پاڻ هڪ نظم و ضبط وارو ماڻهو

آهي سو پاڻ صحت ڪارڪن جي ڊريس ڪوڊ تي به لکي ٿو ۽ سندس خيال آهي ته اسپتال ۾ موجود عملي کي مخصوص پوشاڪ ۾ هجڻ گهرجي، پاڻ صحت ۽ فاصلاتي تعليم جي موضوع تي واقعاتي تعليم، مراسلاتي تعليم ۽ تعليم جي عنوانن سان لکي ٿو. اهي بلاگز پڙهڻ سان اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته اسان وٽ آن لائين تعليمي نظام ڪيڏو ڏکيو آهي؟ انهيءَ ۾ ڪهڙا مسئلا سامهون اچن ٿا؟ جڏهن ته اسان وٽ هرڪو بغير سوچڻ سمجهڻ جي انهيءَ ڳالهه تي زور پيو ڏي ته تعليم آن لائين هجي جديد دور آهي. پاڻ مجموعي طور تي سنڌ جي تعليمي معيار تي به لکي ٿو. پاڻ صحتمند سنڌ جو خواهشمند آهي. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته سنڌ جو تعليمي معيار هٿ وٺي خراب ڪيو پيو وڃي، انهن سببن . کان پيرزادو صاحب بخوبي واقف آهي پوءِ به اها سندن سوچ آهي جو پاڻ انهيءَ معيار کي وقت سان بهتر ٿيندي ڏسي ٿو جنهن جي مثال ۾ هو پنهنجي تعليم کي اولاد جي تعليم سان پيئي ٿو. پان

اظهار جي آزادي جي اهميت کي سمجهندي چوي ٿو ته ماڻهن کي سوال ڪرڻ ڏيو. اچو ته سوال ڪريون. يا وري موجوده ٿيندڙ جڳاڙي صحافت تي به لکي ٿو . سندس موقف آهي ته تنقيد به ڪا برائي ناهي. موسمي تبديلين ۽ انهن جو ماحول تي پوندڙ اثر به هڪ اهم موضوع آهي جنهن تي *چيٽ چمڪيو نه پلو* ۽ *جي مينهن وسي چيٽ ته ان نه ماپي ڪيت* جي نالي سان بلاگز لکيل آهن. مان جڏهن هي بلاگز پڙهندو ٿو وڃان ته سچ پچو ته مونکي هي شاعراڻو نثر ٿو لڳي. ٻولي جي خوبصورتي کي به ڪمال سان برقرار رکيو ويو آهي. اسان جي لوڪ ڏاهپ، صحتمند روايتون ۽ انهن جا حوالا به هنن بلاگز ۾ ملن ٿيون.

هنن بلاگز ۾ پٺائي جي سرن ۽ سورمين جو ذڪر به آهي ۽ هڪ اهم سوال به بحث هيٺ آيل آهي عبداللطيف پٺائي کي سرڪار چو چوندا آهن انهيء حوالي سان ليکڪ لکي ٿو منهنجي ذاتي راءِ ۾ لطيف ان وقت جي حڪمرانن سرڪار سان برسرپيڪار هيو، پٺ

واري علائقي ۾ سندس قيادت ۾ هڪ متوازي سرڪار هئي. ان مزاحمت دوران سندن مزاحمت جي ساٿين کي فقير خطرناڪ مهم تي ويندڙ کي گهوٽ ۽ پنهنجي اڳواڻ لاءِ سرڪار جو مخفف استعمال ڪندا هئا. ان ڪري لطيف سرڪار جو استعمال لطيف جي فقيرن ۾ هيو جيڪو بعد ۾ ادب ۾ آيو آهي هي اهڙا سوال آهن جن تي سائنسي انداز ۾ تحقيق جي ضرورت آهي سڀ کان اهم ڳالهه ته اسان جي سماج ۾ اهو مرض عام آهي ته هر ٻن مهينن کان پوءِ ڪنهن نه ڪنهن اشو کي ڪٽي ماڻهن جو اصل مسئلن تان ڌيان هٽايو ويندو آهي. پيرزادي صاحب انهي تي ڌاڍو پلو لکيو آهي ته هرويرو ڇو ٿا پنهنجو وقت بي مقصد بحثن ۾ وڃايو سنڌ جو ورهاڱو ممڪن ئي ڪونهي .معروضي حالتون به اهڙي ڪم لاءِ مناسب ڪونهن مهرباني ڪري ماڻهن کي حقيقي مسئلن کان آگاهه ڪريو جن ۾ سڀ کان وڏو مسئلو پانت پانت جي شڪلين جي بنياد پرست سياسي

جماعتن جو پيدا ٿيڻ جو آهي
زرعي سڌارا_ جاگيرداري جو خاتمو

رياست طرفان تعليم جا موقف

رياست طرفان صحت جون سهولتون

پاڻي خاص ڪري پيئڻ جو پاڻي

وڌندڙ آبادي جو مناسب تدارڪ

وڇڙندڙ بيمارين کان اڳواٽ بچاءَ

ماحول جي حفاظ

سنڌو درياءَ جو جياپو

ٻيلن جي زندگي

شاگرد، هاري، مزدور کي تنظيمسازي جو حق

ياد رکجو طبقاتي سماجن ۾ جيڪڏهن وڏيڪ
صوبا ناهڻ يا موجوده وحدتن کي ٽوڙڻ جهڙو
ڪو قدم کڻجي ٿو ته اهو صرف ۽ صرف
عالمي ۽ ملڪي مراعت يافته طبقي جي حق
۾ هوندو. هاڻي ڏسو ته هي ڪيڏو نه اهم
بلاگ آهي هن وقت جڏهن هي شيون لکي

رهيو آهيان انهيءَ وقت بہ اسان جي چوڌاري
اهڙا ڪتراڳ جاري آهن

پيرزادو صاحب ترقي پسند سوچ رکندڙ شخص آهي سو پاڻ اليڪشن ذريعي ايندڙ عوامي حڪومتن جو حامي آهي ۽ انهن ۾ سڌارن جي حوالي سان صلاحون بہ ڏي ٿو. پاڻ آزاد اميدوار جي خلاف آهي. جيڪو سرسي ڏسي عوام جي ووٽن جو سودو ڪري ٿو ڇڏي. پيرزادو صاحب چوي ٿو تہ ووٽ شخص کي نہ پر پارٽي کي ڏيو
اسان جڏهن هي بلاگز پڙهون ٿا تہ اسان کي اهو احساس بہ ٿئي ٿو تہ سوشل ميڊيا جو درست استعمال ڪيئن ڪجي؟ پيرزادي صاحب انهيءَ جو ڀرپور استعمال ڪندي هن بلاگز ذريعي عوام ۾ شعور ۽ آگاهي جي عمل کي جاري رکيو آهي جاڪا ڏاڍي ڀلي ڳالهہ آهي

هاڻي ايترن سارن موضوعن تي لکڻ سان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ عبدالرحمان پيرزادو صاحب انتهائي حساس ماڻهو آهي جنهن کي ٿوري بہ بي ترتيبي نٿي وڻي ۽ پاڻ ان خلاف ڀرپور

احتجاج ڪري ٿو. جنهن جو مثال هي بلاگر آهن. پيرزادي صاحب اهو ڏاڍو ڀلو ڪم ڪيو آهي جو پنهنجي هنن چڙوچڙ بلاگر ڪي هڪ هنڌ جمع ڪري ڪتابي شڪل ڏني آهي انهيءَ سان اهو فائدو ٿيندو جو اسان سنڌي سماج جي موجوده اصل چهري کي ڏسي سگهنداسين. ڇو ته هي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگر آهن مان ونهنجي اها خوشنصيبي ٿو سمجهان جو پيرزادو صاحب مختلف وقتن تي منهنجي به ترتيب ڪندو رهيو آهي سو پنهنجي محسن جي ڪتاب تي به اکر لکڻ ڪنهن اعزاز کان گهٽ ناهن مون کي اميد آهي ته هي بلاگر هر باشعور پڙهندڙ کي سندس دل جي ڳالهه لڳندي ۽ ڪجھ پڙهندڙن کان شايد هضم به نه ٿين

سرمد ڪوسو

بدين

14-10-2020

## سنڌ جو بلاگر عبدالرحمٰن پيرزادو

جديد دور ۾ بلاگ هڪ اهڙو ذريعو بڻجي ويو آهي جنهن ۾ پنهنجا خيال، معلومات، تجربا نہ صرف دنيا سان ونڊي، انهي جو فيڊ بئڪ وٺي سگهجي ٿو بلڪ دنيا ۾ موجود ذري گهٽ پوڻا پنج لک نيٽ جو استعمال ڪندڙ دنيا سان ڏي وٺ بہ ڪري سگهجي ٿي.بلاگ ذريعي اڄڪلھ دنيا ۾ ڪاروبار ٿي رهيو آهي بلڪ اهو پئسو پيدا ڪرڻ ۽ پئسو ڪمائڻ جو ڪارڻ بہ بڻجي رهيو آهي.دنيا ۾ ستر ڪروڙ جي لڳ ڀڳ بلاگر آهن جن مان ذري گهٽ چار ڪروڙ صرف آمريڪا ۾ آهن. بلاگ جو ذريعو استعمال ڪرڻ لاءِ انٽرنيٽ جو ڪنيڪشن ضروري هجي ٿو. انٽرنيٽ جو استعمال ڪندڙن ۾ آمريڪا پهرين نمبر، يورپ ٻئي نمبر جڏهن تہ چين ۾ اهو استعمال 55 سيڪڙو جي قريب آهي. انڊيا ۾ 35 سيڪڙو ماڻهن جي انٽر نيٽ تائين رسائي آهي جڏهن تہ پاڪستان ۾ اها مخلوق صرف 15 سيڪڙو آهي.جيئن تہ بلاگ، بطور ڄاڻ، تجربي، خيال، واپار جي ترويج ۽ ڏي وٺ ۾

انٽرنيٽ جي آمد کان پوءِ جو لقاءُ آهي انڪري انهي جي هڪ طاقتور هٿيار طور استعمال جي ڄاڻ بہ گهٽ ماڻهن وٽ آهي. پاڪستان ۾ بنهہ گهٽ جڏهن تہ سنڌ ۾ تہ اهو استعمال اڃا بہ گهٽ آهي. انهي بلاگ کي پنهنجي مخصوص نقطہ نظر سان جنهن شخص سنڌ ۾ ڪاميابي سان استعمال ڪيو آهي انهي جو نالو عبدالرحمٰن پيرزادو آهي.

سنڌ ۾ ڪجهہ ماڻهو بلاگ ڪن ٿا ليڪن هڪ بلاگر جي حيثيت ۾ جيڪا سڃاڻ پبلڪ هيلٿ جي ماڻهو، شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس رحمٰن پيرزادي جي سنڌ ۾ آهي اها شايد ئي ٻئي ڪنهن جي هجي. ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين بلاگ جي حوالي سان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهووسيع ڄاڻ سڃاڻ ناهي آهي تہ اهو عبدالرحمٰن پيرزادو ئي آهي.

جيئن تہ بلاگ عالمي ويب سائٽ ذريعي پنهنجا خيال، تجربا، ڄاڻ دنيا تائين پهچائڻ جو ذريعو آهي. بلاگ ۾ سُرخي، ذيلي سُرخي بہ هجي ٿي. بلاگ جو پيراگراف ۾ مختلف

پوائنٽس يا بُليٽس ۾ ورهايل هجي ٿو. بلاگ ۾ جيڪا پوسٽ هوندي آهي ان ۾ مُنڍ، وچون سيڪشن ۽ پڇاڙي بہ هجي ٿي. بلاگ ڪنهن ناول، مضمون، ڪهاڻي يا ڪالم بجاءِ مختصر ٿئي ٿو انڪري جلدي پڙهي بہ وڃجي ٿو تہ انجو اثر بہ اوترو جلدي ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن پاڻ سان جڙيل پڙهندڙ، ٻُڌندڙ سان ڳالهائجي ٿو تہ انجو فيڊبئڪ بہ جلدي اچي ٿو جيڪو انهي جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. هڪ بلاگر جي حيثيت ۾ عبدالرحمٰن پيرزادو تہ سوشل ميڊيا ۾ اڳ۾ ئي نروار هيو ليڪن ڪورونا جي وبا جي آمد دوران هن جي بلاگ کي غير معمولي پذيرائي ملي. ڪورونا جو مرض هڪ خطرناڪ طريقي سان دنيا سميت سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بہ آيو ۽ انجي آمد غيرمعمولي طور پراسرار ۽ پوائنٽي بہ هئي. انهي معاملي ۾ دنيا جهان ۾ مونجهارا هيا انهي موڙ ۽ موقعي تي جنهن طريقي بلاگ ذريعي عبدالرحمٰن پيرزادي سنڌ جي ماڻهن کي ڪورونا جي باري ۾ معلومات ۽ رهنمائي فراهم ڪئي اها مثالي

هُئي. متِيُون منجهيل سرڪار جي پيٽ ۾ ڪورونا متعلق ڳالهه ٻولهه ۾ عبدالرحمٰن پيرزادي جو نالو حوالي طور ورتو پئي ويندو آهي. اها مجتا بہ آهي تہ اعزاز بہ آهي. ڪورونا جي باري ۾ هن جا بلاگ الڳ ڪتاب جي صورت ۾ سهيڙجن پيا جن تي ٽيڪا ٽپڻي بعد ۾ ڪبي ۾ جڏهن تہ هن وقت بلاگ تي مشتمل جيڪو ڪتاب زيربحث آهي انجو نالو ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ آهي.اهو ڪتاب بلاگن تي مشتمل آهي.

” ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ جيڪي بلاگ شامل آهن اهي مختلف وقتن تي مختلف موضوعن تي لکيا ويا آهن. عالمي سياسي صورتحال هجي، ملڪي سياسي صورتحال هجي، سماج جا پيچيده مامارا هجن، انقلاب جي ڳالهه هجي، علم فن هجي، ادب ۽ ان ۾ بي ادبي جو ذڪر هجي، تصوف هجي ۽ تصوف جي نالي ۾ توهم پرستي جي تقليد هجي، سرمائيدارانہ نظام جي ڪل لاهڻي هجي يا روايتي انقلابي سياست تي ٽيڪا ٽپڻي هجي، قومپرست سياست هجي، صحافت يا

آگاهي جي ڳالهه هجي، ٻوڏ اچي وڃي يا سوڪ سنڌ کي نوٽ ڪندي هجي. جيڪڏهن سوشل ميڊيا جو دورو ڪبو ته انهن مامرن تي عبدالرحمٰن پيرزادي جو بلاگ ضرور ملندو جنهن ۾ موجود سنڌس ڳالهه نه صرف وقتائتي، پيرائتي هوندي بلڪ ان ۾ ان جو حل به تجويز ڪيل هوندو نه صرف اهو بلڪ هو پنهنجي بلاگ جي بچاءُ ۾ ور ڪنجيل به محسوس ٿيندو. عبدالرحمٰن جي باقي لکڻين جيان سنڌس بلاگ جي خوبصورتي ٿُز هجڻ آهي اهڙي ٿُز جڻ ڪنهن کي بندوق وهائي ڪيجي. انهي بلاگ ۾ ٺوڪ به هوندي ليڪن سنڌس ڳالهه توري تڪي ريسرچ ڪيل نظر ايندي جيڪو اسانجي سنڌي لکڻين ۾ گهٽ ملندو آهي. عبدالرحمٰن پنهنجي بلاگ ۾ شامل راءِ تان پنتي نه هٽندو آهي ليڪن اتفاق سان ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن پُٺتي هٽيو به آهي ته اهو سنڌس مڪمل اطمينان ڪانسواءِ ممڪن ناهي. سنڌس بلاگ عمومي طور نه صرف ڪارائتا آهن ۽ مختلف معاملن تي وقتائتي رهنمائي به ڪندي ملن ٿا. گُڏريل

مارچ ۾ عورتن جي عالمي ڏينھن جي حوالي سان جڏھن ”منھنجو جسم منھنجي مرضي“ واري معاملي تي تڪرار پيدا ٿي ويو ته معاملي جي اصل تھ تائين پھچائڻ جو ڪم به عبدالرحمٰن پيرزادي ڪنيو ۽ بلاگ نوڪي رکيائين ته يورپ ۽ آمريڪا جي عورتزاد تحريڪ ۾ انھي نعري جو مقصد اصل ۾ جنسي بي راھ روي نه بلڪ پنھنجي صحت ۽ حالتن ڪي مد نظر رکندي حمل ڪيرائڻ سان عبارت آھي جنھنجي نه صرف پاڪستان جي قانون ۾ اجازت آھي بلڪ ملڪ ۾ ڪافي سارا ادار آھن جيڪي سرڪار جي مرضي سان صحت ڪاتي سان گڏجي ڪم ڪندي ، اڻ وٽندڙ “حمل ڪيرائڻ“ جي ڪم ۾ مصروف آھن.

ملڪ ۾ جاري بنيادپرستي ۽ دھشت گردي دوارن جڏھن قلندر جي درگاھ تي حملو ٿيو ته سنڌ ۾ روشن خيال ماڻھن قلندر جي مزار تي ڌمال ھنئي ۽ تصوف ڪي مٿي تي چاڙھي ڇڏيو ته عبدالرحمٰن جو بلاگ به اچي ويو جنھن ۾ ھن تصوف ڪي پروموٽ ڪرڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شديد تنقيد ڪئي ۽ لکيائين تہ ”انهن سيني ساٿين کي جن کي هن سڀني ڪيڏ کي سمجهڻ جي سگهہ آهي انهن تي لازم آهي تہ نوجوانن جي رهنمائي ڪن ۽ تصوف کي سماج اندرنئون آفيم ڪري استعمال ڪرڻ جهڙي انهي عمل کي بي نقاب ڪجي.“

”ميلو“، نالي بلاگ ۾ هن ڪورونا جي وبا کان اڳ سرڪاري ڪامورڪي سرپرستي ۾ جيڪا ميلن جي ڌم هئي انتي بہ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي .50 ۽ 60 جي ڏهاڪي ۾ ڄاول ٻار جي ذهن ۾ ميلي جو ٻڌي ذهن تي ڇا تري ايندو هيو انجي نقشبندي ليکڪ ڪجھ هينئن ڪئي آهي.

”چوڏيل ،سرڪس، رڇ ۽ ڪتا

راڳ ،ناچُو، ڪوپري جي منائي

سُڪل ٽُوت ،چُوڙيون ،رانديڪا

پولڙي وارو فقير

سُرخي ،ڪجل،مُساڳ جو دُڪان

ٽانگو،ملاڪڙو،ڪوڏي ڪوڏي

راڳ رنگ،ڍينگ چرس

ٻِشني ڳِنڍِي چوڙ سپاهي...

(اڇو تہ ميلا لڳائي سماج بدلايون)

”برابري يا سراسري“ نالي بلاگ ۾ هڪ نئون نقطو بہ اٿاريل آهي. طبقاتي نظام جو مخالف تہ ليڪڪ هر ٻئي لڪٽي ۾ محسوس ٿيندو آهي ليڪن هن بلاگ ۾ هو لکي ٿو تہ جيڪي ماڻهو برابري جي ڳالهہ ڪن ٿا اهي اصل ۾ سماج کي سمجهڻ کان قاصر آهن انکري سماج ۾ موجود بدحال ۽ پٺتي پيل طبقن خاص طور عورت کي برابري نہ بلڪہ سراسري جي ضرورت آهي جنهجو بنياد تعليم آهي جنهن ذريعي ماڻهو پرجهلو ٿي سگهي ٿو. ڪورونا جي وبا دوران ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ سوشل سيفٽي نيٽ ورڪ تحت ملڪي ۽ عالمي امداد جي حمايت بہ هو انکري ڪري ٿو جنهن کي وري سنڌ ۽ ملڪ جا ڪافي دانشور حضرات پنڻ بہ چون ٿا. هو چوي ٿو تہ اهو سڀ ڪجه نہ صرف ڪارائتو آهي بلڪہ عورت کي

تنظيمڪاري جي عمل ۾ شريڪ ڪري ان عمل کي وڏيڪ سگهارو بنائڻ جي ضرورت آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ عورتن کي پرجهلو ڪرڻ جي حوالي سان انهي پروگرام کي عالمي طور تي بہ مڃتا ملي چڪي آهي ڇو تہ عورت انهي عمل سان نہ صرف مالي طور پرجهلي ٿيڻ ڏانهن روان دوان ٿي آهي بلڪہ انهي سان مقامي گهريلو معاشي سرگرمي ۾ بہ واڌ ٿئي ٿي.

سندس ڪجھ بلاگ سرمائيداري ۽ سرمائيڪاري جي حوالي سان بہ آهن. هو سرمائيداري کي دنيا سميت سنڌ لاءِ زهر قاتل سمجهي ٿو جڏهن تہ هو سرمائيڪاري جو زوردار حامي آهي. ائين ئي هو زرعي سڌارن جو بہ حامي آهي جيڪي صرف پني تي نہ بلڪہ حقيقت ۾ بہ هن جي خيال موجب هجڻ گهرجن. انڪري هو تفصيل سان ڄاڻائي ٿو تہ زرعي سڌارن ۾ زمين جو حق ملڪيت، پاڻي هارپي جو شرط، فصل جي چونڊ ۾ سهائتا، مارڪيٽ تائين رسائي جو نظام، ٻارن جي تعليم جو شرط، صحت ۽ تعليم جون

جوڳيون سهوليتون، هارين جا مثالي ڳوٺ آباد ڪرڻ، هارين کي تنظيم جو حق، ٻنا ۽ وياج جي ٻج ۽ زرعي ٽيڪنالاجي تائين رسائي، گڏيل هارپي جي تربيت، گڏيل ميويدار جهنگ پوکڻ جي تربيت، گهرو واڙيون پوکڻ جي تربيت ۽ پاڻي جي بهتر استعمال جي تربيت کي تمام ضروري سمجهي ٿو. انهن مول متن کي هو سياست ڪندڙ ڌرين کي پنهنجي ايجنڊا ۾ شامل ڪرڻ جي ڳالهه به ڪري ٿو.

سندس هڪ بلاگ زرعي جنسن جي ڪليل آزاد واپار متعلق به آهي. هو لکي ٿو ته ڪجهه عقل جا اڪابر سرڪار پاران زرعي جنسن جي قيمتن جي مقرري جا مخالف آهن. هو مثال ڏيئي ٿو ته ڪيئن ڪورونا جي وبا دوران يورپ جي ڪافي ملڪن ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جي اڻاٺ ٿي ويئي جنهن جي موٽ ۾ شين جي موجودگي لاءِ خانگي شعبي ۾ موجود ڪافي صنعتن کي قوميائڻو پئجي ويو. انڪري ليڪ ماڻهن کي گهرن ۾ ”ڳُنديون“ پيري رکڻ جي صلاح به ڏئي ٿو.

پاڪستان خاص طور تي سنڌ شديد غذائي کوٽ جو شڪار آهي پنهنجي ڪجھ بلاگن ۾ ليڪڪ انگ اکر ڏنا آهن. سنڌ ۾ غذائي کوٽ اڌو اڌ آبادي کي متاثر ڪيو آهي جڏهن ته ڪجھ ڏهايون اڳ اها غذائي کوٽ ٿيھ سيڪڙو هئي. اڄڪلھ سنڌ جو ماڻهو قد بت ۾ جيڪڏهن بندرو ٿي رهيو آهي ته انهي جو ڪارڻ بہ اها غذائي کوٽ آهي ليڪڪ انهي غذائي کوٽ کي ڪورونا سميت باقي سمورين وبائي بيمارين جي پاڙ سمجهي ٿو. انهي جو حل بہ انهن بلاگن ۾ ڄاڻايل آهي ته زرعي سڌارن سميت سائنس ۽ ٽيڪنالجي جي استعمال ۽ تعليم کي عام ڪندي، سنڌ ۾ موجود سبزين ميون جي مناسب پيداوار ۽ استعمال، لوڪ ڏاهپ کي استعمال ڪندي انهي مسئلي کي حل ڪري سگهجي ٿو. هو چوي ٿو ته زراعت ڏانهن حڪومت جي سنجيدگي انهي مان مان بہ ظاهر آهي ته سنڌ ۾ صرف هڪ زرعي يونيورسٽي آهي جڏهن ته ڪابہ باراني يونيورسٽي ناهي. ساڳي مامري کي بحث هيٺ آڻيندي هڪ هنڌ لکي

ٿو تہ حفاظتي ٽڪن جي پروگرام کي بہ سرڪار سميت ڪميونٽي کي سنجيدھ وٺڻ جي ضرورت آهي. ائين هو صحت ڪارڪن جي ڊريس ڪوڊ جو بہ حامي آهي تہ جيئين مريض ۽ تيماردار ۾ فرق نظر آچي جنهن سان صحت جون سهولتون بهتر ٿينديون.صحت جي سهولتن ۽ ماهرن متعلق ڄاڻ جي فراهمي ۾ هو اڄ بہ صحت جي عالمي اداري WHO کي مستنند سمجهي ٿو. مٿي ڄاڻايل سمورا ٽاسڪ صرف بهتر منصوبہ بندي، سمجھ ۽ حڪومت ۽ ڪميونٽي جي باهمي تعاون سان پايہ تڪميل تي پهچائي سگهجن ٿا جنهن ۾ وڏيڪ فنڊ جي ڪا خاص ضرورت بہ ڪونہ ٿي پوي.

”صحتمند سنڌ“ نالي بلاگ ۾ هو سنڌ حڪومت کي مفت ۾ مفيد مشورا ٿو ڏئي تہ جيڪي خاندان فيملي پلاننگ ڪن ٿا انهن جي نہ صرف مالي سهائتا ٿيڻ گهرجي بلڪ انهن جي ٻارن جي صحت ۽ تعليم جو جوڳو بندوبست بہ ٿيڻ گهرجي جيڪا 18 سال عمر يعني نادرا جي شناختي ڪارڊ نهڻ تائين

جاري رکڻ گهرجي. پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ ۾ اهي ڳالهيون ننڍڙيون ۽ معمولي ٿيون لڳن ليڪن غور ڪجي ته انهي جا اثر غيرمعمولي ۽ همه گير آهن.

پنهنجي ڪجھ بلاگن ۾ هن شاھ لطيف کي به نئين اک سان ڏسڻ جي ڳالھ ڪئي آهي. شاھ لطيف کي پٺائي ”سرڪار“ پئي سڏيو ويندو رهيو آهيو آهي جنهن متعلق ڪنهن لطيف شناس کان پڇا ڪبي ته چيو ويندو آهي ته اهو لطيف جي تعظيم ۾ چيو ويندو آهي. ليڪن عبدالرحمٰن جي راءِ جنهن کي هو پنهنجي راءِ چوي ٿو ته انهي لطيف سرڪار جي معني آهي ڪنهن رياست جو ڪاروبار هلائيندڙ بندوبست. هن مطابق لطيف ان وقت جي حُڪمران سرڪار سان برسرپيڪار هيو، پٽ واري علائقي ۾ سندس قيادت ۾ هڪ متوازي سرڪار قائم هئي ان مزاحمت جي ساٿين کي فقير ۽ خطرناڪ مهم تي ويندڙ کي گهوٽ سڏيو ويندو هيو. سندس چواڻي پٽ جي الهندي علائقي ۾ ڏھ گهوٽن جون قبرون آهن جيڪي انهن خطرناڪ مهم تي

ويندڙن جون قبرون آهن، هو اهو دليل ڏئي ٿو تہ پٽ تي عام جي اک کان پري وسندي آباد ڪرڻ جتي لطيف سندس فقير، گهوٽ ۽ مريد هجن انهي ٻالھ جو مظهر آهي تہ ڪا ٻالھ هئي جيڪا لوڪ کان الڳ ٿي ڪئي پئي ويئي.

ڪڏهن ٻاڙهو گهوٽ ڪڏهن مڙھ مقام ۾ واري بيت کي مٿين خيال سان جوڙي پڙهجي تہ مفهوم ئي منجي ٿو وڃي ۽ جڏهن لطيف جي هيٺ ڄاڻايل بيت تي نظر وجهجي ٿي تہ سندس ٻالھ تي غور ضروري ٿي وڃي ٿو..،

”گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،

ڪڏهن منجھ ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا.“

هتي ڄاڻايل گهوٽ اهو بلڪل ناهي جيڪو شادي ۾ لانئون لهي وني ماڻيندو آهي. هي تہ اهڙو غير معمولي غير روايتي گهوٽ آهي جنهنجي گهوڙي سان پيٽ ٿيل آهي جيڪو ڪڏهن ٻاڙهو گهوٽ ڪوٽن ۾ قيد ٿئي ٿو تہ ڪڏهن وري رڻ جو راهي ٿئي ٿو. هي اهو

ئي گهوٽ آهي جيڪو ليڪڪ جي راءِ ۽ خيال ۾ آباد آهي جنهن تي سچ ۽ تحقيق جي ضرورت آهي .

اِئين ئي هڪ بلاگ ۾ لطيف جي سورمين ۾ هن موکيءَ کي ۽ شاهه جي سورمي ڄاڻايو آهي جيڪا هوندي سورمي بجاءِ ڪو منفي ڪردار ٿو لڳي.

بلاگ جي مختصر مجموعي ۾ سياست جو بحث ۽ چوٽ تي چڙهيل آهي جنهن ۾ هڪ بلاگ ۾ هو ڳالهائي ٿو ته ڪٿي اِئين ته ناهي ته آفريقي نسل جي جارج فلائيڊ جو پوليس هٿان بيگناهه قتل دنيا ۾ اپرنڊڙ طبقاتي بنياد تي سياست کي پنتي ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هجي چوته ان وقت نومبر 2020 جي آمريڪي چوندن لاءِ مک ڊيموڪريٽڪ برني سينڊرس انتهائي ريڊيڪل سياست سبب آمريڪا ۾ ڇانيل هيو. انهي قتل جي نتيجي ۾ عالمي طور اهم سوال نسلي متييد ۽ آمريڪا ۾ پوليس نظام ۾ بهتري اهم سوال ٿي سامهون آيا ۽ برني سينڊرس جو بيانيو پُٺتي رهجي ويو. هن وقت اوپينين پول ۾ ٽرمپ

پُنتي ۾ ڊيموڪريٽڪ اميدوار جو بائيڊن ڪافي اڳتي آهي جنهنجي حق ۾ برني سنڊرس بنا ڪنهن سبب جي هٿ ڪٽي ويو هيو.

ليڪڪ ارڙهين ترميم کي سنڌ ۾ خاص طور پيڙهيل قومن جي اهم حاصلات سمجهي ٿو انکري ان خلاف ٿيندڙ سازشن خلاف خبردار بہ ڪري ٿو.

هن جو هڪ بلاگ ”رستو “ جي نالي سان بہ آهي جنهن ۾ هو ڄاڻائي ٿو تہ جيڪڏهن اڳتي وڌڻو آهي تہ مذهب ۽ قومپرستي جي بدعت مان جان ڇڏائڻي پوندي ۽ سندس مطابق ڇوٽڪاري جو رستو صرف قومي جمهوري سوال کي سياست جو مرڪزي نڪتو بنائڻ سان ئي ممڪن آهي.قومي جمهوري پڌرنامي ۾ طبقاتي قومي سوال تي مربوط حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي،عالمي جنگي سرمائيداري جي عهد ۾ سائنسي بنيادن تي معاشي نظام مرتب ڪرڻو پوندو ۽ جمهوري قيادت پٽاندڙ اجتمائي قيادت جو رستو ڪڍڻو پوندو.

سندس هڪ بلاگ اندر اڄ ڪرڻ جهڙو آهي جنهن سان سندس ماضي جون سياسي يادون سلهاڙيل آهي هو ڪجھ ماڻهن ڏي ميار موڪلي ٿو تہ اهي ماڻهو جنڪي ”ڏيندڙا “ سڏيو ويندو هيو انهن مارون کائي بيعزتون سهي، ذلتون برداشت ڪري پنهجي سموري ڄمار رڳوسياست ۽ جدوجهد کي هڪ لڙهي ۾ پروئيندي گُذاري انهن جو ذڪر ڪجھ دانشور اڪ ٽيٽ ڪن ٿا. سٺ جي ڏهاڪي جو سنڌ متحده محاذ هجي، بزم صوفيا سنڌ هجي، سنڌ قومي اتحاد هجي يا سنڌي عوام جو قومي اتحاد، نيشنل عوامي پارٽي هجي يا عوامي نيشنل پارٽي، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ هاري ڪميٽي، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ بهتر سياسي ماحول امن قائم ڪرڻو هجي يا ايم آر ڊي جي تحريڪ هجي جدوجهد جي هر ميدان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳيرائي نظر ايندي. ليڪن ڪوڙ نالي ڪُنيا دانشور سنڌ جي سياسي پورهيئي ۾ باقي ماڻهن جو ذڪر تہ ڪندا ليڪن سويو گيانچنداڻي، ڄام ساقي ۽ سندن پارٽيءَ انجي بي ضرر سياسي

پورھيتن جو نانءُ وٺندي کين تپ چڙھي ويندو جن عمرون ڏنيون جوانيون ڏنيون ليڪن سودو نہ ڪيو نہ پنھنجو نہ پنھنجي نظريئي جو نہ پنھنجي اصولن جو. جن جي نالن تي نان ڪلاسيفائيڊ پنن تي اڄ بہ ڳاڙھا دائرا لڳل آھن.

سنڌ جي بلاگر عبدالرحمٰن جا بلاگ دلچسپ بہ آھن تہ انھن ۾ دلبري بہ آھي جن ۾ چٽڙ، ٽوڪ بہ آھي. ميلن جي نالي ۾ ٽيندڙ پروگرامن ۾ سنڌ جي ثقافت جي واڌ ويجھ ٿئي تي جڏھن تہ تصوف جو بنياد پرستي خلاف ھڪ محدود ڪارج تي ڪافي ماڻھن جي راءِ ليکڪ کان مختلف آھي ليڪن اھو روزروشن جيان عيان آھي تہ سنڌ جي بلاگر عبدالرحمٰن ڪي پنھنجي وطن واسي ويڙھيچن لاءِ اٿاھ پيار آھي انڪري ھو ھر مامري تي ڳالھائي بہ ٿو تہ ڪن جا پردا چيري وجھندڙ رڙ بہ ڪري ٿو تہ جيئن اجھاڳ ڏوجھرن ۾ ڦاٿل سنڌ پنھنجي وجود سان وڙھي جيان وڪوڙيل ڏوجھري مان اُڪري پار پئي.پنھنجن غلطين جو ليکو چوکو

ڪري ان مان سبق پرائي پنهنجي وسيلن، ڏاهپ جو مناسب استعمال ڪري تہ جيئين سندس ايندڙ نسل پاڪستان سميت دنيا جهان ۾ ڪنڌ ڪٽي هلڻ جهڙيو ٿئي ۽ دنيا آڏو سرخرو ٿي اهو باور ڪرائڻ جي حقدار بہ ٿئي تہ هي اهي ماڻهو آهن جن مهين جو دڙو تڏهن آباد ڪيو، هڪ شاندار لازوال تهذيب کي تڏهن آباد ڪيو جڏهن دنيا جهان جي تهذيبن جو اجا جنم ئي نہ ٿيو هيو. اها سنڌ ئي سنڌ جي بلاگر مهين جي دڙي ۽ سنڌو جي ڪچ واري وسندي پلهڙيجي واسي سنڌ جي بلاگر عبدالرحمٰن پيرزاي جو خواب آهي ۽ خواب سچا بہ ٿيندا آهن بشرطيڪ مومل ماڻڻ جي سچي نيت هجي.اها نيت سنڌ جي بلاگر عبدالرحمٰن پيرزادي جي بہ آهي.

حميد سُومرو

حيدرآباد 31 آڪٽوبر 2020

## ڪچان تہ ڪافر

اڄڪلھ سنڌ ۾ پاپولسٽ دانشوري بہ جھڙوڪر واڱڪي هٿ وانگر آهي. سنڌ جا مهان دانشور حضرات توهان کي هر دور جو تجزيو ڪندي نظر ايندا پر متان ڪو اصليت جي پڇا ڪريو، جواب ۾ چوندا تہ ڪين انهن حالتن جي ڪا خاص خبر ئي ڪونهي جن تي پورو ڪتاب لکي ڇاپرائي ڇڏيندا. ها ڪتاب ڇپرائڻ تان ياد، آيو مون جھڙو ڪو ليکڪ تہ اهو خواب ڪٽي مري ويندو تہ سندس ڪم ڪٽي هٽيڪو ٿئي مطلب ڇپجي، هي جن همراهن جا هر مهيني ڪتاب پيا ڇپجن، انهن کي ڇپرائي ڪير ٿو ۽ اهي وڪجن ڪيئن ٿا، يار، اهڙا سوال ڪنديئو تہ پوءِ، آيتون ئي ٻڌنديئو.

ها ڳالھ پئي ڪئيسين حالتن، ڪردارن ۽ سياسي ڏرين جي جن سنڌ جي سياسي ماحول ۾ ڪا، اٿل پٿل آندي يا ڪو اهڙو ڪردار ادا ڪيو جو ڪين ياد رکيو وڃي.

سنڌ جي سياسي ڪردارن تي جيڪڏهن نظر وجهو ته توهان کي شروعات ۾ الله بخش سومري، سوريه بادشاهه، مسلم ليگي اڳواڻ(جن جا نالا مان ڄاڻي واڻي نٿو لکان جو وري نئون ممڻ مچي ويندو) ڪميونسٽ پارٽيءَ جا اڳواڻ ڪامريڊ جمال دين بخاري، ڪامريڊ صوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ شانتا بخاري، هجرت ڪري ويل ڪميوهسٽ اڳواڻ ۽ هجرت ڪري آيل ڪميونسٽ اڳواڻ، ڄام ساقي، مير ٿيٻو، هاري ڪميٽي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، قاضي فيض محمد، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مولوي نظير جتوئي، مولوي عبدالقادر ڪلهوڙو، قاضي محمد بخش ڌامراهه، سائين جي، ايم سيد ۽ ان جا پوئلڳ [بقول سندن جي، ايم سيد جا ڏنگا ٻار]، جيئي سنڌ جون مختلف شاخون، عوامي تحريڪ، رسول بخش پليجو ۽ ان جا پوئلڳ، پيپلز پارٽي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو، شهيد محترما بينظير ڀٽو، ان ساڳي ئي تلسل جي شاخ مير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتضا پنو، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ ۽ ان جا ساٿي مطلب تہ ڪيترا نالا ڳڻايون.

هاڻي جيڪو بہ دانشور صاحب لکي ٿو اهو دانستہ يا نادانستہ انهي سياسي ڏر يا قوت جو ڪٿي ذڪر ڪرڻ بہ مناسب نٿو سمجهي جن جي سڄي ڄمار رڳو انهن هيرن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئيندي گذري وئي. ڪميونسٽن جي صبر، برداشت، محنتن، صبر ۽ سياسي بصيرت سبب ئي سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سيئي دوست ڪنهن هڪ هنڌ جمع ٿيندا هيا.

ڏنو وڃي تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ساٿين جي باربار ڪوشش باوجود سنڌ ۾ الڳ الڳ نظرين تحت ڪم ڪندڙ ڌرين کي گهڻو عرصو عوام جي بنيادي مسئلن تي گڏ ڪرڻ ڄڻ ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور هوندو هيو.

سٺ جي ڏهاڪي جو سنڌ متحده محاذ هجي، بزم صوفيا، سنڌ اتحاد، سنڌي عوام جو قومي اتحاد، نعپ، عوامي نيشنل پارٽي، سنڌي، ادبي سنگت، سنڌ هاري ڪميٽي، سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ بهتر سياسي ماحول ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امن لاءِ اتحاد، ايم آر ڊي جي جدوجهد، مطلب هر دفعي توهان کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳيرائي نظر ايندي. اها پارٽيءَ جي پاليسي هئي ته اها پسمنظر ۾ رهي دوستن کي اڳتي اچڻ جو موقعو فراهم ڪندي هئي .

هاڻي جيڪي دانشور حضرات صفا سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ ۽ مستقبل جا، جڻ پاڻ هرتو ٺيڪيدار لڳا وينا، آهن، انهن کان اهو ته پڇي سگهجي ٿو ته جي سگهارين ذرين وٽ موجود باقي خبرون به ڪين ملي وڃن ٿيون ته پو يار انهه ويچارن جن کي پليجو صاحب پيار مان 'ڊينڊڙا' سڏيندو هو، انهن جي جئي کي ڇو ٿا لوڙهيو.

چون ٿا ڌڪ ته دشمن جو به ڳائبو آهي. هي ته بي ضرر سياسي پورهيت هئا جن پنهنجو ڄمارون، گهر ٻار سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪندي واري ڇڏيا .

## هڙَ

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جڏهن به ڪا تربيتي نشست ٿيندي هئي يا ڪو سينئر دوست ساٿي ڪچهري ڪندو هو ته سندس سڄي ڳالھ ٻولھ جو تت هوندو هيو، مخالفن تي تنقيد ايتري ڪريو جنهن مان ڪا هڙ حاصل ٿئي. سياسي اختلافن تي هروڀرو ايترو بحث نہ ڪريو جو سماجي تعلقات خراب ٿي وڃن. گڏيل مفادن واري گهٽ ۾ گهٽ سياسي پروگرام تي اتحاد ٺاهيو. انهن ڏينهن ۾ تعليمي ادارن ۾ هٿيارن جي زور تي قوم پرستن طرفان جهڙوڪ روزاني اسان تي ڪنهن نہ ڪنهن تعليمي اداري ۾ تشدد ٿيندو هو، ان لاءِ چيو ويندو هو تہ جيڪڏهن توهان تي ڪو تشدد ڪري ٿو تہ ان کي تشدد سان جواب ڏيڻ بدران ان پيدا ٿيل ماحول جو سياسي فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪريو، عام شاگردن جون همدرديون حاصل ڪريو، تنظيم کي سياسي طور سگهارو بڻايو. مختلف نظرين جي سياسي تنظيمن ۽ سندن ڪارڪنن کي گڏيل مقصد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گڏيل جدوجهد ڪرڻ جي

ترغيب ڏيو. پاڻ کي منظر تان جيترو ٿي سگھي غائب رکو. انھن کي اڳوائي ڪرڻ جو موقعو ڏيو.

سڀ جمھوريت جي بحاليءَ جي جدوجھد جنھن کي ايم آر ڊي جي نالي سان ياد ڪندا آھيون. ان جي لاءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڄام ساقي ڪيس دوران سڄي ملڪ جي انھن جمھوريت پسند سياستدانن کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪيو جيڪي ھڪٻئي جي شڪل ڏسڻ لاءِ راضي ڪونہ ھئا. ملڪي، سطح ڪان وٺي، صوبائي، ضلعي ڇا تعلقي سطح تي بہ سيني کي ھڪ ھنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ ڏينھن رات لوڙيوسين. ذميواري اھا ھوندي ھئي تہ ماڻھن کي گڏ ڪيو، ٻين ڌرين جي سياسي ليڊرن جو تقريرون لکو، اسٽيج سيڪريٽري ٿيو، پر گرفتاريءَ کان بچو، ڄاڻي واڻي گرفتاريون نہ ڏيو. شاگرد، ھاري، مزدور، سياسي ڪارڪن سيني ڏينھن رات محنت ڪئي. جڏھن تاريخ لکبي تہ اسانجو نالو نشان ئي ڪونہ ھوندو. تاريخدان اخباري خبرن مان گرفتار ٿيلن جا انگ اکر گڏ ڪري، شامل

تنظيمن جي قوت جو ڪاٿو لڳائيندا. انهن کي کهڙي خبر ته اسان سماج ۾ تبديلي ۽ سياسي اٿل پٿل جي هڙ حاصل ڪرڻ لاءِ صفا فنا في الله ٿي ويا هئاسين. جنهن 'هڙ' جي آسري سڄي عمر ڪکن تي پير رکي هلياسين. هاڻي جي اها سڄي هڙ ملي به پئي ته اسان وارو ته جهڳو ئي جهڻ ٿي ويو.

سڄو ڏينگو ئي ڏيري.

ڪوڙيءَ کي ئي ڳهمرو.

## ڪوڙو تون ڪفر سين

وڏيرو هجي يا جاگيردار، پير هجي يا سردار لفافي صحافي هجي يا پتاخور قومپرست ڏنڊوڙي مزدور اڳواڻ هجي يا ڪوڙو ڪميونسٽ سيئي ڪردار رياستون پيدا ڪنديون آهن

حڪومتون مجبوري ۾ پالينديون آهن

سماج انهن جو ڪيتو لوڙيندا آهن

جيئن اسان سنڌ ۾ لوڙيون پيا

بينڪيت ڪان جديد بينڪيت تائين ڪجھ ڪردار وري بهروپ ۾ هوندا آهن. بظاهر ڏاڍا، ايگريسو، سطحي سچار، هر ڳالھ مڃائڻ لاءِ شروعات ئي ڪندا توهان جي تعليمي قابليت يا حالتن ڪي، سمجھڻ ۽ بيان ڪرڻ جي صلاحيت تي طنز ڪري . سوال اٿاري. پنهنجي علمي برتري پيدا ڪري

بظاهر جنهن جي مخالفت ڪندا تہ ايئن لڳندو جڻ سندن ازلي دشمن آهي. مڃاڻ انهي جي

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

ونگار وهندي اهڙي لفاظي ڪندا جهڙو ڏوھ ئي اسان جي سمجھ جو آهي

اسان ڪنهن نيڪ دل، سڀاجهڙي ڪردار کي

ڪيڏو غلط پئي سمجهيو

سندن پورو مقالمو مذهب کان ٽيندو قوم تائين صرف ڏوهي جا پيرا لڪائڻ لاءِ هوندو آهي

## لٽل ماسڪو

ٻلھڙيجيءَ کي لٽل ماسڪوجو نالو جماعت اسلاميءَ جي پروفيسر اسدالله ڀٽو بغز مان ڏنو. اھو الڳ بحث آھي.

اتي 4 ڳوٺ آھن حاجي لعل بخش شيخ , نوان شيخ , پليڏنو ابڙو ۽ ٻلھڙيجي.

ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ ۾ پرائمري اسڪول 1886 ۾ خليفي عبدالرحمان پيرزادي قائم ڪيو، جيڪو بعد ۾ خليفو محمود پيرزادوسنڀاليندو ھو. اھو اسڪول بعد ۾ مسلم اسڪول حاجي لعل بخش شيخ ۽ اڄڪلھ گورنمنٽ پرائمري اسڪول حاجيَ لعلَ بخش شيخ جي نالي سان قائم آھي. اھو خانگي اسڪول ھيو ۽ ٻنا ڪنھن فيس جي ٻار پڙھندا ھئا.

گھٽن کي ڏکيو لڳندو پر حقيقت اھا آھي تہ لٽل ماسڪو جي طنز سان گڏ اتي ھڪ مئخانو آيونام نھاد ترقي پسنديءَ چرس ۽ ڀنگ جو ملڻ مفتَ ڪري ڇڏي. اڄڪلھ انھي

چرس ۽ ڀنگ ۾ وري شراب جوَ بہ واڌارو ٿيو آهي.

انهن چئني ڳوٺن جي تعليم ۾ انهي نالي يا لقب جو ڪوبہ ڪردار ڪونهي. ها ايئن ٿيو آهي تہ ڏوڏي، ڀنگ، چرس ۽ شراب جي موالين کي عظيم ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

جيئن تاريخ جي هر ڪتاب ۾ هوندو آهي، انهن استادن جوَ ڪو دڪو بہ داخل ڪونهيَ جن هڙئون، وڙئون اهو تعليمي ماحول پيدا ڪيو. مان لکندم تہ شايد ڪوڙ پرده نشين . اگهاڙا ٿيندا

ذڪر صرف انهن جو آهي جيڪي ٻاهر رهيا. جن اتي لوڙيو، جن وقت ڏنو، ڪم ڪيو انهنَ جي ڪنهن کي خبر ئي ڪانهي ڇو جو انهنَ جي مشهوري ۽ وارن وسيلنَ تائين رسائي ڪونہ هئي ۽ نہ ئي آهي.

انهي حد تائين تہ جنهن شخص انهي ڳوٺَ جي زمين پنهنجي هڙان خريد ڪري سيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ وارن کي گهرج آهر جڳهه ڏني، انهي خليفي محمود جو بہ کو ذکر کونهي .

ڳوٺ جي پهرين استاد, ڳوٺ جي استادن. بمبئي مان فائينل پاس ڪندڙ مردن، عورتَنَ چوڪرين جو اسڪول قائم ڪندڙ آمنتَ پهرين گريجوئيٽ 'پهرين'ماسٽرس, پهرين هاءِ اسڪول ٽيچر,60 جي ڏهاڪي ۾ ڳوٺ سڌار تحريڪ جو آغاز ڪندَڙَ. 70 جي ڏهاڪي، ۾ ڊراما سوسائٽي قائم ڪندڙ. سنڌ هاري ڪميٽيَ, شاگرد سياستَ, 1980 جي ڳوٺ سڌار سنگتَ کو بہ، کير بہ کجھ بہ کونہ هيو يا آهي.

بس، انهن جو ذکر آهي جن جي تشهير جي وسيلن تي رسائي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## واقعو

ستر جي ڏهاڪي جو اکين ڏٺو واقعو .

"ٺيٺي فقير" پنهنجي مرشد اڳيان مانيءَ جو دسترخوان رکندي، هٿ ٻڌي عرض ڪيو

"بابا سائين ڪجھ خيال ڪيو، پيٽ اچي نڪ سان لڳو اَٿَوَ. ڦاٽي نہ پئي"

سڀ محفل ۾ ٺهڪڙو پئجي ويو.

چيائون فقير سائين جن جو هجائتو خليفو آهي، مذاق پيو ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ترقي پسند اديبن جي ڪانفرنس

ترقي پسند اديبن جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿي جنهن ۾ شيخ اياز جو لکيل گيت "ميرے ديده ورو، ميرے دانشورو" بيدل مسرور ڳايو.

ان گيت کي ڪانفرنس جو ترانو ڪري پيش ڪيو ويو هو.

ان ڪانفرنس ۾ پاڪستان، هند ۽ سنڌ جي نالي وارن ترقي پسند، اديبن شرڪت ڪئي

سيني کان وڌيڪ پذيرائي ڪامريڊ صوبي گيانچنداڻيءَ کي ملي، جنهن کي جڏهن صدارتي پينل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سڏ ڪيو ويو ته لڳ ڀڳ 10 منٽ پنڊال تاڙين سان گونجندو رهيو ۽ هرڪ موجود منش پيرين اڀو بيٺو رهيو.

چانهه جي وقفي ۾ ڪامريڊ صوبي، ابراهيم جويو کان شيخ اياز جي نه اچڻ جو پڇيو، جنهن وراڻيو طبيعت خراب هيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

هلندڙ ڪانفرنس دوران جڏهن ڪامريڊ صوبو، شيخ اياز جي مزاج پرسيءَ لاءِ سندس گهر ويو ته اياز چيس، طبيعت ڪي ڪجھ ٺيڪ ڪونه ٿيو هو، 'جوئي' سڄو احوال ڏنو ۽ واقعي چڱو ٿيو ڪونه آيس. توکي جيڪڏهن ادبي ڪانفرنس ۾ مون کان وڏيڪ پذيرائي ملي ته يار مان برداشت ڪونه ڪري سگهندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چانڊڪا جون يادگيريو ن

### شروعاتي ڏينهن

جڏهن اسان چانڊڪا ۾ 80 جي، شروعاتي ڏينهن ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سياست ڪندا هئاسين، ان وقت قومپرست جيڪي انهن ملن ڪان ٻہ ٻہ هٿ اڳتي هئا، انهن تہ ڪڏهن 'سنڌ' ڪان پنهنجي گناهن جي معافي ڪونهي گهري. ها، اڄڪلھ وڏا ترقي پسند ٿي پيا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چاندڪا جا ڪردار

ماما مڙس جي زبان آ,ڪو گڏهه تہ ڪونهي جو
گهُٽَ ڪري بيهي رهي

(چاندڪا جو هڪ لازوال ڪردار، ڪنهن
ڪنهن کي ياد آيو؟)

"چاندڪا ۾ هڪڙو "شاگرد رهنما "هر دفعي
جنرل باڊي ۾ خطاب ڪندي چوندو هو "اڄ
هڪ هڪاٽي ڪبي

پرنسپال وٽ پهچندي سندس پيرن تي ڪري
پوندو هو "ابو "آهين عزت رک .

"ٻاهر اچي گاريون ڪڍي چوندو هو "مون چيو
هو هڪ هڪاٽي ڪبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خالد محمود

خالد محمود سومرو، جميعت طلبہ اسلام جي نمائندگي ڪندي چانڊڪا ۾ پروگريسو اسٽوڊنٽس الائنس جو صدر هيو.جنهن ۾ سپاف، ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پروگريسو جيئي سنڌ، سنڌي شاگرد تحريڪ شامل هيون.

اهو MRD جي تحريڪ جو ثمر هيو جو هڪ پاسي JTI ترقي پسند قوتن سان سلهاڙيل هئي ۽ ٻئين پاسي جمهوريت پسندن وڏي دل ڪري انهن کي پاڻ سان گڏ رکيو.

خالد محمود جڏهن سينيٽر هيو، ان وقت عورتن جي مسئلي تي سندس موقف بہ اهو ئي هيو جيڪو اڄڪلھ ان جي جماعت جو آهي.

سبق: ڏران ئي ڏاريا، مٿ مئيءَ جا نہ ٿيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سترهين آڪٽوبر

ساٿي ٻارڙا سنگت طرفان سترهين آڪٽوبر 1984 تي مهين جو دڙو بچايو ڪانفرنس رٿيل هئي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ اسانجي ڪاليج طرفان هائيجن ٽوئر رکيل هئي .هاسٽل جي ڪمري ۾ جڏهن مون حميد سومري کي ٻڌايو ته مان ٽوئر جي لاءِ پئسا ڏئي نالو لکرائي آيو آهيان ته صفا ڪاوڙجي پيو .چيائين خبر به اٿئي ايڏو وڏو پروگرام رٿيل آهي، تون اسٽيج سيڪريٽري هوندين پوءِ به هرويرو پنهنجي ٽو هلائين

.مون چيو هڪڙي پاسي ڏنگا ٻار پيا ڳالهيون ڪن ته اسان اها ڪانفرنس ڪرڻ ڪونه ڏينداسين، ٻئي پاسي ڊپٽي ڪمشنر هاشم ميمڻ به اجازتنامو جاري ڪونه ٿو ڪري، يار مونکي ته اها ڪانفرنس ٿيندي نظر نٿي، سچي هرويرو گهمڻ جو .موقعو به تون وڃائيندين .منهنجي مڃ تون به هل گڏ هونداسي مزو ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حميد سومرو مجھ وارو ڪٽي هو ۽ مان وري مڙڻ وارو ڪڏهن ٿيو هيس .بس ايئن ٿوئر تي هم ڪلاسين سان گڏ نڪري پياسين.

سترهين آڪٽوبر تي اسلام آباد ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ يا گيسٽ هائوس ۾ هياسين چٽو ياد ڪونهي تہ اها خبر آئي تہ ٿوڙي ڦاٽڪ تي حادثو ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪجھ نوجوانن حياتيون بہ وڃايون آهن .اسان فيصلو ڪيو تہ پريس ڪانفرنس ڪري ان واقعي جي نندا ڪرڻ گهرجي پر ٿوئر ڪميٽيءَ دل نہ جهلي .ڏٽين بہ اهو چيو تہ هي ڊيندڙا شيطانگيري ٽا ڪن جي هتي بڌجي پياسي تہ مالڪي ڪير ڪندو .

مهين جو دڙو بچايو ڪانفرنس تہ ضلعي انتظاميا هڪ يا شايد بہ ڏينهن اڳ حڪمنامو جاري ڪري بندش هٽي چڏي هئي پر پانڌيئڙن ۽ بين ڊر ڪي شايد وقت سر سُڌ نہ پئي هئي.

جيڪو بہ ٿيو ڏاڍو خراب ٿيو، ان ڪانپوءِ اڳتي ڪوه مري، پشاور، بحرين، ڪالام،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

لنڊي ڪوتل، خيبر تائين بس ڪٽڪ اسان جي ٽوئر سان گڏ پئي هليا .

هڪ ڳالھ جيڪا اجا تائين سيسراٽيون ڪڍيو ڇڏي، همراهن پوءِ بہ هٿيار پنهوار دل تي خريد ڪيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عبدالرحمٰن 'نقاش' ۽ انب گوپانگ

لنواري شريف جي لائبرريءَ مان شروع ڪيل عبدالرحمٰن نقاش جو سفر ۽ سندس انهن ڏينهن جي همسفر انب گوپانگ سان ستر جي ڏهاڪي ۾ ٿيل ملاقت ڪي الائي ملاقات به چئي سگهجي يا نہ.. اسان پانڌيئڙا جڏهن 'لنواري شريف' ڳوٺ ۾ اچي لٿا سين تہ شام جو ڏاڏو مون کي بازار جي ڏڪڻ پاسي واري ان لائبرريءَ ۾ ڇڏي ويو جتي 'عبدالرحمان نقاش' ۽ 'انب گوپانگ' بہ موجود هئا. وڌيڪ ڪجهہ بہ ياد ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حلالي

مون 1986 ۾ هڪ نامي گرامي ڏاڙيل سان ڪچي ۾ ڪچهري ڪئي،

ڪيس هارين جي حال ۽ حقن نہ ملڻ جو ڏاڍو درد هيو.

اهو ڏاڙيل علائقي ۾ هارين سان انصاف ڪرڻ لاءِ مشهور هيو.

جنهن بہ ڪري تي قبضو ڪندو هيو، رڳو زميندار جو حصو ڪٽيندو هيو.

ها باقي جنهن ڳوٺ جي پر ۾ رات پئي، اتي رات ملهائيندو هو.

چوندو هو وڏيرن ڪي نٿا جهلن، اسان ڪهڙو ڏوهہ ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اجُڪو

سنڌ ۾ بئراج ۽ نهري نظام انگريز سامراج هتي جي زرعي استعداد کي لٽڻ لا ۽ قائم ڪيو. ڪجھ ناعاقبت انديش انهن آقائن جي تعريف ڪندي ناهن ٿڪبا .جن سنڌو ۽ جو اهو درياهي اچ وڃ جو سڄو نظام برباد ڪري ڇڏيو.

ياد رکجو انهي ساڳيَ دور ۾ انهن پنهنجي ملڪ ۾ اهو نظام قائم ڪيو هيڪو اڄ سوڌو موجود آهي.

سنڌو درياهه ۾ پاڻي ۽ وارا جهاز 'ٻيڙا 'هلندا هئا. اهي سنڌ مهاساگر جي بندرن، ڪيٽي بندر ۽ شاهه بندر تان سازوسامان توڙي انساني چر پر لا ۽ استعمالَ ٿيندا هئا.

سنڌو ندي ۽ جي بندرن 'جهرڪ'، 'سونڊا'، 'گدو'، 'آمري'، 'سيوستانَ'، 'دادو'، 'چڪرو' 'ويهڙ'، 'ڪاراٽي'، 'ٻلهڙيجي'، حسن واهڻ، 'عاقل'، 'سکر'، 'روهڙي هزارين بندر هئا جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

وسيلي ڏيهه اندر توڙي ڏيها ڏيهي وڻج واپار ٿيندو هو.

سنڌوءَ ڪناري مشهور واپاري مرڪز ايئن هوندا هئا جيئن اڄڪلهه ڪا 'برانڊ' هجي

'سيدپور"، 'خيرپور'، "شاهه جمالَ"، 'ڪوٽڙي" ان وقت جا واپاري دڪا "برانڊ "آهنَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ساروٽيون

سنگت جي اڪثريت جڏهن چانڊڪا ۾ پڙهائيءَ ۾ مگن هئي. اسان وري سياست ۾ مگن هياسين، سال به وڃايو. لطيف ميڊيڪوز، ايس اين ايس ايف، سنڌي ادبي سنگت چانڊڪا شاخ، ڊي ايس ايف. شاعري، تنقيدي نشستون، ادب، سياست، تقريربازي، ڊبيٽ بس، اهي ئي ڪندا رهياسين. ميڊيڪل جا ڪتاب رڳو امتحان ڏيڻ لاءِ پڙهياسين.

جڏهن وڃي گريجويشن ڪئيسين ته هائوس جاب مڙئي عزت پريو ڪيو، ڪجھ سکياسين. وري سٽت ئي، سرڪاري نوڪري ملي وئي، ڪجھ عرصي ڪانپوءِ چانڊڪا ۾ موٽي اچي ماستر ٿياسين. اتي وري ماسترن جي تنظيم چانڊڪا ٽيچرس ايسوسيئيشن قائم ڪئي. جن ڏينهن ۾ سنگت ڪلينڪن يا ڪلينيڪل پوسٽ گريجويشن طرف پئي وئي مون به چائيلڊ هيلٿ ۾ ڊپلوما ڪئي پر بعد ۾ سمجھ ۾ آيو ته دڪان تي ويهي ڪنهن ٻار جي بيمار ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ منهنجي وس ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي. پڄڻ ڪم وريام جو جي مصداق ڪلينڪل سائيڊ کي خدا حافظ چئي پبلڪ هيلٿ ڏي هلي پياسين. ان ڪانپوءِ وري اڳتي پڙهائيءَ ڪرڻ جي ڪڍ لڳاسين هيلٿ ۾ ماسٽرس ڪري ورتي. ادب ۽ سياست ته ڪاليج ڪان وٺي گڏ هيو، ان ۾ وري سائنس، صحت، صحت جي سياست، صحت جي معاشيات، سماج جي صحت ۽ سوشل سائنس به شامل ٿي وئي.

جڏهن سرڪاري نوڪري ڪرڻ جي قابل نه بچياسين ته ان کي به الله حافظ چئي هيلٿ سروسز، اڪيڊمي، آغا خان يونيورسٽي، سي پي ايس پي جهڙن تعليمي ادارن ۽ اقوام متحده جي ادارن يونيسيف، يو اين ايف پي اي، ڊبليو ايڇ او، ورلڊ بئنڪ جڳهه ڏني. اتي وري هيلٿ، اڪانامڪس، سياست ۽ ڊپلوميسي جي خبر پئي. پوسٽ گرجويٽ سطح تي پڙهائڻ لاءِ وري ڪجهه گهٽو. ئي پڙهٽو ٿو پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

هاڻي سنگت کي اسان مان اميد آهي ان پراڻي هم ڪلاسي، دوست يا واقفڪار جهڙي جيڪو پوئين بئنچن تي خاموش ويٺو هوندو هيو. سندن اميدن جي برعڪس جيڪا فخر، پڪ ۽ مهارت سان ڳالھ پيش ٽا ڪريون، ان کي هو وري ڪجھ ٻيون سمجهي پنهنجي ڪاوڙ ڪڍڻ ۾ دير ئي نٿا ڪن.

هاڻي ڪجي تہ ڇا ڪجي حق سچ جو ساٿ تہ ڏيڻو پوندو. باقي رهيا رنل انهن کي بہ پرچائيندا سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاگرد يونين

منهنجو 1978 کان 1981 تائين ڏگري ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو جي شاگرد يونين ۾ متحرڪ هجڻ جو تجربو آهي. ضيائي مارشل لا دوران ٻه 3 دفعا چونڊون ٿيون هيون، ليڪن جمهوريت دوست ڌرين جي ڪاميابي، شايد اقتدار ڌڻين کي قبول ڪونه هئي پهريان تعليمي، ادارن ۾ هٿيار آيا پوءِ بندش انڪانپوءِ جرمَ

مان هيٺين نقطن سان متفق ناهيان.
1. شاگرد يونينز شاگردن جي تعليمي مسئلن ۽ مجموعي تعليمي صورتحال سان لاڳاپيل سوالن تي جدوجهد ڪرڻ بجا ء مکيه .سياسي تنظيمن جي معاملن ۾ وڌيڪ سرگرم رهيون.

2.انهن تعليمي ادارن ۾ تعليمي چٽا پيٽي ء وارن معاملن جهڙوڪ تعليمي نظام/ معيار، ڪورس، فين، هاسٽلن وغيره کان .وڌيڪ وڏن سياسي معاملن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حسڻ واھڻ ڍنڍَ

حسڻ واھڻ ڍنڍ، اسان جي ڳوٺ حاجي لعل بخشَ شيخ غلط العام ٻلهڙيجي کان 3 يا 4 ڪلوميٽر ڪن اتر اوڀر ۾ هوندي هئي جنهن کي هاٽي سنڌو درياهه پائي ويو آهي.

مون اها ڍنڍ ننڍي هوندي ڏٺي هئي . 1974 ۾ جڏهن مانَ مڊل اسڪول مهين جي دڙي ۾ انين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس تڏهن شايد آخري دفعو اسان اسڪولي ٻار، ڪجھ فنلينڊ جي سياحن سانَ گڏجي گهمڻ ويا هئاسين.

مهين جي دڙي تي ايندڙ سياح جيڪي ضيائي مارشل لا کان اڳ جهجهيَ تعداد ۾ ايندا هئا انهن لاءَ حسڻ واھڻ ڍنڍ ٻيڙي ۾ گهمڻ لاءَ هڪ وڏيڪ ماڳ هوندو هو جيتوڻيڪ ڍنڍ تي هڪڙو ننڍڙو اڪولتو 5 کان 10 ماڻهن جي سواري ءَ لائق ٻتيلو هوندو هو. ان کان علاوه بند جي اندر ڪچي ۾ هڪ ڪوهه تي ٻڏل نار هوندو هيو ۽ حسڻ واھڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ڳوٺ ۾ ڪنيرن جي آوي پڻ سياحن جي دلچسپي ۽ جو مرڪز هوندا هئا.

ڊنڊ ۾ ڳڙهي تَوَڙي چاڻ سان مڇي مارڻ پڻ سياحن لاءِ دلچسپ نظارو هوندو هَوَ. حسڻ واهڻ ڳوٺ اڄڪلهه اڏ بند جي اندر آهي ۽ بعد ۾ بند جي اولهه طرف مهين جو دڙو ايرپورٽ جي اوپر اتر ۾ وڏيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چئوماسو

ميگهه برسارو, شهر جون گهٽيون, گهٽين ۾
بيٺل مينهن جو پاڻي . ڪالم نگار،صحافي,
رٽائر پروفيس, ڊاڪٽر،انجنيئر, وڪيل,
سياسي رهنما, قومي ڪارڪن, دوڪاندار.
ٻار، ٻڍا، عورتون، مرد مطلب هرڪو پريشان.

ڪالم نگار پروفيسر پنهنجي گهٽي ۾
نهيل قبضي واري بيٺڪ وٽ پئي ٻڌايو ته
بي ايمان ڪائوسلر، ٽائون ڪميٽي جي
نالائق چيئرمن ۽ بدڪردار ميئر جي ڪري،
اسان جو پاڙو ٻڏي ويو آهي انڪري ايندڙ
اليڪشن ۾ اسان ڪي ووٽ نه ڏيڻ گهرجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪٽڪ ۽ ٻير

ڪٽڪ جي فصل ۾ بيٺل ٻير ڏوٽيءِ ٻير ميڙڻ
مهل جڏهن هاري اچي ويندو هيو ته ان وقت
ٻير ميڙڻ وارن ٻارن ۽ هاريءَ جي حالت رڳو
ياد ڪري سگهجي ٿيءِ

بيان ڪرڻ مشڪل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀٽائي ميوزم ڀٽ شاهه

ڀٽائي ميوزم ڀٽ شاهه تي 26 مارچ 2019 پنهنجي ٻارن کي ڀٽائي جي سُرَ ڪاپائتي جي باري ۾ پئي ٻڌايم تہ، هن راڳڻي ۾ ڪيئنَ ڀٽائيءَ ڪپهه ڪان پرتَ تائين جا سيئي مرحلاَ بيان ڪندي، انَ ۾ هارياڻي توڙي هنرمنَد عورتَ جو عڪس چٽيو آهي.

ايئن ڪندي اتي موجود ثقافت کاتي جو هڪ ملازم وارد ٿيو. چيائين اهو غلط آهي."سرڪار هنَ ۾ نبي پاڪ ۽ اللهَ تعالا جو ذڪر ڪيو آهي."

مون وراڻيو "توهان کان ڪنهن پڇيو" همراهه ڪاوڙجي پيو.

ثقافت کاتي کي گهرجي تہ ميوزم اندر ڪنهن کي اها اجازت نہ ڏين جو ڀٽائيءَ جي پيغام کي پنهنجي ڪم علمي جي ور چاڙهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳوٺ سڌار

اسان جڏهن ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي تڏهن ميڊيڪوز جو رواج هو. ضيائي مارشل لا ۾ ڳوٺ سڌار تحريڪ جي نالي واري هڪ تنظيم جوڙيَ ڪجھ سياسي ڪارڪنن کي جزوقتي روزگار مهيا ڪيو ويو. مشرفي مارشل لا ۾ وري سول سوسائٽي ڦٽي نڪتي، ترقي جي نالي ۾َ سياسي ڪارڪنن کي ڪاروبار جو ڏس مليو. اڄڪلھ مارشل لا ظاهر ته ڪونہ ٽي آهي پر تبديلي پسندن کي سياسي نبض جانچڻ لا ءَ لڳي ٿو ميدان ۾ موڪليو ويو آهي. شروعاتي مُهرن مان هڪڙي اڄڪلھ سٽيي عهدي تي موجود آهي، باقي واري جو انتظار پيا ڪن.

اسان مان ڪيترن کي شايد اها خبر نہ هجي . ڳوٺ سڌار تحريڪ ون يونٽ ۽ ايوبي آپيشاهي جي بيسڪ ڊيموڪريسي واري نعري جو حصو هئي. جنهن کي وري ضيائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوَرَ ۾ جياريو ويو هو. سنڌ ۾ مختلف وقتن تي ڳوٺ سڌار جي عنوان تحت سرڪاري سرپرستي ۽ ۾ غيرسياسي تحريڪون برپا ڪرڻ جو ڪوششون. ڪهڙن سببن ڪري ناڪام ٿيون. انهن سيني جي پس منظر تي ڪا مستند تحقيق جيڪڏهن ڪنهن دوست جي نظر ۾ هجي تہ مهرباني ڪري ونڊ ڪري

ڳوٺ سڌار، سنڌ سڌار تحريڪ[1],

ڪراچي لوڪل گورنمنٽ,

ڳوٺ سڌار هلچل[2] برٽش سنڌ 1938

ڳوٺ سڌار تحريڪ - ايوبي مارشل لا 1960

---

[1]http://drpathan.com/index.php/1929

[22] http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/History/Book67/Book_page10.html



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳوٺ سڌار سنگت - ضيائي مرشل لا 1980

نوٽ : 1980 ۾ قائم ٿيل ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجي، جنهن جو مان فائونڊر جوائنٽ سيڪريٽري هيس، ان جو مٿي ذڪر ڪيل تحريڪن مان ڪنهن بہ مرڪزي تحريڪ يا سلسلي جو حصو ڪونہ هئي .اها هڪ اڪيلي ڳوٺاڻي رجسٽرڊ غيرسرڪاري تنظيم .هئي جنهن کي، اڄاڻايل سبب تحت غيرموثر ڪري موت جي ننڊ سمهاريو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئتو ٢٠٠۴ کان ٢٠٠٧

District Program Officer MoH-UNFPA, 7thCP.

مون 2004 کان 2007 تائين نئتي، ضلعي ۾ ڪم ڪيو.

1. 15 عدد سرڪاري اسپتالن ۾ ليبر روم جي مرمت، گهربل سازوسامان، بين الاقوامي معيار جا آلات ۽ دوائن جي بندوبست سان 24ڪلاڪ روزانو، هفتي جا 7 ڏينهن خدمتون آچيندڙ ويم گهر قائم ڪرايا.

2. ضلعي اسپتال ۾ آپريشن ٿيئيٽر قائم ڪري ويم جي آپريشن جي سهولت قائم ڪئي. اتي نشي ڏيڻ وارو ڊاڪٽر ۽ گائناڪالاجسٽ مهيا ڪئي.

3. ضلعي اسپتال ۾ ٻارن ۽ نوزائيده جي وارڊن جي مرمت ۽ گهربل سامان فراهم ڪرڻ ۾ هٿ ونڊايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. ضلعي اسپتال ۾ امرجنسي وارڊ، جنرل سرجري وارڊ جي مرمت ۽ ليباريٽري قائم ڪرڻ ۾ هٿ ونڊايو.

5. نرسنگ اسڪول جي مڪمل بحالي، پاڻيءَ جو بندوبست ڪري ان ۾ مڊوائفري اسڪل ليباريٽري قائم ڪرائي.

6. گائني ۾ پوسٽ گريجويٽ روٽيشن جي پنهنجي تصور کي آزمائشي طور لاڳو ڪيو.

7. ڊي ايچ او آفيس، ۾ دوائن جو گدام قائم ڪرايو.

8. ڊي ايچ ڊي سي ڪامپليڪس ۾ ڪانفرنس روم جي تزئين ۽ ان جي هاسٽل جي مڪمل مرمت ۽ بحاليءَ جو ڪم ڪرايو.

9. ليڊي هيلٿ ورڪرس کي وائرليس فونون ملڪيتي حقن سان ونرائي ڏنيون

9. ليڊي هيلٿ سپروائزرن کي موبائيل فونون مڪليتي حقن سان ونرائي ڏنيون.

10. ڊي، ايچ او کي ڊبل ڪيبن گاڏي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11. پاپوليشن ويلفيئر آفيسر کي سنگل ڪيبن گاڏي ڏياري.

12. پاپوليشن ويلفيئر طرفان "موبائيل سروس يونٽ" جو ڪامياب تجربو ڪيو، جنهن کي بعد ۾ سنڌ حڪومت جاري رکيو.

13. ٺٽي ۾ DTC, MMC, DHPMTجي ماهوار گڏجاڻين جو بنياد رکيو

14. چوڪرين جي 7 پرائمري اسڪولن جي مرمت ڪرائي استاد، فرنيچر، هاجت جي جاءِ ۽ چئو ديواريءَ جون سهولتون ڏئي تعليم جو سلسلو بحال ڪرايو .

15. ضلعي اندر 10 هاءِ اسڪولن ۾ لائبرريون قائم ڪرايون، انهن کي فرنيچر ۽ ڪتاب ونرائي ڏنا.

16. ضلعي حڪومت کي تعليم جو مهينو ملهائڻ لاءِ راغب ڪيو ۽ مدد ڪئي.

17. ضلعي ۾ 2 نان فارمل گرلس مڊل اسڪول قائم ڪرايا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18. مڪليءَ ۾ هينڊز ڪي ٽُڪَ جو هنري مرڪز کولڻ ۾ مدد ڪئي.

19. سجاول ۾ 'ڪارچيو' جو هنري مرڪز قائم ڪرايو.

20. ڪمپيوٽر سينٽر ميرپو بٺورو ۾ قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

21. سجاول ۾ آغا خان اسپتال ۾ هٿ وندايو.

22. پاڪستان ۾ پهريون پيرو "ڪميونٽي مڊوائفري" جي تصور تحت نصاب مرتب ڪرڻ، ملڪي، سطح تي پڙهائيندڙ عملي جي تربيت جو ڍانچو تيار ڪرڻ ۾ حصو وندرايو.

23..موجوده DHIS جي ترتيب ۽ فيلڊ ٽيسٽنگ ۾ حصو وندرايو.

24. ليڊي هيلٿ سپروائيزر جو تربيتي ڪراب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو.

25. ليڊي هيلٿ ورڪر ڪي انجيڪٽبل ڪنٽراسيپٽو استعمال ڪرڻ جي پروگرام جو بنياد وجهڻ ۾ هٿ وندرايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26. مقامي خاتون ڊاڪٽر، نرسون ۽ ايل ايڇ وي پرتي ڪرڻ جو تجربو ڪيو.

27. سجاول ۾ گهر تي وڃي ويم ڪرائڻ جو مرڪز قائم ڪيو.

28. ميرپو بٺورو اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو.

29. ميرپور ساڪرو اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

30. سجاول اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

31. گهارو اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

32. ٻگهاڻ اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

33. ڪيٽي بندر اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

34. جهوڪ اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

35. دڙو اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

36. ٻيلو اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

37. ٻنون اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو

38. جنگشاهي اسپتال جي آپريشن ٿيئيٽر، ليبر روم ۽ لاڳاپيل واردن جي مرمت، سازوسامان فراهم ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

افسوس اهو رهيو ته انهي عرصي دوران سواءِ پريس ڪلب ٺٽي جي نه ڪو سياسي نه وري سماجي گروهہ، تنظيم يا فرد لهه وچڙ ۾ آيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حمايت

ڪجھ سنگت کي اها غلط فهمي آهي تہ مان پ پ پ جي غيرمشروط حمايت ٿو ڪريان

جنهن جي وضاحت ضروري آهي مان جمهوري سياسي عمل ۾ سنڌ جي سرڪاري وسيلن جو حمايتي رهيو آهيان.. اوٿاين جي نشاندهي مون مالڪاڻي حق سان ڪئي آهي، دشمنيءَ ۾ نہ.پنهنجي روزگار ۾ پروفيشنل ذميوارين دوران مون ملڪ جي مڙني صوبن ۽ وفاق جي ڪم ڪرڻ جوموقعو مليو انهن جي ڪم ڪرڻ جو انداز، سنڌ جي مسئلن ۽ وفاق جي روئين کي ويجهڙائي کان ڏٺو آهي.

سنڌ جي موقف کي بہ ڏٺو آهي.

اهو چئي سگهان ٿو تہ ان کي مون عوام دشمن ڪڏهن ڪونہ ڏٺو.

رهيو سوال طرز حڪومت، پنهنجا نوازڻ ۽ ڪرپشن جو تہ اهو چوندو هلان مون سڀ پاڪستان ۾ ڪٿي بہ فرشتا ڪونہ ڏٺا. اهي سرڪار، اقوام متحده جا ادارا، غير سرڪاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

تنظيمون (جن کي عرف عام ۾ NGO چيو ويندو آهي) يا صحافي هجن. هر جڳهه تي حالتون کو چڱيون کونهن.

اهو اسان جو سماجي رويو بڻجي ويو آهي.

انهي سڄي صورتحال ۾ پاڪستاني وفاق اندر ننڍين قومن جو پرجهلو مون صرف پ پ پ کي ئي ڏٺو.

باقي توهان جو فيصلو

مون تي جهڙي بہ فتوا جاري ڪريو.

باقي رهيا الزام، اهي سڀئي اکين تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ميوزم

ڪالهه ١٥ نومبر ٢٠١٩ تي پرڏيهي مهمانن سان گڏ سنڌ ميوزم حيدرآباد وڃڻ ٿيو. چئوديواريءَ ۾ بند ميوزم واري حصي کي بهتر حالت ۾ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. جتي ترقياتي ڪم اڃا بہ جاري هيو. پرڏيهي مهمانن سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ کي بهترين انداز ۾ محفوظ ڪرڻ کي ساراهيو. مڱڻهارن جي مجسمن کي ڪپڙا ڏکڻ پنجاب جا پهريل هئا ۽ ڳچيءَ ۾ دهل بہ انهي علائقي جا هين.

ڪليل ميوزم[3] ۾ ترقياتي ڪم جاري هيو.اتان 'نارُ'، 'گهاڻو'، چيڪلو ۽ ٣ عدد خوبصورت اوائلي ٽري ڏاند ڳاڏيون منظر تان غائب ڏسي ڏک بہ ٿيو. اڳي هرٽيون بہ هونديون هيون، انهن جي جاءِ تي چنئورا نهيل هئا. جن کي بہ

---

[3] اوپن ايئر ميوزم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلف لڳل هئا جيڪي کولڻ وارو ٻه ڪونہ لڌو.

'لانڊيءَ' تي خبر ناهي ڪهڙي عقلمند، 'اوطاق' جو بورڊ هٽايو آهي. سامان سڄو هڪ 'گهر' جو رکيل هيو. تخطي وري اوطاق جي لڳل هئي.

مک دروازي جي سڄي هٿ واري پٽ تان هارپي جا 'اوزار' جهڙوڪ هر، ناڙي هر، ڏانداري وغيره پڻ غائب هئا. اتي تصويرون لڳيون پيون هيون.نارُ تہ غائب هيو پر کوھ کي ڏوڪيءَ سان پاڻي پرڻ واري چرخي هٽي، ٽري طرز تي ٺاهيو اٿن، هاڻ ان کوھ جي صفائي ڪير ڪندو؟ گندو پاڻي، مٿان پانت پانت جو ڪچرو، مڇرن جي هيڇري لڳي پئي هئي.

ڪليل ميوزم واري حصي ۾ هڪ 'ڪبڙ' جو خوبصورت وڻ هوندو هيو،جنهن مان پروڪي سال 'پيرون' ڪاڏا هئا، اهو بہ غائب هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تصوف

هن دور ۾ 'تصوف' جهڙي منجهيل فلسفي جي انڌي تقليد ڪرڻ دراصل مذهبي انتها پسند قوتن جي هٿن ۾ ڪيڏڻ جي برابر آهي.

مذهب جنهن جو ڪارج برابري ۽ صحتمند سماجي ترقي هجڻ گهربو هو ان کي انسانن خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي.

هاڻ جڏهن اها ڳالهه سڄ جيان هر عام و خاص تي عيان ٿي چڪي آهي ان وقت پرندڙ سرمائيداري نظام پاران هڪ نئون 'آفيم' وڏي زور شور سان 'تصوف' جي نالي ۾ متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش آهي.

ڪنهن بہ طريقي سان سماج کي ايئن پلايو جيئن ماڻهو روزمرهہ جي سماجي مسئلن تي سوچڻ ۽ ان لاءِ ڪنهن ڪارآمد سائنسي طريقي مطابق گڏيل جدوجهد ڪرڻ بدران اهڙي دڳ سان لڳل هجي جنهن جي منزل انفراديت، ذاتي سڪون، سماج کان لاتعلقي تي وڃي انت ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پاسي ـ تصوف جي نالي تي درگاهن ۽ انهن جي پيرن، خليفن، مجاورن توڙي نام نهاد فقيرن پاران "سماجي پيل" تي نظر ڊوڙايو.

ٻئي پاسي ـ ترقي پسند روشن خيال سڏائيندڙ انهن لکارين (جن کي مان جديد اداڪار طور سڃاڻندو آهيان) جون فتوائون پڙهو. انهن جو ڪهڙو ڏوهه پاپي پيٽ جو سوال آ روزي روٽي انهي پراجيڪٽ سان سلهاڙيل آهي.

ٽئين پاسي ـ ملڪي سرڪار سماجي پيچ ڊاهه، انتظامي نااهلي، مهاڪرپشن، اقرباپروري مطلب تہ هر قسم جي ڏوهه کي انهي نئين 'تصوف' جي پيڪنگ ۾ ڪپائڻ جي چڪر ۾ رذل نظر ايندي جتي گيڙو رومال ڳچي ۾ وجهڻ سان تعليم، صحت، پاڻي، روزگار مطلب سماج جا سڀ مسئلا پوئتي شخصي سڪون آدرش ۽ حاصلات ئي سڀ ڪجھ.

چوٿين پاسي ـ عالمي سرمائيداري اسٽيبلشمينٽ آمريڪا جي قيادت ۾ پنهنجي سفارتخاني طرفان 'صوفي' شامون ملهائڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏاوڏا پراجيڪٽ نوازي ترقي جي خواهشمندن (جيڪي اڄڪلهه پاڻ کي ترقي پسند ٿا چورائن) کي ميدان ۾ لاتو آهي جيئن سماج جي اجتماعي سوالن کي انفرادي سڪون سان زائل ڪري سگهجي.

هر طرف توهان کي انهن ملڪن (جيڪي دنيا اندر هڪ طرفي جنگين ۾ رذل آهن) طرفان صوفي ڪانفرنسون، راڳ رنگ جون محفلون، اخبارن ۾ اسپانسرڊ مضمون، ايستائين جو بلاگ پڻ ڪنهن نه ڪنهن پراجيڪٽ جي ڪارڪرگي طور لکيا ٿا وڃن.

اهو ايئن آهي جيئن ڪنهن مهلڪ مرض جي مريض کي صرف مٿي جي سور لاهڻ لاءِ ترت اثر ڪندڙ دوا ڏئي عارضي طور مٿي جي سورڪان ڇوٽڪارو ڏيارجي نه کي مرض کان.

انهن سيني ساٿين تي جن کي هن سڄي ڪيڏ کي سمجهڻ جي سگهه آهي اهو لازم آهي ته نوجوانن جي رهنمائي ڪن ۽ 'تصوف' کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجن اندر نئون "آفيم" ڪري استعمال
ڪرڻ جي انهي عمل کي بي نقاب ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سَتوُ

ڪرپشن تي پانت پانت جا مثال، تبرا ۽ سوال ڪرڻ جو مطلب ٿيندو "اسان سڄي عمر 'ڪڏي' ميڙيندي گذاريندا سين" ڪڏهن به فصل، لاب ۽ لاپي جو نہ سوچيندا سين.

ڪرپشن تہ اسان جهڙن ملڪن ۾ مروج معاشي نظام جي پيداوار آهي. اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو جو اسان پوڪيئون 'جوئر' ۽ ٻنئيءَ مهل فرمائش ڪريون 'ڪڻڪ' جي. جيستائين اسان پنهنجي ملڪ جي معاشي نظام اندر موڙيءَ جا اصول، سرمائيڪاري ۽ سرمائيداري، پورهيئي، لياقت ۽ اجوري جا مروج اصول نہ بدلائيندا سين 'ڪرپشن' موجود رهندي.

جديد سرمائيداراڻي معيشيت ۾'جنگ'. ڪاروبار، 'مذهب' ۽ "قومپرستي" . سَتوُ، ۽ ٻئنڪون . هٿيار طور استعمال هيٺ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## برابري يا سراسري

برابري[4]هڪ اهڙو مفروضو آهي جنهن جو مطالبو ڪندڙ اصل ۾ لڪت ۾ تسليم ڪندا آهن تہ "اسان سماج ڪي سمجهڻ ڪان قاصر ۽ پليل آهيون"

سماج ۾ جنهن جي روئيي جي سخت اڻاٽ آهي ۽ جنهن جي پوئتي پيل طبقن کي اشد ضرورت آهي، اهو آهي سراسري[5]

سراسريءَ جو مطلب آهي، سماج ۾ موجود "پوئتي رهايل طبقن بشمول عورت" کي اهڙو ماحول ۽ موقعو فراهم ڪجي جيئن اهي سماج ۾ پاڻ پرا ٿي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي، خودمختيار ۽ با اعتماد شهري بڻجي سگهن. جيستائين اسان باقي منزلون ماڻيون، تيستائين منهنجي نظر ۾ 'تعليم' اهڙو

---

[4] equqlity

[5] equity



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

وسيلو آهي جنهن سان سماج ۾ موجود، اٽبرابريءَ جي عذاب کي ختم نہ تہ گهٽ ڪري سگهجي ٿو.

رڳو نمائشي قدم کڻڻ سان شايد ئي ڪو ان جڳڙو ڳنڀير مسئلو حل ٿئي. ان لاءِ گڏجي ڪو اهڙو طريقو ڪڍو جو اسڪول کان ٻاهر ٻار، بنا ڪنهن صنفي متڀيد جي اسڪول ۾ داخل ٿي سگهن.

ان لاءِ عوام جي ملڪيتي ادارن جن کي غلط العام سرڪاري چوندا آهيون، ۾ پنهنجا ٻار بہ داخل ڪرايو ۽ انهن ادارن خلاف اجائي مهم پڻ بند ڪريو. جيئن ماڻهن جو انهن ادارن تي، اعتماد بحال بہ ٿئي ۽ پختو بہ ٿئي. جيڪڏهن ڪي ڪمزوريون آهن تہ اهي شموليت سان دور ڪري سگهبيون.

وڏيڪ نئو پڇي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي گهر کان شروع ڪريو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هولي ـ سنڌ جو زرعي تهوار

سنڌيءَ ۾ ڪٽڪ جي داڻي جي ابتدائيح شڪل کي "هولو" چوندا آهن. ان وقت داڻي جو رنگ ڪٽڪائون ٿي ويندو آهي ۽ لذت اچي ويندي اٿس. ان حالت ۾ داڻو نرم ۽ رسيل هوندو آهي. شڪل بلڪل ڪٽڪ جي داڻي جي وني چڪو هوندو آهي. بس رس سڪڻ جي دير هوندي آهي. سڪل رس واري حالت ۾ داڻو نرم هوندو آهي ۽ ان وقت سنگ کي "آيون" چئبو آهي

ڪٽڪ جا هولا هٿ جي ترئيءَ تي مهٽي ڦوڪ ڏئي ڪچا کائبا آهن ۽ آيون وري باهه تي سيڪي يا پچائي ترئيءَ تي مهٽي ڦوڪي کائبا آهن.

اسان ٻاراڻي توڙي جوانيءَ ۾ اهي. ٻئي مزا ماڻيا آهن

ڪونج ڪٽڪ جا هولا ۽ آيون کهڙي ڳالهه ڪيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

هي تهوار هاري پنهنجي ڪٽڪن ۾ اَنُ (هولو) پچڻ جي خوشيءَ ۾ ملهائيندا هئا جنهن هاريءَ جي ڪٽڪ ۾ هولا تيار ٿيندا هئا ان کي داڻن جو آسرو هوندو هو. هتان جا اڪثر شهري غير مسلم هئا ۽ هندستان جي اڪثر مسلم اڪثريتي علائقن ۾ اها رسم ڪونہ هئي انڪري ٻاهران آيل ماڻهن لاءِ هي تهوار اوپرو هيو نتيجي ۾ اسان جي زرعي تهوار کي مذهبي رنگ ڏئي پرائو ڪيو ويو

اچو تہ پنهنجا تهوار ورايون

نوان تهوار قائم ڪرڻ سٺي ڳالھ آهي پر پراڻن کي ياد رکڻ پڻ اسان جو فرض آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عوام دوست انقلاب

سرمائيدارڻين جمهوريتن مان اليڪشن ذريعي عوام دوست انقلاب لاطيني آمريڪا ۾ تہ برپا ٿيندي ڏٺا آهن. باقي اسان جي ايشيا ۾ ڪو مثال ڪونهي. ايستائين جو ڪيرالا بہ بنياد پرست فتح ڪري ويا.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ مڊل ڪلاس جو ڪردار اسان وٽ ڪهڙو رهيو آهي؟

جواب ملندو سدائين مايوس ڪندڙ.

هن وقت جي سڀ کان وڏي گهرج آهي تعليم . ان لاءِ منظم ٿيڻ ڪانسواءِ فيس بوڪ جي سراب ۾ ڪو نتيجو نڪرڻ وارو ڪونهي. وڌندڙ بي هنگم آبادي، نيون نيون بيماريون، کاڌخوراڪ جي اڻاٺ ۽ نئين ٽيڪنالاجي جي منفي اثرن کان صرف ۽ صرف تعليم بچائي سگهي ٿي.

تعليم رياست طرفان مفت فراهم ڪئي پئي وڃي. ان جي معيار کي بهانو بڻائي ٻارن کي سرمائيداري جي ڪوڙڪي خانگي اسڪولن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

حوالي ڪرڻ واري عمل جي رستا روڪ ڪرڻي پوندي.

چال ڏئي منزل تي پهچڻ واري روئيي کي پڻ مسلسل جدوجهد ۽ عمل سان تبديل ڪرڻو پوندو.

پنهنجي، اسڪولن، اسپتالن، راندين جي ميدانن، وڻن، رستن مطلب جنهن کي سرڪاري تا چئون ان هر ملڪيت جي مالڪي ڪرڻي پوندي،

شموليت سان، قبضي سان نہ.

منهنجي عقل مطابق اهو ئي مناسب حل آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پروفيشنل

جن صرف 'سَنَدَ' حاصل ڪئي آهي.

اهي مستري ٿيڻ تيار ٿيا آهن.

جڏهن سيڪڙات طور ڪم شروع ڪندا تہ اڳتي هلي 'مستري' ٿيندا. پنهنجي فن کي وڌيڪ نکاري ڪاريگر[6] ٿيڻ لاءِ کين پنهنجي لاڳاپيل شعبي ۾ وڌيڪ علم ۽ ڄاڻ پڻ حاصل ڪرڻي پوندي ۽ گڏوگڏ عملي ڪم[7] ۾ گهربل سطح جي مهارت[8] حاصل ڪرڻ لاءِ محنت بہ ڪرڻي پوندي.

جيڪڏهن رڳو 'سند' جي زور تي قائم رهيا تہ سڄي ڄمار 'سيڪڙات' رهجي ويندا.

---

[6] professional

[7] skills

[88] competence



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'ويج' ٿيڻ تہ درڪنار، مورڳو 'ڪويج' ٿي پوندا.

خدمت ڪان ڏنڌي جو سفر:

تعليم (پاڙهڻ) ۽ صحت (علاج يا ڪنھن مريض جي سارسنڀال ڪرڻ) جڏهن ڪان سرمائيداريءَ جي مھربانيءَ سان "خدمتن" مان منجي 'ڏنڌا' ٿيا.

اسرندڙ ملڪن(سماجن) ۾ پنھنجي وات وجائي وينا آهن. هاڻي نہ خدمت رهيا آهن ۽ نہ ئي وري ڪو ڍنگ جو ڌنڌو ٿي سگھيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پورائيءَ جا پال

زبان، نسل ۽ مذهب جي دڪانداريءَ ڪانپوءِ اڄڪلهه وري سنڌ کي سرمائيداري[9] جو وکر پيو آڇجي. جنهن سرمائيداريءَ دنيا کي تاراج ڪيو آهي، اها سنڌ کي کهڙا هار پارائيندي.

زرعي سماج جڏهن صنعتڪاري[10]ءَ کي هٿي وٺائي صنعتي سماجن ۾ تبديل ٿيندا آهن تڏهن سماجي ترقي ٿيندي آهي ۽ سماج ۾ صنفي برابري، تعليم، صحت، روزگار جا وسيلا، روزبروز جون سهولتون(جن کي 'مڪاني' سهولتون چيو ويندو آهي) وغيره اجتماعي طور ميسر ٿينديون آهن.

اها ساڳي صنعتڪاريءَ واري سماجي ترقي جڏهن سماج بدارن چند هٿن ۾ موڙيءَ جي

[9] capitalism

[10] industrialization



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

شڪل ۾ قيد تي سرمائيداريءَ ڪي جنم ڏيندي آھي تہ سماج لوڙيندا آھن.

سنڌ ڪي سرمائيڪاري[11] ۽ صنعتڪاريءَ طرف سوچڻ گھرجي, گڏيل سرمائيڪاريءَ کي ھٿي ونرائڻ گھرجي ۽ سرمائيداريءَ کان هوشيار ھجڻ گھرجي.

جنھن سرمائيداريءَ دنيا کي تاراج ڪيو آھي، اھا سنڌ کي ڪھڙا ھار پارائيندي.

[11] Investment



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سرمائيداريءَ جي عينڪ ۽ زرعي سڌارا

سرمائيداريءَ جي عينڪ سان زرعي سڌارا ڪڏهن بہ بهتر قدم ڪونہ لڳندا. ان لاءِ ان هاريءَ جي دماغ سان سوچڻو پوندو جنهن جنمن کان ٻئي جي ملڪيتي ٻنيءَ تي هارپو ڪيو آهي.

ايتري تائين جو جنهن گهر ۾ هو رهي ٿو اهو بہ ڪنهن ٻئي جي ملڪيتي ٻنيءَ ۾ آهي ۽ جڏهن چاهي ڪانئس خالي ڪرائي سگهي ٿو.

هو جيڪڏهن پنهنجا ٻار اسڪول موڪلڻ بہ چاهي تہ اهو سندس وس ۾ ڪونهي.

استحصالي روايتن موجب هاري ٻارين ٻچين غلاميءَ جي حد تائين نہ رڳو ٻنيءَ ۾ پر زميندار جي گهر بہ ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور آهن.

سندن واحد ملڪيت پيٽ ڄاون ٻارن جو تعداد آهي، نتيجي ۾ مختصر خاندان جڻ ديواني جو خواب تي وڃي ٿو. غربت، ٻارن جي گهڻائي، زال جو هرسال ڳورهارو ٿيڻ، ٻارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

۾ نہ هجڻ جهڙو وقفو وري بيمارين جو گهر بڻجيو وڃي.

هاريءَ جي خالي 'گندي' ان جو ثبوت آهي تہ هو پنهنجي ڪائڻ جيتري بہ اپت ڪونہ ٿو ڪٽي.

پئسي وارن فصلن مان ڪيس هارپو ڪونہ ٿو ملي، زميندار جي منشا مطابق مزدوري ملي ٿي جيڪا ڪنهن بہ لحاظ کان نام نهاد 'مارڪيٽ' جي اڳهہ کان گهڻو گهٽ هوندي آهي.

سنڌ ۾ موجود بک، بدحالي ۽ غذائي ڪمي کي منهن ڏيڻ لاءِ بي زمين هارين کي جيڪڏهن 16 ايڪڙ مالڪاڻي حق ۽ هارپي جي شرط تي ملن ٿا تہ ان سان 'غربت' ۾ گهاريندڙ هارين جو پلو ٿيندو.

باقي زرعي سڌارن کي جيڪڏهن چڙواڳ سرمائيداري [عالمي مارڪيٽ] جي نظر سان ڏسبو تہ اهو عمل سماج دشمن ئي نظر ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زرعي سڌارن جو اهو مطلب ڪڍڻ تہ رڳو زمين جا ڪاغذ ڪنهہ هاريءَ هي نالي منتقل ٿيندا مناسب ڪونهي.

زرعي سڌارن ۾:

1. زمين جو حق ملڪيت
2. پاڻ هارپي جو شرط
3. فصل جي چوندڊ ۾ سهائتا
4. مارڪيٽ تائين رسائيءَ جو نظام
5. ٻارن جي تعليم جو شرط
6. صحت ۽ تعليم جون جوڳيون سهولتون
7. نوان هارين جا مثالي ڳوٺ آباد ڪرڻ
8. هارين کي تنظيم جو حق ڏيڻ
9. بنا وياج جي ٻج ۽ زرعي ٽيڪنالاجيءَ تائين رسائي
10. گڏيل [اجتماعي] هارپي [ڪاشتڪاري] جي تربيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⑪ گڏيل ميويدار وڻن جا جهنگ پوکڻ جي تربيت

⑫ گهرو 'واڙيون' پوکڻ جي تربيت

⑬ پاڻيءَ جي بهتر استعمال جي تربيت

هيءَ تصوير جنهن ۾ هاريءَ جو سمورو ڪٽنب تنهڻ اس ۾ ڪٽڪ جي لاباري تي آهي ان استحصال جو هڪ نمونو آهي، جنهن کان ڇوٽڪاري جو واحد حل زرعي سڌارا آهن. زرعي سڌارن کي روڪڻ جا ڄاڻندي ءِ اڻڄاڻائيءَ ۾ ٿيندڙ جتن ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ اهو ضرور ثابت ڪن ٿا تہ اسان مسئلي کي اڻڏريو ٿي سمجهڻ بدران مٽاڇرو ڏسي ان تي قلم کنيو آهي.

هونءَ بہ طبقاتي سماج ۾ هاري، مزدور ۽ عورت تي تنقيد ڪرڻ سولو ۽ انهن جو پاسو کڻڻ ئي ڏکيو آهي. ساڻن گڏ ٻيهڻ چڻ ناممڪن ٿيو پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدني

ڪورونا جي ڪووڊ ـ ١٩ قسم طرفان برپا ڪيل عالمي وبا جتي ملڪن جي صحت جي سهولتن واري معاملي ۾ پت وائکي ڪئي آهي، ايتري تائين جو اسپين صحت جي خانگي ادارن کي وبا جي ڏينهن لاءِ قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو آهي.هن عالمي وبا سرمائيداري معيشتن کي هر شهريءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدنيءَ جو رياست طرفان بندوبست ڪرڻ ۽ ضمانت ڏيڻ جو تصور پڻ اجاگر ڪيو آهي.

ان وقت جڏهن پوري دنيا جا معيشتدان، سياسي ڪارڪن، مزدور تنظيمون سوشل سيفٽي نيٽ تحت سماج جي هيٺئين پرت کي ملندڙ مالي سهائتا کي گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدنيءَ ۾ بدلائڻ جي گهر ڪري رهيا آهن، ان وقت سنڌ جو نام نهاد ساڃاهه وند وري ملڪ ۾ رياست طرفان انهيءَ سوشل سيفٽي نيٽ تحت ملندڙ پيڳڙن مٺ واري مالي سهائتا کي ڪڏهن 'پنڻ'، ڪڏهن 'خيرات' يا وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري 'امداد' ڪوني سنڌ ۾ هلندڙ آيوڊين جي گهٽتاميءَ جو ثبوت ڏيڻ ۾ ڪوشان آهن.

رياست طرفان سوشل سيفٽي نيٽ تحت ملندڙ مالي سهائتا کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ انهن بي پهچ خاندانن جي تضحيڪ ڪرڻ ڪٿان جي ساجاهه وندي آهي.بجاءِ ان جي جو ويهي ماڻهن تي چٿرون ڪجن، انهن خاندانن مان انهن فردن کي جيڪي اڪثر عورتون آهن، ڪنهن تنظيمي رابطي جي شڪل ڏيڻ جي ضرورت آهي جيئن ڪين اها مالي سهائتا گهر ويني ڏياري سگهجي ۽ ان جو مقدار رياست طرفان مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ ماهوار اجوري جي برابر ڪرائي سگهجي.

انهن خاندانن کي عوام جي ملڪيتي (سرڪاري) صحت ۽ تعليم جي سهولتن مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي. خاندان جو حجم مناسب رکڻ جو شعور، ادراڪ ۽ سهولتون حاصل ڪرڻ جي آگاهي ڏجي. اسان انهن لاءِ بدزبان استعمال ڪري ڪين پاڻ ڪان پري ڏڪي رهيا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سرمائيداراڻوسماج ۽ ڪرپشن

سرمائيداراڻي سماج ۾ معاشي سرشتي جو بنياد ئي ڪرپشن تي ٻڌل آهي. ان مان سماجي، معاشي يا طبقاتي انصاف جي اميد رکڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي.

جڏهن اسان جهڙن سرمائيداري معيشتن وارن ملڪن جو مالياتي نظام موڙي ء[12] ۾ واڌارو ڪرڻ تي ٻڌل آهي. رياستون، مرڪزي بئنڪون ۽ حڪومتون سرمائيڪارن کي اهو واڌو لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ نہ رڳو همٿائين پر مناسب ماحول بہ مهيا ڪن تہ انهن سماجن مان هر طريقي سان منافعو يا فائدو حاصل ڪرڻ يعني ڪرپشن ڪيئن ختم ٿيندي.

ڇا اهي ملڪ، سماج، حڪومتون يا رياستون اهو چاهينديون تہ هر حقدار کي پنهنجو مناسب حق ملندو رهي، جنهن کي "لياقت

---

[12] capital



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهر پورهيو ۽ پورهيئي آهر اجورو" چئبو آهي. ڪڏهن به نہ ـ

ان جو مطلب تہ 'ڪرپشن' ختم ڪونہ ٿيندي، رڳو عام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ استعمال ٿيندي.

ڪجھ ناعاقبت انديشن کي شايد اهو احساس ئي ڪونهي تہ 1973 جي آئين ۾ 18 ترميم جي طفيل پهريون ڀيرو پاڪستان ۾ صوبن جي حيثيت وفاقي رياستن جي جڙي آهي. جنهن ۾ ملڪيتن جو حق، تعليم، صحت، امن وامان، ثقافت، سياحت، تاريخي ماڳ مڪان، آبي ۽ معدني وسيلا وغيره انهن جي عملداريءَ ۾ آيا آهن. اسان کي ساحلن جي مالڪي جو مطالبو ڪرڻ گهرجي جيڪو بلوچستان سالن کان ڪندو اچي. انهي ڪرپشن واري منفي پروپيگنڊا جو شڪار ٿي، 18 ترميم تان هٿ کڻڻ ايئن ٿيندو جيئن "ڏو دشمن جي گهر".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رينگٽ

سڄو ڏينهن رينگٽ پيو هلي، سڀ ڪامورا مسيت جو ڪڪ، سڀئي سياستدان چور، سياسي پارٽيون ڪرپشن جا ادارا، عوام نسورو ڇسو، بيوقوف.

بس، ادا، شڪر ڪريو هڪ اڌ رٽائر ٿيل ڪامورو ميدان ۾ رهنمائي لاءِ موجود آهي. ايئن نہ هجي تہ سنڌ جو الله واهي.

سياستدان تہ بقول عام آهن ئي خراب ڇا ڪيون آمرانہ دورن ۾ هڪ عجيب قسم جو رويو پيدا ٿيو آهي پر ٿوري نظر پنهنجي قطار تي بہ ڊوڙايو. منهنجو اشارو انهن عظيم ڪردارن ڏانهن آهي جيڪي ڌرتيءَ جي درد ۾ اڄڪلهہ دورن جي بيماري ۾ مبتلا آهن. جن ماڻهن سالن جا سال انهن سياستدانن جا جوتا ڪنيا ۽ ماڻهن سان بيواجبيون ڪيون، ڪرن پيا يا پنهنجي اولادن کي اهو نيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار پيا ڪن منهنجو مطلب سول سروس جا راشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامورا، راشي ڊاڪٽر، راشي انجنيئر، نااهل پروفيسر، پوليس وارا، اينٽي ڪرپشن جي نالي ۾ ڪرپٽ عملدار، بيضمير جج، ڏنڊوڙي اڳواڻ، لفافي ورا صحافي. ڪو رهجي ويو هجي ته معافي جو طلبگار. انهن سيني جا گفتا، ڌرتيءَ سان محبت، ڪرپشن تي ڪاوڙ پڙهي، ٻڌي ڪل ته نهيو ماڻهو روئڻ جهڙو به نٿو بچي.

سنڌ ۾ تابعداري رڳو جاگيردارن، وڏيرن ۽ پيرن جي ٺورئي ڪرٽي آهي. هتي ته سياسي رهنما، صحافي ۽ ليکڪ به پيرن کان وڌيڪ معتبر آهن. اهي ڪاٻي ڌر جا هجن، ساڄي ڌر جا، قومپرست هجن توڙي رٽائر ٿيل ڪامورا، سياسي رهنمائن، صحافين ۽ ليکڪن جي حال، ماضي، اولادن جي عياشين، سندن ڪرپشن، سياسي توڙي، ادبي بي ايمانين، ويساهه گهاتين ويندي سندن جنسي ڏوهن جو رڳو سوال ڪريو ته ڏنگجي ويندئو، ڇڻ ڪکر ۾ ڪڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آزاد معيشت

سنڌ جا ڪجھ اڪابر زرعي زرعي جنسن جي ڪليل واپار جي حمايت ڪندا رهندا آهن. سندن موقف رهيو آهي تہ سرڪار زرعي جنسن جا اگهہ بہ مقرر نہ ڪري، خريد ڪري مستقبل لاءِ گڏ ڪري بہ نہ رکي ۽ انهن جي آزاد تجارت هجڻ گهرجي.

ڪين گهرجي تہ گهڙي ڪن پنهنجي قبلي آزاد معيشت جي داعي سرمائيدار معاشرن، اولھ جي ملڪن ڏي ڪنڌ ورائي ڏسن. جن جو پڻ اهو ئي ساڳو موقف هوندو هيو.

اڄڪلھ آمريڪا، ڪئناڊا ۽ يورپي ملڪ 'ماسڪ' جي امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ تي ٿا وڙهن.

ڏچو انهي ڏينهن کان جڏهن وبائن سان گڏ ڏڪار بہ هوندو.

زرعي ملڪن جي پيداوار اها آزاد تجارت سڪ جي ڏينهن ۾ خريد ڪري ڪٽي ويندي، ڏڪين ڏينهن ۾ سڏ بہ ڪونہ ورنائيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ماٺهن کي گهرن ۾ 'اَنَ' جون 'گنديون' پري رکڻ جي صلاح ڏيو.

اڳهه جي آسري تي مستقبل جون ضرورتون نہ کپايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عورتن جي عالمي تحريڪ ۽ سنڌ.

سنڌ جي ماڻهن، عورتن توڙي مردن کي عورتن جي حقن جي عالمي تحريڪ، ان جي مختلف محرڪن، مختلف سماجن جي اندروني تضادن ۽ صنفي روين متعلق قراردادون، نعرا ۽ نظم پڙهي، سمجهي انڪانپوءِ پنهنجي سماجي مسئلن سان هم آهنگ ڪرڻا پوندا.

رڳو هل هلان ۽ انڌي تقليد سان جوڳو سماجي تحرڪ پيدا ٿيڻ ممڪن ڪونهي.

مثال: "منهنجو جسم، منهنجي مرضي"

هي نعرو پار ڪيرائڻ[13] جو حق گهرڻ لاءِ هنيو ويندو آهي.

---

[13] abortion



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منهنجو جسم، منهنجي مرضي

**جنس . اسم, جنس . صفت, جنس . فعل**

**–**

**رضامندي, راضپو, خاموشي, لاچاري**

**–**

**ماڻ, حاصل ڪرڻ, مزو وٺڻ, لوڙڻ**

**–**

**خوشي, تڪليف, بيوسي,**

**–**

**پرڻو, شادي, ڪاڄ, منادي**

**انهن سڀني لفظن ڪي مرد ۽ عورت جي نظر سان ڏسڻو پوندو**

**ان ڪانپوءِ خبر پوندي تہ "منهنجو جسم، منهنجي مرضي" جي مراد ڇا آهي. سمجھ ۾ اچڻ جي ضمانت نٿي ڏئي سگھجي.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو جو اسان جنهن سماج ۾ وڏا ٿيا آهيون ان ۾ عورت گگدام ڏسڻ جي عادت آهي.

## 8 مارچ

عظيم سنڌي ملا جن سان ڪالھ سڏڙيا ڪلهو ڪلهي ملايون بينا هئا انهن جڏهن پنهنجي ذات ظاهر ڪئي آهي تہ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ اهي سيئي جن ساٽن فوٽو ڪيرائي پنهنجي اسٽيٽس تي رکيا هئا، جيڪي انهن کي اپيلون ڪندا هئا، اهي سيئي گهٽ ۾ گهٽ معذرت تہ ڪن ۽ وچن ڪن تہ اڳتي ٻوليءَ جي بنياد تي ڪنهن بنياد پرست جي حمايت نہ ڪندا.

عورت جي حقن ڳالھ ڪندي عورتن خلاف ٽيندڙ صنفي متڀيد، سندس تعليم جي حق، مزدوريءَ عيوض اجوري جي حق ۽ مالڪيءَ جي حق کي بنيادي مطالبن ۾ شامل ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عورت جو موت

### سبب . خانداني ملڪيت

مرداڻي سماج ۾ عورت ڪهڙي ٻه طبقي جي هجي، ان جي حيثيت زرعي سماج جي 'ڪَميءَ' ڪان ڪجھ گهٽ ئي هوندي آهي.

[ڪمي] هاري، مزدور، ڪنير، حجم، واڍو، لوهر پر يار ويندي ويندي هڪ لاچار عورت سماج سان گڏ سنڌ جي صحت کاتي جي ٻه پٽ وائکي ڪري وئي.

جنهن اسپتال ۾ ڪٽي، آيس، ان اسپتال ۾ نه ته ڪا عورت ڊاڪٽر هئي، نه ٿارچ، نه مناسب اوزار، نه وري موجود عملي ۾ جانچڻ جي صلاحيت.

سنڌي سماج عورت دوست ڪيئن ٿيندو

نالي چڙهيا ترقي پسند سمجهيا ويندڙ اديب ٻه جيڪڏهن اعلانيه عورت دشمن هوندا ته بنيادپرستن مان ڪهڙي اميد؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چوڻيون

### چيٽ چمڪيو نہ پلو

وٺو پلو نہ چيٽ،

راڄا رٺو نہ پلو،

سرتو پلو نہ سيٽ.

چيٽ ۽ چيٽ: سنڌي مهينن جا نالا.

سرتو: سنگتي.

١ - چيٽ جي مهيني ۾، آسمان ۾ ڪڪرن جو اچڻ ۽ کنوڻ کجي يا چمڪي تہ برسات جي لاءِ سٺو سنؤڻ ناهي.

٢ - چيٽ يا ويساک جي مهينن ۾ پيل برسات، ڏاڍو نقصان ڪندي.

٣ - راڄا، جيڪڏهن رُسندو تہ فائدي بجاءِ، نقصان ڪندو.

٤ - سيٽ راضي هوندو تہ وڏو نقصان آهي. ڇو جو ناراض هوندو تہ فقط قرض تي سامان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڏيندو. ان صورت ۾ ڏکيو سکيو وقت گذري ويندو. جيڪڏهن راضي هوندو ۽ گهٽي اوڏر ڏيندو تہ وياج چاڙهي لاهہ ڪڍي چڏيندو.

مطلب:

١ - متي بيان ڪيل چار ئي ڳالھيون، ڪنهن بہ صورت ۾ پليون ناهن.

٢ - چيتر چمڪيو نہ پلو، ويساک وٺو نہ پلو، سيٺ ٽوٺو نہ پلو، راجا رٺو نہ پلو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جي مينهن وسي چيٽ، تہ اَنُ نہ ماپي ڪيٽ

ڪڻڪون سنگ جهليون پيون جهولنديون آهن. جي اُن مُند ۾ پئي برسات تہ اَن جو داڻو ٿلهو ۽ وِتَ وارو ٿيندو ۽ فصل سنو لهندو.

ان ڪانسواءِ برسات جي ڪري زمينن کي قدرتي نموني نائٽروجن ۽ ٻيون ڪيميا حاصل ٿين ٿيون.

ڪيترا جيت جڻيا پڻ مرن ٿا، جيڪي ڪيتن لاءِ هاڃيڪار ۽ بيمارين جو ڪارڻ هوندا آهن.

چيٽ جي برسات سبب، جوئر ۽ ٻاجهر بہ جام پوکبي آهي. ان ڪري چيٽ جي برسات کي اَڻ مَئي اَنَ جو اهڃاڻ ڪري ڪوٺيو اٿن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## درياهي آمدورفت جو خاتمو

انگريز قابض هٿ وٺي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي قائم 'بندر' برباد ڪيا.

اسان ڪي جنهن ٻئراجي نظام جو سَٽُو پياريو ويو، اهو ناهڻ وقت موجود بندرگاهن جو ڪجھ بہ نہ سوچيو ويو، نتيجي طور اڄ اسان درياھ ۾ پاڻيءَ لاءِ مطالبا پيا ڪريون.

گهڙي ڪن سوچيو جيڪڏهن اهي تاريخي درياهي بندر قائم هجن ها تہ ڪنهن جي مجال هئي جو درياھ جي وهڪري سان هٿ چراند ڪري ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسان بہ عجيب پوک آهيون

'ڀيل' اهو عمل آهي جيڪو 'پوکيءَ' سان مشروط، آهي. ڀيل تہ زرعي سماج ۾ سيني ٻڌي هوندي.ڀيل ڪرائڻ يا ڀيل ٽيڻ لاءِ پوک پوکيل هجڻ ضروري آهي. اهڙي پوک جنهن جي پوکيندڙ مالڪي بہ ڪندو هجي.

هڪڙي ڀيل تہ هاري پاڻ پلي لاءِ ڪرائيندا آهن

جنهن جي ڏنارن کي باقاعدي دعوت ڏني ويندي آهي. ٻين ڀيل وري ڪو بدخواهہ چوريءَ يا ڏاڍ ڪري دشمني پاڙڻ لاءِ ڪرائيندو آهي. ڀيل ڪرڻ يا ڪرائڻ لاءِ پالتو جانورن جو ڌڻ بہ گهربل هوندو آهي.

مطلب جانورن جهڙوڪ رڍن، ٻڪرين، ڳئن يا مينهن جو ڌڻ. ڌڻ معنا انهن جو ڪو ڌڻي يا ڏنار پر اسان وري اهڙي عجيب سماج جو حصو آهيون جو هتي ماڻهن جو ڪو ڌڻ(منظم) تہ مشڪل سان ملندو پر 'ولر' [حجوم] جام ملندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳالھيون پيٽ ورن ۾

اهي وري پرائي پوکيل کي ايئن پيليندا جيئن کتن جو ولر لوسڻ جي پوک کي پيليندو آهي. لوسڻ جي گاهه ۾ کتا جڏهن کيڏي کيڏي پيل کندا آهن تہ اهي گاهه ٿورئي کائيندا آهن، رڳوايئن گاهه جو کو ويسو بہ اهڙو کري ڇڏيندا آهن جو هاري ويچاري کي هٿ وني پيل کرائٽي پوندي آهي نہ پنهنجو پلوءِ نہ پوکيندڙ جو پلو بس رڳو گهاٽو ئي گهاٽو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان اڪيلو ناهيان

هر ڪنهن جو پنهنجو سچ ٿيندو آهي. شخص جو پنهنجو، سماج جو پنهنجو.

ڪجھ مسئلا شايد بحث ڪرڻ سان منجهندا آهن. ڪڏهن بہ حل ڪونهن ٿيندا.

انڪري ڪنهن جي ذاتي عقيدي کي جيستائين هو توهان تي مسلط نٿو ڪري، بحث جو موضوع نہ هجڻ گهرجي.

خاص ڪري ان ماحول ۾ جڏهن توهان کي شڪ هجي تہ اڳئين جي معلومات بہ توهان وانگر ٻڌسڌ تي ٻڌل آهي، ان وقت تہ بحث مباحثي کان پاسو ڪرڻ بهتر عمل آهي.

مٿان وري جڏهن اها بہ پڪ هجي تہ ان موضوع تي اڏوگابرو مان اڪيلو ناهيان، جوڙيوال بہ آهي تہ ان وقت انگريزيءَ جو پهاڪو ذهن تي اڀري ايندو آهي.

Oh! I have company



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو مطلب آهي "بيوقوف سان بحث صرف بيوقوف ئي ڪندو آهي"

## مت ۽ ان جو مناسب استعمال

سائين هيءَ سائنس آهي. جيڪڏهن هرڪو پنهنجي پنهنجي حد ۾ رهندو ته انسان ذات جو ڀلو ٿيندو.

مان پنهنجي موقف تي قائم آهيان. هي پبلڪ هيلٿ جو مسئلو آهي. انهن مان ٻه اڳتي ڇا ٿيندو اپيڊميالاجسٽ ئي ٻڌائي سگهن ٿا. اسان هيلٿ سسٽم اسپيشلسٽ ٻه صرف اهو ٻڌائي سگهئون ٿا ته ايندڙ يا بدلجندڙ صورتحال لاءِ ڪيئن اڳيرائي ڪجي.

جيئن اسان اسان ڪنهن اکين جي بيمارين جي ماهر سرجن کي ڪنهن عورت جو جراحي وسيلي ويم ڪرائڻ جو حق نٿا ڏئي سگهئون، ايئن ڪرڻ سان ماءُ ۽ ٻار مطلب 'ٻن' انسانن جي زندگيءَ کي خطرو آهي.. هتي ته پوري دنيا جي ڪروڙين انسانن جي زندگين ۽ مستقبل جو سوال آهي. تيئن ئي ڪمپيوٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي، ماهرن کي اهو حق نٿا ڏئي سگهئون تہ اهي هن سائنس جي بنيادن کان اڻواقف هوندي سڄي دنيا جي مستقبل سان ويهي هٿ چراند ڪن.

انهي ڏس ۾ دنيا ۾ صرف هڪ ئي معتبر ۽ قابل ادارو آهي. اهو آهي صحت جو عالمي ادارو[14]. پلي ان سان سياسي طور ڪنهن جا لک اختلاف هجن، تيڪنيڪي طور اهو ئي، ادارو آهي جنهن جي ڳالهه 'حرفِ آخر' سمجهي ويندي. جيستائين ڳالهه آهي هٿرادو عقل[15] جي تہ اها ايئن آهي جيئن سيون ٺاهڻ جي مشين. ان ۾ ڳوهيل ڪڻڪ جو ميدو وجهنداسين تہ سيون نڪرنديون. گوشت وجهنداسين تہ قيمو ٿي نڪرندو، جيڪڏهن مٽيءَ جو چاڙهو وجهنداسين تہ نڪو قيمو نہ سيون، بالڪل ٻيون ڪجھ نڪرندو.

---

[14] World Health Prganization (WHO)

[15] Artificial inteligence



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ان 'مت' کي استعمال ڪير ٿو ڪري.

## اک الٿي ڏار

### عبداللطيف پٿائي

عبداللطيف پٿائيءَ کي سنڌي سماج جي آئيندي لاءِ دنيا جي آڏو پيش ڪرڻ لاءِصحيح انداز ۾ مرتب ڪرڻو پوندو. اهو چوڻ تہ لطيف کو ڪم ڪار ڪونہ ڪندو هو. هڪڙي وڻ هيٺان ويٺو هوندو هو. ايستائين جو مٿان واري وري ويس پر لطيف کي خبر ئي ڪونہ پئي. لطيف سنڌ جو هڪ ذهين تخليقڪار هيو. ڪهڙين سياسي ۽ سماجي حالتن پٺاندڙ پٿائي انساني آباديءَ کان پرپرو 'ڪراڙ' ڊنڊ جي ڪپ تي وجي ساٿين سميت 'پٽ' وسائي هئي.

لطيف جنهن دور ۾ 'دنبورو' ايجاد ڪيو. ان دور ۾ دنيا اندر ڪهڙا ساز مروج هيا. ڪهڙا نوان ساز ايجاد ٿيا، انهن هم عصر سازن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنبورو ڪٽي بينل هيو. اڄ جي دور ۾ ان جو ڪيترو ڪارج آهي. پٺائيءَ ڪهڙا نوان 'راڳ' ايجاد ڪيا. ڪيترن مروج راڳن ۾ جدت آڻي انهن جون شڪليون تبديل ڪئي ۽ انهن ۾ نواڻ آندي. ان دور ۾ دنيا اندر ڪهڙا 'راڳ'، 'سر' مروج هيا، ايجاد ٿيا. سندس هم عصر موسيقار ڪهڙا هيا؟ هم عصر موسيقارن ۾ لطيف ڪٽي بينل هيو ۽ آهي. اڄ جي دور ۾ انهن سرن ۽ راڳن جو ڪيترو ڪارج آهي.

سنڌ جي نوجوان محقق کي پٺائي انهن روين سان ٻيهر دريافت ڪرڻو پوندو يا ائين چئجي تہ حقيقي روپ ۾ دريافت ڪرڻو پوندو ـ

سنڌ جي يونيورسٽين کي لطيف شناسي، لطيفيات کي هڪ سائنس جو درجو ڏيارڻ، پٺائي جي هر تخليق تي ڪم ڪرڻ، پٺائي جي فڪر ۽ فلسفي سرن، راڳن، موسيقي، گائڪي، ڪردارن، سورمين، سورمن مطلب تہ هر خيال کي سائنسي انداز سان ٻيهر لکڻو پوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پٺائيءَ کي 'سرڪار' ڇو چوندا آهيون؟

جيئن لطيف 'سرڪار'. لفظ 'سرڪار' جي معنا آهي ڪنهن رياست جو ڪارونهوار هلائيندڙ بندوبست.

منهنجي ذاتي راءِ ۾. 'لطيف' ان وقت جي حڪمرانن "سرڪار" سان برسرِپيڪار هيو.

'پٺ' واري علائقي ۾ سندس قيادت ۾ هڪ متوازي 'سرڪار' هئي.

ان مزاحمت دوران، سندس مزاحمت جي ساٿين کي 'فقير'.

خطرناڪ مهم تي ويندڙن کي 'گهوٽ' ۽ پنهنجي اڳواڻ لاءِ 'سرڪار' جو مخفف استعمال ڪندا هئا. ان ڪري لطيف 'سرڪار' جو استعمال بہ لطيف جي فقيرن ۾ هيو جيڪو بعد ۾ ادب ۾ آيو آهي.

هي اهڙا سوال آهن جن تي سائنسي انداز ۾ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سهڻي

سُر سهڻي داستان انين جو بيت ۔ ٿيون

آهِئين هُتِ اُماڻَ، ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو؛

لَهريُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، جَهليا جُنگَ جُواڻَ؛

اُونهي تَڙِ آگهتِيا، آڏي پائي آڻَ؛

جي پِيا مُنهن مهراڻَ، تن ٻاندِيُنِ ٻيٽُ نہ اُجَهي

آهئين هت اُماڻَ:

هتي تہ مهمان آهين، مسافر آهين

ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو:

ماڻهوءَ جي متي يا قد کان اونهي پاڻيءَ مطابق
ترڻ جو ترهو ٻڌ.

اونهي تڙ آگهتِيا:

اونهي پاڻيءَ واري پتڻ تان گهريا

آڏِي پائي آڻِ:

منزل متعين ڪرڻ، حد مقرر ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**پِيا مُنهن مهراڻ:**

**جيڪي سنڌو نديءَ ۾ گهريا**

**ٻانڌِيُنِ (ٻانڌي):**

**سُڪل سنهڙي (ڪاٺي، ماڻهو)**

**اُڄَهي (اُڄَهَڻُ):**

**پسند اَچَڻ، وڻَڻ، آئڙڻ، سُنو لڳڻ.**

**سمجهاڻي:**

تون هتي مسافر آهين، توکي هن پار وڃڻو آهي. اونهي، تار پاڻيءَ وارو ترهو ڇيلهه سان ٻڌ، سنڌوءَ جي اونچين هيبتناڪ لهرن جي آوازن ۽ گوڙ، ڇڱن پلن جا ارادا ٿوڙي ڇڏيا آهن.اونهي پاڻيءَ واري پتڻ تان گهڙين ٿو، سامهون ڪٺان نڪرندين، اهو به طئي ڪري وٺ. جيڪي سنڌوءَ ۾ گهريا، تن کي ٻيٺ به ٻانڌين ڪاٺين جيان ڪونه جهليندو. هن پار ڪناري تائين پهچڻ لاءِ رڳو پنهنجي ڪاريگري ۽ همٿ ڪم ايندئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ساموندي

سُر ساموندي، داستان ٽئين جو بيت نمبر ٽيون

اسان اُڏارا، آٽي آوَنگَ چاڙِهيا؛
مُنهُن ڏيئِي مُون آئِيا، سَمُهان سِيارا؛
اُپِرَنِ سيِڪارا، پَسو وَرَ ٻين جا

. *** .

. آوَنگُ(مذڪر).
رڌ پچاءُ جو ٿانوَ.
. آوَنگِ(مؤنث).
ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قِسم

. *** .

آونگ چاڙهڻ .
رنڌڻ . ڪاڏو تيار ڪرڻ.
"اڄ اسان اڏارو ونيءِ ڪني چاڙهي آهي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي اڏار ـ "سيڏو" ٻہ ٿي سگهي ٿو،
سڪل مڇي ٻہ، تہ "ڪُنيِ" ٻہ
سمجهاٽي:

وني پنهنجي ور کي مخاطب ٿي چئي ٿي تہ:

ڪني( آونگ) تہ اوڏر وني ٻہ چاڙهيون ٿا، سيارو سامهون آهي(ياد رهي تہ اتر لڳڻ سان ئي سامونڊي وري سفر تي نڪرندا) تون اجا ڪونہ موٽيو آهين، ٻين جيڏين کي ورن سان ڏسي جسم مان سيڪارا ٿا نڪرن[16]. انهيءَ جو چا ڪيان. بس هاٽي گهٽي ٿي وئي موٽي اچ.

[16] State of female orgasim



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سامونڊي

سُر سامونڊي، داستان پهرئين جو بيت پهريون

پَڳهَ پاسي گهارِ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛

وجِهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَڃَنئِي اوهِري.

سمجهاڻي -

او منهنجي امان، انهن سامونڊين جي ٻيڙيءَ جي ويجهو هج، لنگر جي آس پاس پئي گذار. پنهنجي ور سان ڪجھ گهڙيون گوڏي گڏجي گذار. (جي نہ اتر لڳو تہ) بنا موڪلائڻ جي هليا ويندئي ۽ پوءِ هٿ مليندي رهجي ويندينءَ ۽ پئي پاڻ کي پٽون پاراتا ڏيندينءَ. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پٽائي جون اَٺَ سورميون

① سسئي: اڪيلي سر پنيور ڪان پب جو سفر ڪيو

② سهڻي: ميهار سان عشق ڪيائين، دلو ڪٽي درياهه تري ويندي هئي.

③ مارئي: زوري ڪنئي وئي، پر همٿ نہ هاريائين، لالچون قبول نہ ڪيائين. 'ڪيت' سان نڀايائين.

④ مومل: سونهن جو سرِعام استعمال ڪري، راڄ لٽيائين. جڏهن راڻي سِيتل راء جي روپ ۾ سُومل سان گڏ سمهيل ڏٺي پوءِ بہ قتل نہ ڪيو ويو.

⑤ نوري: غريب ميربحر جي ڌيءُ راڻي ٿي پر ڪينجهر نہ ڇڏيائين

⑥ سورٺ: سورٺ پنهنجي وَرَ "راء ڏِياچ" سان گڏ تخت تي ويهندي هُئي

⑦ ليلا: هار جي بدلي پنهنجي مڙس چنيسر کي پنهنجي هٿان وڃايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⑧ موکي: پنھنجي ڇھڙ پيٽن سميت ڪلالڪو ڪاروبار ڪندي ھئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فاصلاتي . مراسلاتي ۽ واقعاتي تعليم

## واقعاتي تعليم

واقعاتي تعليم[17]، پاڙهڻ جو اهو طريقو جنهن ۾ معلم ۽ ڪتابي الڳ الڳ جڳهن تي هوندي به هڪ ئي وقت هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن.. ان لاءِ معلم ۽ ڪتابي ٻنهي وٽ هڪ ئي وقت ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت ۽ ڳانداپي جو ذريعو هجڻ لازمي آهي.

## مراسلاتي تعليم

مراسلاتي تعليم[18]، واقعاتي بہ ٿي سگهي ٿي يا شاگرد پنهنجي سهولت مطابق پهريان ڪان

---

Vertual Education[17]

Online Education[18]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڪارڊ ڪري محفوظ ٿيل تعليمي مواد ڪي انٽرنيٽ يا ڪميوٽر وسيلي استعمال ڪري.

ان لاءِ معلم ۽ ڪتابيءَ جو هڪ ئي وقت آمهون سامهون هجڻ ضروري ڪونهي.

## فاصلاتي تعليم

فاصلاتي تعليم[19] وري مراسلاتي ۽ واقعاتي بہ ٿي سگهي ٿي يا وري تعليمي اداري پاران ڇپيل مواد طور شاگردن لاءِ مهيا ڪيو وڃي، جنهن ۾ درسي ڪتاب، ورڪ بوڪ ۽ ڪارڪردگيءَ جو وچور رکڻ جو بوڪ شامل هوندا آهن.

ان لاءِ معلم ۽ ڪتابيءَ جو هڪ ئي وقت آمهون سامهون هجڻ بہ ضروري ڪونهي.

---

[19] Distance Education



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابيءَ وٽ ڪمپيوٽر ياءِ انٽرنيٽ جي سهولت پڻ اختياري آهي.

اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان ڪتابين جي عمر مطابق انهن ۾ مهارتن[20] ۽ قابليتن پيدا ڪرڻ لاءِ سندن تعليمي مقصدن[21] ۽ پڙهائيءَ جي روزبروز منزلن[22] کي مناسب ۽ متناسب انداز ۾ مرتب[23] ڪنداسين. هر مهارت کي قابليت تائين پهچائڻ لاءِ گهربل پڙهائي، مشق[24] ۽ مناسب رهنمائيءَ جو جوڳو بندوبست ڪنداسين.

هتي، اڄڪلھ بحث اهو پيو هلي ته بس وارو ڪريو شروع ڪريو. جيڪڏهن اسان کي فاصلاتي تعليم ڏانهن قدم کڻڻو آهي ته اهو

competencies[20]

objectives[21]

targets[22]

organize[23]

[24] exercise



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابھرائيءَ بدران ڪنھن نظام تحت ڪٿڻ گھرجي جھڙي نموني ڪتابين لاءِ نصاب کي مرتب ڪرڻو پوندو، ايئن ئي وري ڪتابين کان اڳ اهو سڀ ڪجھ اسان کي استادن لاءِ پڻ لکت ۾ تيار ڪرڻو پوندو.

بالڪل اهڙي ريت جيئن ڪنھن افساني کي جڏهن ڊرامي ۾ سانچيو ويندو آهي ته ڪردارن، انهن جا گفتا، سندن پردي تي ظاهر ٿيڻ، ڪپڙا، ڍنگ، ڳالهائڻ جو انداز، لهجو وغيره لکيو ويندو آهي جنھن کي اسڪرين پلي چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪيتي سر سيتي:

ڪيتي - داڻي وارا فصل.

پائيندڙ تي ڪيتي

واڙي - ڀاڄي ڀتيءَ وارا فصل

نار تي واڙي

پوکي - فصل پوکڻ

راکي - فصل جي سنڀال ڪرڻ

جهار هڪلڻ - پکي پکڻن کان فصل بچائڻ

راهي - فصل جيۡ اپت ڪٽڻ

لابارو - پکل فصل لٽڻ

سٽريون - لٽيل فصل کي ڀاڪر جيتري مقدار ۾ ڳڏ ڪرڻ.

ڍيرو - سٽريون ڪٺي سنڀالي رکڻ

ڪِرِ - ٻنيءَ ۾ رهجي ويل فصل جا تيلاۡ جن ۾ سنگ هوندا آهنۡ ڪر ميڙي ٻار ٻچوۡ غريب غربو ان ڪڍندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

ڳاھ - ديري مان فصل ڪٽي ڳاھ ڳاھڻ.

وائر - ڳاھيل فصل مان ھوا جي وسيلي داڻن کي گاھ کان ڌار ڪرڻ.

بٽئي - ھاري ۽ زميندار گڏجي، ان توري پنھنجو پنھنجو حصو ڪڻندا.

ٽويو - پير، فقير دعا لاءِ.

آھت - حجم، مگڻھار، ڪنير، لوھر، ٻيڙيءَ وارو ميربحر فصل تي پنھنجي آھت مطلب اجورو وٺندا.

ڪِرَ - بٽئيءَ ڪانپوءِ اتي رھجي ويل ڪَڻِ، اھا ٻہ ميڙي ٻار ٻچو، غريب غربو ڪڻندو آھي.

ڪُڏِي - بنيءَ مان ڪِرِ ميڙي ڪڻڻ يا ڪِرَ ميڙڻ جي عمل کي ڪڏي ڪڏڻ چئبو آھي.

'لابارو'- فصل جي لڻڻ جو عمل

لابارو ڪندي 'سٽريون' ٺاھبيون آھن.

وري سٽريون گڏ ڪري 'گڏا' ڪٽبا آھن

جنھن کي 'ول ڪڻڻ' پڻ چئبو آھي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

جتي وري ول ڪٽي گڏ ڪبي آهي تنهن کي 'ٻار' چئبو آهي.

ول ڪٽندي جيڪي سنگن جا تيلا ڪرندي ٻنيءَ ۾ رهجي ويندا آهن، انهن کي 'ڪِرُ'چئبو آهي.

هاري تيلو تيلو ڪري ميڙيندو آهي ڪِرُ هاريءَ جو هوندو آهي ان ۾ زميندار جو حصو نه ٿيندو آهي.

ٻار ڪانپوءِ 'ڳاهه' ٻڌبو آهي. فصل کي ڳاهڻ ڪانپوءِ هوا ۾ ان 'وائر' ڪبي آهي.

وائرڻ سان ڪٽن مان مٽي يا دڏڙ ڪڍي صاف 'اَنُ' الڳ ڪبو آهي.

صاف ڪيل اَنُ جي ڪوڙيءَ کي 'ديرو' چئبو آهي.

ديري تان اهو اَنُ جڏهن توري، ٻوريون پري هاري، ۽ زميندار، ۾ ورهائبو آهي ته انهي عمل کي 'ٻٽئي' چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

بٺئي ڪندي ان جي ڪوڙيءَ جي تري ۾ مٺيءَ سان ڳاڌڙ جيڪي ان جا داڻا رهجي ويندا آهن ان کي 'ڪُڏي' چئبو آهي. جنهن کي هاري ڳڏ ڪري ڇڄ ۾ وجهي ڇنڊي مٺي ڪڏي صاف ڪندو آهي، ان کي ڪُڏي چئبو آهي. ڪڏي هاريءَ جي هوندي آهي هن ۾ بہ زميندار جو حصو نہ هوندو آهي.

هاري هاڻ پنهنجو ڪم ختم ڪندو.

ان ڪانپوءِ غريب ترين ماڻهو ان جڳهہ تي اچي 'ڪڏي' ميڙيندا يا ڪڏيندا. ڪو ڳاهہ ڪان رهجي ويل سنگ، ڏيري يا ڪوڙ واري جڳهہ تي بٺائي ڪانپوءِ رهجي ويل 'ڪڻ' ميڙي صاف ڪري ڪٽڻ وارو عمل کي 'ڪڏي' ڪرڻ چئبو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## متان ڪليا آهيو

### ايماندار

يارہ ماڻهو ايترو بہ ايماندار نہ هجي جو سڄي ڄمار سرڪاري نوڪريءَ تي پلتي هٽي ويهي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رهنما

مان جاگيرداريءَ جي خلاف سنڌي قوم کي متحد ڪري ان جي رهنمائي ڪرڻ ٿو چاهيان.

جيئن سنڌ جو هر فرد ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا پڙهي لکي دنيا ۾ پنهنجو ۽ سنڌ جو ڪنڌ اونچو ڪن. ٿلهي ليکي مان "وڏيرائپ" کي سماجي برائي سمجهندو آهيان ۽ سنڌ مان جاگيرداري ۽ وڏيرائپ جي خاتمي لاءِ مون هڪ غير سرڪاري تنظيم رجسٽر ڪرائي آهي ۽ آءُ ان جو عهديدار آهيان.

منهنجو والد صاحب ڳوٺ جو خانداني 'وڏيرو' هيو، انهي نسبت سان مان بہ "پيدائشي وڏيرو" آهيان. جنهن تي مون کي فخر آهي. اسان اڃا تائين ڳوٺ جا 'معزز' وڏيرا ليکبا آهيون.

منهنجي راءِ ۾ 'بلاول' کي گهرجي تہ 'آصف' سان لاتعلقي جو اظهار ڪري 'پارٽيءَ' کي سگهارو ڪري، مستقبل سندس هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نوٽ: جنهن کي بہ هي ليک سندس شخصيت جي عڪاسي لڳي اهو مهرباني ڪري ٽڏي پاڻيءَ جو گلاس پي ڇڏي.**

## ڌرتيءَ جو اصلي پُٽُ

ان جو مطلب ٿيو 'اصلي' معنا 'وارث' يا قانوني 'مالڪ' پوءِ ڀلي گهر جاءِ ٿپڙ ٽڪي ڪپائي يا جواءِ ۾ لٽائي اهو سندس پيدائشي حق ٿئي ٿو، انڪري 'اصلي' جيڪو ڪجھ بہ ڪن انهن کان پڇا ڪرڻ، ايستائين جو معلوم ڪرڻ بہ ٻئي ڪنهن جو حق يا اختيار ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پلائي

پرائي ڪافي عرصي ڪان بند پيل گاڏي
[ويگن] جي چاٻي نهرائي ان کي بغير ڪرائي
جي اسڪول وين ڪري هلائڻ لاءِ چندو گڏ
ڪرڻ کي سنڌيءَ ۾ چا چونداسين . [پلائي]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جڳ مشهور صحافي

مان هڪ جڳ مشهور صحافي آهيان. مشهور اخبارن ۾ ڪالم لکندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن اخبارن جا ايڊيٽوريل به لکندو آهيان. روزانو ٽي وي چينلن تي به پروگرامن جي ميزباني ڪندو آهيان يا وري پروگرامن ۾ ماهر ٿي ويهندو آهيان.

مان سنڌ سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين تي لکندو آهيان ۽ انهن خلاف سنڌي قوم کي متحد ڪرڻ ٿو چاهيان. انهي مقصد خاطر ڪافي سياسي، ادبي، ثقافتي ۽ غيرقانوني تنظيمن جو ميمبر، باني ۽ اڳواڻ به آهيان.

منهنجي آمدنيءَ جا ذريعا ڪي محدود نه ڪونهن، ڏٽيءَ جا لک قرب پر مستقل طور مان هڪ سرڪاري ملازم مطلب سنڌ حڪومت جي ماتحت کاتي جو ملازم آهيان. ڏسو پيريءَ ۾ پينشن به نه گهرجي هرويرو اولاد جي اڳيان هٿ ٽنگڻو نه پوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

صحافي هجڻ جو فائدو اهو آهي جو ان ڪري نوڪريءَ تي وجان ئي ڪونہ، ڪو پڇندو بہ ڪونهي. جيڪڏهن ڪنهن جرئت ڪئي تہ اخبارن ۾ رڻ ٻاري ڏيندا آهيون.

منهنجي سوچ مطابق سنڌ جي حڪومت تي قابض ٿولو سنڌ دشمن آهي، انهن مان جند ڇڏائڻ تمام ضروري آهي. خاص ڪري اسان جي ڪاتي وارو وزير تہ بالڪل چٽ آهي. اڳيون شهري وزير اسان جو خاص خيال رکندو هيو.

نوٽ: جنهن ڪي بہ هي ليک سندس شخصيت جي عڪاسي لڳي اهو مهرباني ڪري ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پي ڇڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پرائي ماڙي، پنهنجو جهڳو

پرائي ماڙي ڏسي پنهنجي جهڳي کي باھ نہ ڏيو.

ڏٽن پوزين تي سڄي ڳوٺ کي گارگند نہ ڪريو .

دنيا تي هڪ نظر ڦيرايو

عراق

شام

لبيا

يمن

افغانستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لڳا پيا آهيون

پنهنجي وس آهر منهن ڏيون پيا.

وسئون ته ڪونه ٿا گهٽايون.

جيڪي دوست عوام جي ملڪيتي (سرڪاري) هيپٽائيٽس ۽ ايڊز ڪنٽرول پروگرام جو هٿ ونڊائين ٿا انهن جي به مهرباني، رڳو ايئن تاثر نه ڏين ته ڪانئن سواءِ سنڌ ۾ انڌير لڳو پيو آهي.

پاڻ ته ڪنهن هڪ ڳوٺ يا صحت مرڪز تائين ڪم پيا ڪن پر، اسان جا ملڪيتي ادارا سڄي سنڌ ۾ ڪم ڪن ٿا.

ڪوتاهيون آهن، انهن جي مثبت نشاندهي ڪرڻ اسان سڀني ڏٽين جو فرض آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پاتال ۾ گڏ آهيون

اسان جو گڏيل مقصد 'متحد ٿيڻ' سان گڏ "منظم ٿيڻ" بہ هجڻ گهرجي. رڳو ڪنهن سان پهر وهڻ وارو رويو مناسب ڪونهي. جيڪڏهن منظم ۽ متحد ٿيڻو آهي تہ رڳو ڪنهن هڪڙي 'مذهب' جي معاملي تي ڇو؟ قومپرستي، نسل پرستي، جمهوريت دشمني، عورت دشمني، مزدور دشمني، سائنس دشمني، جهالت، موقعي پرستي ۽ ٻِدوئيءَ خلاف هڪ ئي وقت منظم ٿيڻو پوندو. ڪووڊ پڇاڻان مسئلو رڳو مذهب ڪونهي، متي ڄاڻايل سڀئي رويا بشمول صوفيت جي سامهون نروار بيٺا آهن. اڪثريت جو سڀ ڪان وڏو مسئلو ٿن ويلن جي بُکَ، صحت جون سهولتون، معياري تعليم، پنهنجو جهڳو ۽ عزت ڀريو روزگار آهي. مذهب ۽ قومپرستي تہ ڀريل پيٽ جا چونچلا آهن. مبارڪن ڏيڻ ۽ مذمتون ڪرڻ واري مڊل ڪلاسي ثقافت مان جند ڇڏائڻي پوندي، جيڪڏهن نہ تہ پوءِ پاتال ۾ گڏ آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

ڳالھائيون حق سچ
سچو سچ، اڌ سچ نہ
اھا پينگ ڪئي آھي
ڏرِ تيئون ڏرِ، اٽڪريو مطلب
ڏاڍِ ۽ ڏاڍي جو ساٿاري
ساندن جو ساٿ چڙھي
انھن کي وائکو ڪريون
ھر ڪنھن جي ھشيءَ تي
دوسو ٿينداسين نہ پوءِ
دھلاري نہ رڳو نچائيندا
ڪيستائين رڳو نچنداسين
عنايتون، رعايتون پنٺداسين
پنڻ جي پورھيئي مان
ڪو  پَلَ ڪونہ پربا
رڳو جھول ئي پربا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻالهيون پيٽ ورن ۾

ماٺِ نہ مُٺي پلي
نہ وري مِٺيِ پلي
سڏ کي سڏ ڪيئون
سڏ جو سڏ ورائيون
سڏ جو سڏ ورنائيون
سڏ جو پڙاڏو ٿيئون
اڇو ماٺ جو روزو کوليئون
اڇو تہ گڏجي ڳالهائيون
جيڪڏهن چپ رهنداسين
پاتال ۾ تہ گڏ آهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منجھيل سوال

آمريڪا ۾ 2020 جي نومبر، ۾ رٿيل صدارتي چونڊن لاءِ اميدواريءَ جو حق حاصل ڪرڻ جي ڊوڙ فبروري 2020 ۾ شروع ٿي، جنھن ۾ برني سينڊرس[25] نالي واري سوشلسٽ اميدوار طبقاتي سوال اٿاريو ۽ معمول کان اتڙ پذيرائي بہ حاصل ڪئي. مجموعي طور ھاٽوڪي متوقع اميدوار 'بائيڊن' ڪانپوءِ ٻئين نمبر تي ووٽ بہ حاصل ڪيا. ڏٺو اھو پيو وڃي تہ ھن سال واري صدارتي اليڪشن ۾ طبقاتي سوال جھڙڪ صحت، تعليم، روزگار ۽ اجھو نمايان ھوندا.

ٿيو ايئن جو ھڪ آفريڪي نسل جو آمريڪي شھري 'جارج فلائيڊ' پوليس ھٿان بيگناھ ماريو ويو جنھن جي نتيجي، ۾ نہ رڳو آمريڪا پر سڄي دنيا ۾ نسل پرستيءَ خلاف

---

[25] Bernard Sanders



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

هڪ اپار آيو جنهن جي وهڪري ۾ طبقاتي سوال لڙهي ويو ۽ آمريڪا ۾ رٿيل نومبر 2020 جي صدارتي اليڪشن جو مک سوال "پوليس جي نظام" ۾ بهتري آڻڻ تائين محدود ٿي ويو.

مون کي هڪڙي سوال منجهائي وڌو آهي، اهو سڀ ڪجهه اوچتو، پاڻ هرتو ٿيو آهي يا اڳيتي هلي خبر پوندي تہ طاقتور ڌرين ڪنهن رٿابنديءَ سان 'برني' ۽ سندس ساٿين جي محنت کي لوڙهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماڻھن کي ڳالھائڻ ڏيو

### تنقيد ڪرڻ ۾ ڪا بہ برائي ڪونھي.

ڪنھن ناليواري مفڪر يا شاعر تي تنقيد ڪرڻ ۾ ڪا بہ برائي ڪونھي.

منھنجي ذاتي راءِ ۾ تہ 'پٽائي' بہ تنقيد کان آجو ڪونھي.

جنھن ڏينھن سماج اھو حڪم صادر ڪيو تہ فلاڻي، فلاڻي تي تنقيد حرام آھي، ان ڏينھن 'ادب' جا دروازا بند ٿي ويندا.

ماڻھن کي ڳالھائڻ ڏيو.

ھا جڏھن پاڻ ڳالھائيو يا انھن جي تنقيد جو جواب ڏيو تہ ايئن ڳالھايو جيئن توھان کانئن ڳالھائڻ گھرو ٿا. سڀ جو اھڙو ماحول پيدا ڪريو جيئن نئين پود ان مان ڳالھائڻ ۽ جواب ڏيڻ سکي.

ھڪ طرفا فيصلا صادر نہ ڪريو،

اھو پڙھندڙ کي فيصلو ڪرڻ ڏيو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ ڇا آهي، ڪوڙ ڪهڙو آهي.

ڪير صحيح آهي، ڪير غلط.

## ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو

جيڪڏهن ڪو اکين کان نابين اهو چئي ته
هر طرف ڪجھ نظر ڪونہ ٿو اچي ته ان تي
ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو.

جيڪڏهن ڪو فرد اسان جي تخليقڪارن جي
جنسي قصن ڪهاڻين تي پنهنجي راءِ ڏئي
جيڪا اسان جي ذاتي راءِ کان مختلف هجي
تہ ان تي ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو.

جيڪڏهن ڪنهن فلسفيءَ ڪي غلط العام
سياستدان سمجهيو وڃي تہ انهن نادان ماڻهن
تي ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو.

جيڪڏهن ڪنهن افسانہ نگار ڪي غلط العام
فلسفي سمجهيو وڃي تہ انهن نادان ماڻهن
تي ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو.

جيڪڏهن ڪنهن سياسي ڪارڪن ڪي غلط
العام ليکڪ ڪري سمجهيو وڃي تہ انهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

نادان ماڻهن تي ڪاوڙ ڪرڻ ڪتان جو انصاف ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لفظن جو استعمال

جڏهن انسان ڪاوڙ اچڻ تي پٿر جي بجاءِ لفظن جو استعمال ڪيو. اهو تهذيب جي آغاز جو اظهار هو.

ڪجھ دوستن جون ڪرپ پريون پوسٽون پڙهي اهو لکڻ جي، ضرورت محسوس ٿي ته هر ڪم يا منصوبو جنهن ۾ توهان ملازم يا منتظم جي حيثيت ۾ شامل آهيو، اهو دراصل عوامي نوعيت جو منصوبو هوندو آهي.

توهان پنهنجي جاڻ آهر بالڪل بهترين طريقي سان پنهنجو فرض نڀايو هوندو آهي مگر اهو چوڻ ته ان تي ڪو به ٽيڪا ٽپڻي نه ڪري يا بهتريءَ جي صلاح نه ڏئي ڪٿان جي عقلمندي آهي.

جنهن ڏينهن سماج اهو حڪم صادر ڪيو ته فلاڻي، فلاڻي تي تنقيد حرام آهي، ان ڏينهن بهتريءَ جا دروازا بند ٿي ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ماڻهن کي ڳالهائڻ ڏيو.

ها جڏهن پاڻ ڳالهائيو يا انهن جي تنقيد جو جواب ڏيو تہ ايئن ڳالهايو جيئن توهان کانئن ڳالهائڻ گهرو ٿا.

سڀ جو اهڙو ماحول پيدا ڪريو جيئن نئين پود ان مان ڳالهائڻ ۽ جواب ڏيڻ سگهي.

هڪ طرفا فيصلا صادر نہ ڪريو،

اهو پڙهندڙ کي فيصلو ڪرڻ ڏيو تہ

سچ ڇا آهي، ڪوڙ ڪهڙو آهي.

ڪير صحيح آهي، ڪير غلط.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غلاميءَ جا سڱ

ڪجھ سنگت جو خيال آھي تہ انگريز ڦورن جي سنڌ تي ناجائز قبضي ۾ اسان سنڌين کي غلام بنائي ھڪ آزاد ملڪ مان بمبئيءَ جي، ضلعي جو درجو ڏيڻ ڪان اڳ سنڌ ۾ نہ ڪا لپي ھئي، نہ وري لکڻ پڙھڻ جو جوڳو بندوبست ھيو، نہ گرامر ھيو، نہ پٿائيءَ جو گنج ھو، مطلب صفا پينگ ھئي. جھڙوڪ سنڌي غارن ۾ اگھاڙا رھندا ھئا. انگريز بھادر وڏو قرب ڪري سنڌ فتح ڪئي. مير ۽ ھوشو شيدي بيوقوف ھئا جن انھن محسنن سان جنگ ڪئي.

وري انڪانپوءِ ھرويرو انگريز بھادر جي حڪومت کي ڪجھ چورن، ڏاڙيلن، ناعاقبت انديش ماڻھن وقفي وقفي سان تنگ ڪيو.

اسان کي انگريز بھادر ٻوليءَ جي لپي ڏني، گرامر ڏنو، اسڪول، اسپتالون، بئراج، ريلون، پليون، ٽرامون، موٽرون، جھاز،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

کهڙي کهڙي نعمت جو شڪريو ادا ڪريون.

هيءَ جهالت، غربت، پسماندگي اها ته اسان جي انگريز صاحبن جون ورسيون نه ملهائڻ جو نتيجو آهي.

وس پڇين ته روهڙيءَ جي پٿر جودور، نيئنگ جا غار، آمري، مهين جو دڙو، ڪوٽ ڏيجي

مطب هر موجود نعمت انگريز بهادر سان منسوب ڪري ڇڏين.

غلاميءَ ڪي جي سگ هجن ها ته شايد، اسان جي ڪوڙ سنگت انهي نعمت سان مستفيد هجي ها.

سنڌ ۾ انگريزن جي اچڻ ڪان اڳ سنڌي چئن لپين ۾ لکي ويندي هئي ، خداآبادي، ديوناگري، عربي فارسي ۽ گرمکي. انگريز اسان ڪان اسان جو ماضي کسي ورتو،

نئين الف ب ڏيئي پراڻي ٻولي ۽ سچي تاريخ کي ختم ڪيو ويو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٺ ورن ۾

پٽائي جي گنج ڪانسواءِ ورلي ڪو ماخذ ملندو جيڪو آڳاٽي سنڌي ۽ لپي ۾ لکيل هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جاڳو

ادارو قائم ڪرڻ، ڪنهن اداري جو پگهاردار ملازم هجڻ ۽ ڪنهن اداري جو تاحيات ڊائريڪٽر هجڻ

اهي ٽيئي بالڪل مختلف ڪردار آهن. اسان ڪي هروڀرو ڀلايو ٿو وجي ته فلاڻي فلاڻي صاحب اهو ادارو قائم ڪيو ۽ مثالن ۾ وري عوام جي ملڪيتي مطلب سرڪاري ادارن جهڙوڪ آءِ بي اي سکر، گمبٽ، ايس آءِ يو ٽي جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. اسان جنهن دور ۾ رهون ٿا ان دور ۾ سرڪاري ادارن جي سربراهه جي رٽائر ٿيڻ جي عمر 60 سال مقرر آهي پر انهن ادارن ۾ وري شخصن کي تاحيات مقرر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٿيڻ ايئن گهربو هيو ته اهي غيرمعمولي صلاحيتن وارا انتظام ڪار، پروفيسر يا تعليمدان پنهنجي مقرر مدي اندر انهن ادارن ۾ پنهنجا جانشين تيار ڪن ها يا بهترين تعليمي قابليت وارا فرد اتي اداري جي سربراهه لاءِ ٽيندڙ چٽاپيٽيءَ ۾ حصو وٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي صلاحيتن سان انهن ادارن کي جدت بخشين ها، ايئن ڪرڻ نہ ڏنو ويو.

ڇو؟

فردن کي تاحيات نوڪريون ڏيڻ لاءِ ۽ جدت جو رستو روڪڻ لاءِ. نتيجو اهو نڪتو جو نون ادارن ۾ بہ رٽائر ٿيندڙ ڪامورن، من پسند ماڻهن ۽ سفارشين کي بنا ڪنهن تعليمي قابليت جي ڀرتي ڪيو ويو آهي.

غيرصحتمند روايتون جيڪي شخصن جي گرد سحر قائم ڪري پيدا ڪيون وينديون آهن، اهي سماجن لاءِ ناسور، ثابت ٿينديون آهن.

جيترو جلد اسان روايتن مان جند ڇڏائي حقيقتن جي پوئواري ڪنداسين سماج ۾ مثبت تبديليون اينديون.

مون کي ذاتي طور، تنهي صاحبن لاءِ لک عزتون آهن مگر مان اهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهان تہ انهن پڃاڻان ادارا ڪونہ هلي سگهندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ساڻياٽيءَ کي سورَ

پلو ٽئي سوشل ميڊيا، ڪوٽ سڳوري، مقتدر قوتن ۽ مالڪن جو جن اڳي پوءِ ڪري گهڻن جا نقاب اٿلائي ڇڏيا.

اسان ڏيندڙا ته ٻڌئون ئي بي قدريءَ جو شڪار ٿياسين، الائي ڪهڙا ۽ ڪيترا لقب ماٽيندا رهياسين.

هاٽي بلاگ پڙهو ته هڪ پاسي مٺين ميارون ٻئين پاسي سنڌ اسيمبليءَ مان قرارداد پاس ڪرائڻ تي شاباس نه ملڻ جو ڏک، مٿان وري هر ڏک، درد ۽ مايوسيءَ جو ڪارڻ جمهوريت کي ثابت ڪرڻ جا جتن.

ڳالهه ڪيو رياست جي روئيي جي ته جواب ايندو فلاڻي سياسي پارٽيءَ جي به فلاڻي اڳواڻ جي ڪري. اهو به اهڙي سياسي ڌر جنهن جي سنگت ڪڏهن حمايتي نه رهي آهي.

جن سان 1940 کان وٺي پيچ پاتل اٿن، انهن کي وري وري ميارون ڏيندا ته اسان ته سدائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٺ ورن ۾

توهان سان گڏ هوندا آهيون پر قدر ڪونہ ٿا ڪيو.

حاصل مطلب "ساٿِياڻيِءَ ڪي سورَ 'بچي' پٽيوال جا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شعور جي اڏام

ڪالهه هڪڙي همراهه سان فون تي ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ جو اتفاق ٿيو. حاصل مطلب جيڪو صاحب مون کي سمجهايو پئي اهو ڪجهه هيئن آهي:

'ڪٽ' ۾ چار پاوا، بانهيون، سيرون، واڻ ۽ واڏڻ جيستائين الڳ الڳ سجاتا ويندا، تيستائين 'ڪٽ' جي سڃاڻپ ممڪن ئي ڪونهي. سندس خيال هيو ته اهي 'پاوا' ته بالڪل هجڻ ئي نه گهرجن. 'ٻانهيون' اجايو ڪٽ جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويون آهن. 'واڻ' کي باهه ڏئي ڪٽ جو سِرُ بچائي سگهجي ٿو. 'واڏڻ' وجهي ڪٽ کي هرويرو اچي سوڙهو ڪيو اٿو.

اچو ته سيئي گڏجي 'ڪٽ' جو خير گهرئون.

## ٻيڙو

سنڌ جو فلاڻن ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي.

ظاهر آهي، ٻيڙو تہ انهن کان ٻڌندو جيڪي ٻيڙي ۾ شامل ٿيندا، پير رکندا، درياهہ هجي يا سمنڊ ان جي لهرن سان مهاڏو اٽڪائي، ڏکيا سکيا گهير گهڙي ان ٻيڙي کي هلائيندا ۽ استعمال ڪندا. باقي سُڪَ تي پلجندڙ ٻيڙو تہ ڇا ڪک بہ ڪونہ ٻوڙيندا.

هاڻي پهريان اچي انهيءَ ٻيڙي ۾ شامل ٿيو پوءِ ڏسو ٻڏو آهي يا توهان جي ديد ۾ ڪوٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ جي مالڪي ڪيئن ٿيندي

سنڌ جي مالڪي تڏهن ٿيندي، جڏهن هتي هرڪو پهريان پنهنجي پنهنجي گهر، ڳوٺ، پاڙي ۽ شهر جي مالڪي ڪندو

يا

پنهنجو سڀ ڪجهه تياڳي، پاڙي واري جي گهر، پرائي پاڙي، پرائي ڳوٺ ۽ پرائي شهر جي مالڪي ڪرڻ نڪرندو.

سنڌ جي مالڪي ڪرڻي آهي ته گهر کان شروع ڪريو. لڏپلاڻ سان مالڪي ڪونهي ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حليم بروھي اڪيلو ڪونھي

حليم بروھي ڪنھن فرد جو نالو ناھي رھيو، اھو ھڪ روئيي جو نالو بلڪ صفت ٿي چڪو آھي. اھڙن بيباڪ ڪردارن سان سڄي سنڌ ڀري پئي آھي. رڳو اڪ ڦيرائي ڏسو. توھان کي ھر پاڙي، ھر ڳوٺ، ھر وسندي، ھر واھڻ، ھر شھر ۾ 'حليم' ملندو. ھا اھو فرق ضرور آھي تہ انھن سڀني بدنصيبن کي حيدرآباد ۾ خابرو ادارن تائين رسائي ڪونھي.

اڃو تہ يڪ زبان ٿي چئون 'حليم' ڪير سڏائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳاج ندي

نئين ڳاج ۽ ڪاڇي ۾ پيدا ٿيل وھڪرن ۽ لڙھيل وسندين متعلق منھنجي معلومات اڌپوري، اڌوري ۽ غلط ھئي.مون کي ايئن خبر ملي تہ زراعت لاءِ برساتي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ مقامي سطح تي ننڍا ننڍا بند ٻڌا ويا ھئا، جيڪي برسات جي وھڪري ۾ لڙھي ويا. ان سبب وسنديون جيڪي وھڪرن جي رستي ۾ ھيون لڙھي ويون.

فاروق سومري جي ٿوري اھو معلوم ٿيو تہ #ڳاج جيئن بلوچستان کان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي اتي انگريزن جي قبضي واري دور کان ڳاج #بنگلو نھيل آھي ۽ جبل سان گڏ پاڻي جي رفتار کي گھٽ ڪرڻ لاءِ ان وقت #تيرـيت ناھي وئي ھئي تہ جيئن پاڻيءَ جي وھڪري کي گھٽائجي ۽ پاڻي آھستي سڄي #ڪاڇي جي پٽن ۾ پکڙجي وڃي ۽ تيز وھڪري سبب ڪو نقصان نہ ڪري. سن 1995 ۾ #تيرـيت ٺٽي ھئي، جنھن کان پوءِ اھا ٻيھر ناھي وئي. انھي پت سان گڏ واپڊا طرفان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اضافي بند بہ ٻڌرايو ويو جنهن کي #ڊائيورشن_بند چون ٿا. اهو بند بہ نئين گاج جي وهڪري جي رفتار گهٽائڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. هاڻي ٿيو ڇا آهي تہ ان ڊائيورشن_بند يا #گاج_بند جو واپڊا طرفان ڪرايل ناقص ڪم حادثي جو سبب ٿيو. هن سال جيئن پاڻي جبل تان لٿو تہ اهو انهيءَ بند جي ڪجھ حصي کي لوڙهي ٿوڙي ويو، جنهن سبب پاڻيءَ جو وهڪرو تيزيءَ سان ڳوٺ ٻوڙيندو اچي #ايف_پي_بند سان لڳو. ان بند تي بہ سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي وارن سالن کان ڪو مرمتي ڪم ناهي ڪرايو.

جوهي شهر کان اڳيان بند کي گهارو لڳو انڪري جوهي شهر ته بچي ويو آهي پر جوهي تعلقي جون ڪجھ يونين ڪائونسلون ان پاڻي جي گهيري ۾ آهن، جن جو تعداد وقت سان پڌرو ٿي ويندو. اهو آهي اصل قصو.

اسان ڪاچي کان ٻاهريان ماڻهو سمجهئون پيا تہ #گاج_بند ۽ #ايف_پي_بند ڪا ساڳي ڳالھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٺ ورن ۾

آهي ۽ هي جيڪي ٻڌا آهن اهي ماڻهو ڳاج نئين جي وهڪري تي اچي ويٺا آهن.

حقيقت ايئن ڪونهي.

رڪاوٽ نہ هجڻ ڪري پاڻي تيزيءَ سان منچر ڏانهن وڌيو، جنهن نقصان ڪيو. جيڪڏهن ڳاج جو بند مضبوط هجي ها تہ اهو پاڻي اتان آهستي آهستي اڳتي اچي وري بہ ايف پي بند تائين پهچي ها ۽ منچر ۾ وڏو وهڪرو وجي ها پر ڳوٺ لڙهڻ کان بچن ها ۽ ڪاچو بہ سيراب ٿئي ها. هاڻي بہ ڪاچو تہ سيراب ٿيو ۽ آباد بہ ٿيندو پر تيز وهڪري ڳوٺن جا ڳوٺ لوڙهي ڇڏيا.

ياد رهي تہ ڳاج بند واپڊا جي حوالي آهي ۽ ايف پي بند سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي جي حوالي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان شايد گونگو آهيان

عين ان وقت جڏهن مان ڊاڪٽر عرفانہ ملاح جو مسلمان هجڻ وارو وڊيو بيان ٻڌي پنهنجي بيوسيءَ جو ڪاٿو ڪري رهيو هوس،

هڪ پراڻي دوست ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ فون ڪري سيد منورحسن جي وفات تي اهو چئي مون سان تعزيت ڪئي تہ هو (منور حسن) بہ پنهنجي جوانيءَ ۾ تنهنجو هم خيال رهيو هو پر بعد ۾ الله تعالا ڪيس صحيح رستو ڏيکاريو ۽ هن پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پھاڪا عورت ۽ طبقاتي پيد

اسان ڪي روزمره جي استعمال ۾ ڪمزور طبقن، ٻولي، نسل، ڪرت، عورت ۽ مذهب کان نفرت تي ٻڌل محاورا، چوٽيون ۽ پھاڪا استعمال نہ ڪرڻ گھرجن.

اهو پھاڪو جنهن ۾ 'عورت' ۽ 'تيل' جو ذڪر آهي، اهو مذهبي نفرت تي ٻڌل آهي. انڪري سڌريل سماج ۾ ان ڪي استعمال نہ ڪرڻ گھرجي.

'ڏوتي' لفظ بہ صنفي نفرت جو اظھار آهي

ان ڪي بہ سڌريل سماج ۾ استعمال نہ ڪرڻ گھرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ريگيولر چو نٽا ڪريو

ٽوئٽر جي مالڪ آفيس جي ڊامريڪٽرن سميت . سڀجو عملو هڪ حال ۾ گهرائي ڪانئن پڇيو تہ "پلا توهان 'ٽيچرس' ڪي ريگيولر چو نٽا چاپيو"

جڏهن ڪيس، معاملي جي حقيقت سمجهايئون تہ 'سنڌ' ۾ 'ماسٽر' ۽ پرتي ڪيئن ٿيندي آهي تہ چيائين، ابول! "هاڻي سمجھ ۾ آيو تہ سنڌ ۾ ڪوڙي ڊوميسائيل تي ماستر پرتي ٿيا هوندا"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽوڪ جا واپاري ۽ ريزڪي مسئلا

اسان وٽ سنڌ سميت پاڪستان ۾ سيئي ترقي پسند پارٽيون 'ٿوڪ' جو ڪاروبار ڪنديون هيون. انهن جو موقف هوندو هيو تہ بس، انقلاب ايندو سيئي مسئلا حل ٿي ويندا. جيتوڻيڪ سماج جي مسئلن کي حڪومت ئاهي حل ڪرڻ جي منجهن جا صلاحيت ڪونہ هوندي هئي ۽ نہ وري ڪڏهن ڪين اها توفيق ٿي هئي تہ ان طرف ڌيان بہ ڏين. انهن پارٽين جي مغزن مطابق اهي معمولي ۽ ريزڪي مسئلا انقلاب سان گڏ پاڻ هرتو حل ٿي ويندا.

جيڪڏهن اڪ ڦيرائي ڏسجي تہ عوام جي اڪثر مسئلن جو حل 'پرچون' جي ڪاروبار ۾ آهي. روزگار، تعليم، خوراڪ، صحت، پاڻي، بجلي، سواري، روڊ ۽ رستا وغيره. اسان جا ترقي پسند، ماڻهن جي مسئلن تي سياست ڪڏهن ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وصيت

اسان اهي سيئي جن کي جيئري ئي گهٽ ٻڌو ۽ سمجهيو ويندو آهي، انهن سيني کي طبقاتي سماج جي مراعت يافته سهولتن جهڙڪ 'وصيت' لکڻ، چوڻ يا خواهش ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

جيڪو سماج اڄ نٿو ٻڌي، اهو سيان ڪٿي ٻڌندو.

بس اسان جي خواهشن کي ڪٺي پونئيرن ۽ ساٿين تي طنزون ۽ تبرا ضرور ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڄ جو سڏ

① تعليم . معياري تعليم . مادري زبان ۾ بنيادي تعليم.

② گڏيل زراعت(اشتراڪي زراعت) . سائنسي زراعت.

③ پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيون.

④ ٿنڪ ٽئنڪ

⑤ لابنگ

⑥ تحقيق . ترويج . تحقيق

انهن سڀني کان اڳ

تنظيم .

سياسي ۽ طبقاتي شعور .

بنياد پرستيءَ کان انڪار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سوال

اسان ان سماج ۾ ٿا رهئون جتي

پي ايڇ ڊي اسڪالر،

سائنس جو استاد،

ڊاڪٽر ۽

انجنيئر

'سوال' ڪرڻ تي پريشان ۽ حقيقت بيان ڪرڻ تي ڪاوڙجي پوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راءِ

جڏھن ڪنھن بلاگ ۾ لکندڙ ڪليل لفظن ۾ لکي ٿو تہ اھا منھنجي ذاتي راءِ آھي. انجو مطلب اھو ھڪ مفروضو[26] آھي. اھو ثابت بہ ٿي سگھي ٿو ۽ رد بہ ٿي سگھي ٿو. ياد رھي تہ مفروضو ئي ڪنھن جستجو[27] جو بنياد وجھندو آھي.

[26] hypothesis

[27] research



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سفا سوڙهو اچي ڪيو اٿن-

اڙي بابا جلدي ڪريو

اڄ ئي، بورڊ جو اجلاس گهرايو

ٽوئٽر جي مالڪ جو پگهر پئي وهيو.

هڪڙي ڊائريڪٽر ڊڄندي پڇيس

سيٺ، خير تہ آهي.

سيٺ سرٻاٽ ڪندي چيس

اهو، سنڌ وارا ڊوميسائيل ڪير ٿو اشو ڪري

سفا سوڙهو اچي ڪيو اٿن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چلھي جو موت

اڄ وري ڏهن گھرن جي چلھن جو مرتيو ڪيو ويو . اهي ڏهه (10) ئي مزدورن جن کي صرف ان لاءِ قتل ڪيو ويو آهي تہ شايد اهي ڪا مخصوص ٻولي نہ ڳالهائيندا هئا.

ڪيڏو عجيب ٿو لڳي . مزدور . زبان . قتل.

مزدور تہ مزدور هوندو آهي ان جو ڪهڙو ديس ڪهڙي زبان. اهي قوم، ديس، زبان تہ پريل پيٽ جا چونچلا آهن .

اهي مزدور سکي ستابي سنڌ کان ٻاهر پرديس ۾ گھر جي چلھ ٻريل رکڻ جو بندوبست ڪرڻ ويا هئا.

سنڌي مزدور جيڪو پنهنجي جوءِ ۾ ڪم ڪرڻ کان لنوائيندو آهي جو سماجي تاجي پيٽو مزدور کي ڪو چڱي اک سان ناهي ڏسندو ان ڪري ٿورو پر پرو وڃي ڪمائڻ جي سنڌ اندر هڪ نئين ريت جڙي پئي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي واقعو سنڌين ۽ بلوچن وچ ۾ ڪو پيار جو سبب تہ نٿو بڻجي سگهي انڪري بلوچ ساجاهہ وندن کي اهڙن واقعن جي ڪليل مذمت بہ ڪرڻ گهرجي ۽ ساڻ اهو پڻ ڏسڻ گهرجي تہ انهن کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي.

مزدور جو مـــوت پلي بـــک وگهي ٿئي

ڪاخانيدار جي اڏنگيروئيي جي ڪري ٿئي

مزدوري نہ ملڻ يا بيروزگاري ڪـــري ٿئي

بيماري جو مناسب علاج نہ ملڻ ڪري ٿئي

ڪنهن تخريبڪـــاري جي نتيجي ۾ ٿئي

ڪنهن حـــادثي جـــي صــــورت ۾ ٿئي

اهو سول سوسائٽي جي ميڻ بتي برگيڊ جو مسئلو ناهي

شايد ان تي نہ ڪو پراجيڪٽ ملندو نہ ئي فنڊنگ ٿيندي

مزدورن جي نالي تي نهيل تنظيمون مختلف سياسي پارٽين جون ذيلي تنظيمون آهن. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ڪو مظاهرو ڪو احتجاج ڪيئن ڪن سندن ليڊرن جو موقف خبر ناهي ڪيئن اچي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪيرالا

سنڌو سپيتا جي ڪميونسٽ سماج عوام جي تربيت ڪيئن ڪئي آهي. ان جو هڪ ننڍڙو مثال[28] .

ڪيرالا جي هڪ هوٽل ۾ هڪ شخص ماني کائڻ ويو.

جڏهن ماني ٽيبل تي لڳي تن سنس نظر ٻاهر بيٺل ٻن ٻارن تي وجي پئي جيڪي حسرت ڀرين نگاهن سان هوٽل ڏي تڪي رهيا هئا.

هن اشارو ڪري ٻنهي ٻارن کي سڏ ڪيو، ۽ پير ۾ ويهاريو. ٻارن کان ماني جو پڇيائين، سندن پسند جي ماني گهرائي اهو انتظار ڪيائين جيسين ٻار کائي ڍئو ڪن.

بعد ۾ هن پنهنجي لاءِ گهرايل ماني کاڌي.

---

[28]ماخوذ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

جڏهن مانيءَ جو معاوضو(بل) ڏيڻ جو وقت آيو ته بل ڏسي سندس اکيون پرجي آئيون .

بل جي بدران چئوڙو ٽيل ڪاغذ پيل هو ان تي لکيل هيو "اسان وٽ انسانيت جو ڪاٿو ڪرڻ واري ڪا مشين ڪونهي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڇو تہ سوال ڪريون

پانت پانت جون ٻوليون

عجيب و غــــريب آواز

هيئن ڪري ڇڏيندا سين

هونءَ ڪري ڇڏيندا سين

هـــي نڪري وڃـــي

هـــو نڪري وڃـــي

چـــانڊڪا جا ڏينهن

يـــاد اچـــي ويـــا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منهنجو سادو سوال

سنڌي مزدور ڪنهن ترقياتي منصوبي تي ڪم ڪرڻ ويا هئا

اهو منصوبو خبرن مطابق "عظيم چائنا پاڪستان راهداري" جو حصو آهي جنهن کي CPEC ٿا چون.

ٻڌو هيوسين اهڙن سڀني منصوبن تي ڪم ڪندڙن ملڪي توڙي غير ملڪي ڪارڪنن، مسترين، انجنيئرن، مزدورن، چوڪيدارن، ٺيڪيدارن جي حفاظت لاءِ دنيا جي بهترين فوج جو خاص دستو ترتيب ڏنو ويو آهي.

لڳي ٿو اهي سڀ حفاظت ۽ CPEC واريون خبرون ڪي افواهه هئا.

جيڪڏهن منهنجي معلومات درست آهي ۽، اهي خبرون صحيح آهن ته ڪو آهي جيڪو مون کي دڳ لائي .

. هي مزدور ڪيئن ماريا ويا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

. ان معاملي تي سنڌ سرڪار جون ايمبولنسون چو ٿيون ڳولهيون وجن. واقعو تہ بلوچستان ۾ ٿيو هيو؟

. جنهن ٺيڪيدار وٽ مزدور ڪم ڪندا هئا ان جو نالو آهي FWOانهن ڪان پڇندي سنگت جا پر چو ٽا سڙن؟

. جن بلوچ تنظيمن ڏوهہ قبوليو آهي اهي ويچارا لاچار ڪيئن ٿي ويا؟

. جن بلوچ تنظيمن مذمت ڪئي، آهي. اهي ڌر آهن يا مون وانگيان پري جا ڏڪايل؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وقت

وقت اچي ويو آهي تہ هيڏي هوڏي لباڙون هڻڻ بدران ڪنهن

مدلل انداز ۾ گهٽ ۾ گهٽ نقطن تي مزدور ڪي گڏ ڪجي .

سياسي پارٽين جي پڇ لٽڪائو مزدور تنظيمن مان جند ڇڏائجي .

مزدورن جي زبان، رنگ، نسل، ڪم جي نوعيت، مذهب، فرقي جي بنياد تي ورهاست جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪجي .

مزدور جو محنت ڪرڻ جو حق.

مزدور جو معاشي استحصال .

عسڪري ادارن ۾ ڪم ڪندڙ سولين مزدورن جي حفاظت .

مزدور جو يونين سازي جو حق .

مزدور جي اجرت جو مناسب ۽ متوازن هجڻ

مقامي مزدور جو روزگار تي پهريون حق .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

عمر رسيده مزدور جي سهائتا جو قانون .

مزدورن جي اولاد. لاءِ بورڊنگ اسڪول .

مزدور جي ڪم دوران غيرفطري يا حادثاتي
موت جي صورت ۾ هڪ جهڙو معاوضو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قطار

سياستدان تہ بقول عام آهن ئي خراب.

چا ڪيون آمرانہ دورن ۾ هڪ عجيب قسم جو رويو پيدا ٿيو آهي.

ٿوري نظر پنهنجي قطار تي بہ ڊوڙايو.

منهنجو اشارو انهن عظيم ڪردارن ڏانهن آهي جيڪي ڏرتيءَ جي درد ۾ اڄڪلھ دورن جي بيماري ۾ مبتلا آهن.

جن ماڻهن سالن جا سال انهن سياستدانن جا جوتا ڪنيا ۽ ماڻهن سان بيواجبيون ڪيون، ڪرن پيا يا پنهنجي اولادن کي تيار پيا ڪن اهو نيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ.

منهنجو مطلب سول سروس جا راشي ڪامورا، راشي ڊاڪٽر، راشي انجنيئر، نااهل پروفيسر، پوليس وارا، اينٽي ڪرپشن جي نالي ۾ ڪرپٽ عملدار، بيضمير جج، NGO وارا ڏنڊوڙي اڳواڻ، لفافي ورا صحافي

ڪو رهجي ويو هجي تہ معافي جو طلبگار.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

انهن سيني جا گفتا، ڏرتيءَ سان محبت، ڪرپشن تي ڪاوڙ پڙهي، ٻڌي ڪل ته ٿيو ماڻهو روئڻ جهڙو به نٿو بچي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو

اڄڪلهہ هڪ نئون بحث ڇيڙيو ويو آهي تہ پنجين درجي تائين امتحان، مارڪون ۽ درجا بندي ختم ڪئي وڃي.

اها هڪ مناسب، وقتائتي ۽ بهترين تجويز آهي پر اهو ياد رکجو تہ تجويز ڪيل طريقي لاءِ هيٺيان اپاءَ وٺڻا پوندا:

1. موجوده 'نصاب' کي مڪمل تبديل ڪري، نئون نصاب ترتيب ڏيڻو پوندو.

2. استادن جي ڀرتيءَ جو موجوده طريقو تبديل ڪرڻو پوندو.

3. استاد ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تعليم لاڳاپيل مضمون ۾ 'ماسٽرس' ۽ ساڻ ايڊيوڪيشن ۾ گريجويشن.

4. استاد جي گهٽ، ۾ گهٽ ابتدائي عمر 27 سال ڪرڻي پوندي.

6. گهٽ، ۾ گهٽ پنجاهہ سيڪڙو عورت ستاد ڀرتي ڪرڻا پوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. ٻارن لاءِ داخلا جي عمر 7 سال ڪرڻي پوندي.

7. هر اسڪول ۾ راندين جو ميدان لازمي قرار ڏيڻو پوندو.

8. بنيادي تعليم هر ٻار ڪي مادري ٻولي( اها ٻولي جيڪا گهر ۾ ڳالهائبي هجي) ۾ تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو.

موجوده نصاب جي ترتيب ۽ پڙهائڻ جو طريقو امتحان وٺڻ وارو آهي. ان جو بنياد سمجهڻ گهٽ، ياد ڪرڻ وڌيڪ آهي.

مروج نصاب پڙهائيندي جيڪڏهن امتحان ختم ڪيا ويا ته ان جا ڀيانڪ نتيجا نڪرندا.

***ڪجهه دوستن جو خيال آهي ته 60 ۽ 70 جي ڏهاڪن ۾ جڏهن اسان پرائمري تعليم حاصل ڪئي ان وقت ڪو به امتحان ڪونه ٿيندو هو.

عرض ته اهو غلط العام تصور آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ڪاغذن ۾ امتحان بہ ٿيندو هو ۽ نتيجا پڻ
مرتب ٿيندا هئا،جيتوڻيڪ زميني حقيقتون
مختلف هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عواميءَ آگاهي

پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ سگهارين ڌرين جا پاليل صحافي، رٽائرڊ جرنيل، رٽائرڊ ڪامورا ۽ آسري ۾ ڇُور ڇُور مڊل ڪلاسي گڏجي سياسي پارٽين جي اهڙي تصوير ڪشي ڪندا آهن ڄڻ ڪائنات جي سڀني مسئلن ۽ خرابين جو بڻ بڻياد ئي سياسي پارٽيون آهن.

انهن جي لاءِ سڀني کان وڏيڪ خراب سياسي پارٽي اها هوندي آهي جيڪا عوام کي پسند هجي .

هو سڀئي گڏجي اهو ثابت ڪرڻ ۾ رڌل هوندا، آهن ته ماڻهو بيوقوف، آهن .

ساڳئي وقت اهو راڳ به جاري رهندو آهي ته اسان ته عوامي آگاهي جي مهم هلائي رهيا آهيون .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊوڏي جو خير گهرو

**ملڪ ۾ صنعتڪاري پلي ڪريو**

**اهو نہ وسارجو تہ پوءِ بہ**

- ملڪ جي عوام جي کاڌ خوراڪ لاءِ زراعت جي ضرورت رهندي.
- ماحول جي بهتري لاءِ ٻيلا بہ گهرجن.
- زرعي سڌارن ڪانسواءِ 'صنعت' جي نالي ۾ نئين جاگيرداري جو ڪاري وار ڪيئن سهبو.
- جيڪو ڪجھ بہ ڪيو، هاريہ، ڪيت مزدورن ۽ انهن نئين رياستن ۾ موجود ڳوٺن جي لاءِ بہ قانون جوڙيو.
- انهن نئين رياستن ۾ موجود آبادين لاءِ بنيادي سهولتون جهڙوڪ تعليم، صحت، روزگار، پاڻي ۽ تفريح وغيره جي لاءِ بہ قانون جوڙيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪاوڙ، ملال، طعنا

جيڪڏهن توهان
ڪنهن راءِ سان متفق نہ ٿيو
پنهنجو مئوقف بيان ڪيو
نہ
ڏوراپا ڏيندا،
طنز ڪندا،
چٽرون ڪندا،
الرون ڪندا،
گهٽ وڌ ڳالهائيندا
انفرينڊ ڪري ڇڏيندا
ماڳهين بلاڪ..



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راءِ بهادر

جو لقب انگريز سرڪار انهن غيرمسلم ڌرتي جي غدارن کي ڏيندي هئي جيڪي سندن وفادار هوندا هئا.

انهي ڪيٽگري جي مسلمان غدارن کي وري 'خانبهادر' جو لقب ملندو هو

جيڪو انهن ٻنهي کان سرس خدمتگذار نڪرندو هو

ان کي 'سر' جو خطاب ملندو هو

انهن خطابن سان گڏ زمينون،دربار ۾ ڪرسي، انعام اڪرام پڻ ملنداهئا

مطلب وطن جو غدار

قابض انگريز جو وفادار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پهاڪا

پهاڪا 'صنفي' ناانصافي تي ٻڌل پڻ هوندا آهن. انهن کي روزمره جي گفتگو ۾ جيڪڏهن استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏيون ته هوند فطري موت مري وڃن.

خاص ڪري اهڙا محاوره جن ۾

. عورت کي ننديو ويو آهي.

. ڪنهن نسل تي چٽر ڪئي وئي آهي.

ڪنهن ٻولي کي ڪمتر چيو ويو آهي.

. ڪنهن مزدور کي نشانو بڻايو ويو آهي.

. ڪنهن ڪرت کي گهٽ چيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇِھِ، ٿاندو ۽ ڄَرَ

سنڌ جي جنھن ڳوٺ ۾ نہ جي دڪيل دونھينءَ کي 'ٿاندو' چئبو تہ ڳوٺ جا ٻار بہ کلندا. ان دڪندڙ (ٻرندڙ) دونھينءَ ۾ جيڪا گرم ٻاھ نما شيءِ ھوندي آھي، ان کي سنڌيءَ ۾ 'ڇِھِ' چئبو آھي، ڇِھِ جيستائين خاڪ ۾ پوريل ھوندي دونھين وري دکائڻ جي ڪم اچي ويندي، جي ھوا لڳس تہ بس نھيو، اھا خاڪ ٿي ويندي.

سنڌ ۾ وري اڄڪلھ عجيب رواج نڪتو آھي. وساميل چلھ کي ٻاھ جي ڄَرُ(شعلو) پيا چون.

انھن جا ھمنوا وري چون ٿا سائين ساڄھ وند آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شفافيت

جيستائين 'منصب' تي مقرري 'لياقت' بدران 'عمر' يا حڪمران ڌرين سان ويجهڙائپ تي ٿيندي، تيستائين بهتري جي گنجائش نہ هجڻ برابر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ساٿ

ميڻ بتيءَ واري ڌاڳي جي چوڌاري ميڻ نہ هجي تہ اهو سڙي خاڪ ٿي ويندو. ڌاڳي کي ڄرَ پيدا ڪري روشني ڏيڻ لاءِ 'ميڻ' جو ساٿ کپي.

جيڪڏهن وري ميڻ جي مدد لاءِ ڌاڳو نہ هجي تہ ميڻ نہ ڄرَ پيدا ڪندي، نہ وري روشني، بي مقصد سڙي ويندي، جنهن جي رَڪَ بہ ڪونہ نهندي.

روشني ڏيڻ لاءِ 'ميڻ' کي وري 'ڌاڳي' جو ساٿ کپي.

سبق:

ڌاڳو ۽ ميڻ پنهنجي سر اڪيلا نہ 'ڄرَ' ڪڍڻ جهڙا نہ 'روشني' ڏيڻ جهڙا. هڪٻئي جو ساٿ ڏين تہ 'ڄرَ' بہ نهي تہ 'روشني' بہ ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پورائي

'سرمايو' جڏهن 'سرمائيدار' جي هٿ چڙهندو ته 'موڙي' تي صرف ۽ صرف استحصال جو سبب ئي بڻبو.

اهو 21 صديءَ جو الميو ٿيندو جڏهن سرمائيدارڻي سماج جي اثر ۾ اچي علم، دانش ۽ 'ڪتاب' کي به 'سرمايو' ڪوٺيندا سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي نانءِ

ساٿي توهان صحيح چوندا هئا.

اسان ڪي ئي سمجهه ۾ ڪونہ آيو.

هن ڪووڊ ـ 19 جي 'عالمي وبا' سڄي سنسار کي سمجهائي ڇڏيو.

"اسان جو حال صفا هيٺو ٿي ويو آهي.

'مسلم' ٿا ڏڪيئون تہ

'ليگ' رهجيو وڃي.

جي نہ وري ليگ جو ٿا خيال ڪيون تہ مسلم مسئلو ٿو ڪري "



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ بہ سکر تي پوندي

سنڌ واقعي سکر تي پونديءَ ان لاءِ اسان کي پنهنجو قبلو بہ درست ڪرڻو پوندو.

رڳو مارچ، ميلا، پريس ڪانفرنسون، بلاڳ ۽ تبرا ڪو گهربل نتيجو ڪونہ ڏيندا.

اهو سڀ ڪجھ صرف ڪل وقتي طبقاتي جدوجهد سان ئي ممڪن آهي.

اسان هلون تہ پيا، پر دڳ پلجي ويا آهيون.

اسان کي پنهنجي پسند جي ڪنهن نہ ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان شامل ٿيڻو پوندو.

هتي عجيب روش آهي.

چون ٿا سيئي سياسي پارٽيون خراب آهن.

ان ڪري اسان رڳو مارچ، ميلا، پريس ڪانفرنسون، بلاڳ ۽ تبرا ڪنداسين.

مطلب تہ ڪٿي ڪنهن تنظيم جو حصو ڪونہ ٿينداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي عام جي مزاحمتي سگهه جو غلط۽ استعمال ڪري، سگهارين ڌرين لاءِ سهولتڪار جو ڪردار، ادا ڪندا رهنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لبيا

انهن کي بہ ساڳو سودو وڪيو ويو هو

جيڪو سنڌ ۾ هر هٽ تي وڪامي ٿو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لاب

سنڌ ۾ ڪڻڪ جو لابارو شروع ٿي ويو آهي ۽ ڪڻڪ ڏينهن، ٻن ۾ مارڪيٽ ۾ اچڻ شروع ٿي ويندي.

آڳاٽي فصل جو ڀرپور لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار کي ننڍن آبادگارن ۽ هارين جي سهائتا لاءِ:

① ڪڻڪ جي 220 فصل جو اگهه مقرر ڪرڻ گهرجي.

② هارين ۽ آبادگارن کي ستين فارم جي آڌار تي الڳ، الڳ باردانو جاري ڪرڻ گهرجي.

③ تعلقي سطح تي ڪڻڪ جي خريداريءَ لاءِ مرڪز کولڻ گهرجن.

④ ڪڻڪ ضلعي کان ٻاهر ڪٽي وڃڻ تي پابندي هٽڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محبت ۽ پرڇو

محبت رڳو پرڇو (جنسي تعلق) ئي ته ڪونهي.

اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا، اتي محبتون به اوتريون ئي بيوس آهن جيترو هن سماج جو انسان.

"ڏور هلن ٿا هلر هلو،

چٽجي جو پيو سڪل سلو

سڪل سلو ساھ اسانجو،

ماڻھوءَ ۾ ويساھ اسانجو

ماڻھو محبت وارا مور،

پاھ بکن ۾ جڻ ڪي ڏور"

بک رڳو ڳيپي جي هجي ته چئجي، هتي ته بک به جڻ 'اندلٿ' آهي، الاجي ڪيترن رنگن جي، روپن جي، جهتن جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فردن جون غلطيون

صرف هڪ شخص جي ضد ڪري اسلام ڪوٽ ۾ ٿرڪول جا سمورا انساني ڀلائيءَ جا ڪم خانگي شعبي حوالي ٿي ويا.

① اسڪول ـ ستيزن فائونڊيشن حوالي. جيڪڏهن ايتري رقم شهر ۾ موجود سرڪاري تعليمي ادارن تي لڳائجي ها ته هوند سيئي اسڪول، ڪاليج پاڻ پرا ٿي پون ها.

② اسپتال ـ انڊس اسپتال حوالي. شهر ۾ موجود رورل هيلٿ سينٽر مدد لاءِ ٻاڏائيندو رهيو.

③ گوڙانٽو جو ڏڀو [جنهن کي 'ڊيم' ٿا چون] ان جو نيڪو جنهن گادي نشين کي ڏنو ويڳ، انهي ٺڪي جو ٻه ڪم ڪونه ڪرايو [ڪم ته خير هيو ٻه ڪونه، نوڪري بچائڻ جي ڪوشش هئي جيڪا ٻه ڪونه بچيس] اهو ڏڀو ٿر لاءِ اهڙو ناسور آهي جنهن جو ڪو علاج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي. [مٿان وري ليپو پوتي ايئن پيا ڪن جهڙوڪر اهو ڏبو تر جي تقدير بدلائي ڇڏيندو

④ چيائون جٽادار ترقيءَ جو گڏيل قومن وارو پروگرام Sustainable development Goals تا لاڳو ڪريون، اهو به اڏوگابرو رڳو هڪڙي تعلقي اسلام ڪوٽ ۾. هاڻي جيڪر نه ڪو انهي فلسفي کي هڪ ڀيرو پڙهي ته شايد ڪنڌ به ڪونه ڪٽي سگهندوهتي نڪ جي پڪائي اهڙي جو وجي ٿيا ست خير.

وري مٿان روز روز انهي شخص جا قصيدا ٻڌي ٻڌي ڪنن ۾ سور پئجي ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انسان:

مَنُشَ کي انسان ٿيڻ تائين سندس اجتماعي توڙي انفرادي سهائتا جي گهرج هوندي آهي. اها سماجن جي ذميواري آهي ته اهي سندس سهائتا جاري رکن.

اهو ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته:

"ماڻهو بنيادي طورanimal kingdom جو هڪ جاندار آهي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميلو

اهو لفظ جيئن ڪنهن 50 ۽ 60 جي ڏهاڪي ۾ ڄاول ٻهراڙيءَ جي ٻار جي ڪن تي پوندو تہ سندس ذهن تي ڪهڙا منظر تري ايندا:

چوڏهيل

سرڪس

رڇ - ڪتا

راڳ

ناچو

ڪوپري جي منائي

سڪل توت

چوڙيون

رانديڪا

پولڙي وارو فقير

سرخي، ڪجل، مساڳ جو دڪان

ٽانگو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاڪڙو

ڪوڏي، ڪوڏي

راڳ ۽ رنگ

ڀنگ، چرس

ٻشني، ڳنڍي چوڙ

سپاهي

(اچو تہ ميلا لڳائي سماج جي تقدير بدلايون)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتراڳ

جمهوري ادارن خلاف نئون راڳ:

فلاڻي فلاڻي ليڊر جي تعليم ڪيتري آهي؟

صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر جي تعليم ڪيتري آهي؟

قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي تعليم ڪيتري آهي؟

سينيٽ جي ميمبر جي تعليم ڪيتري آهي؟

گورنر جي تعليم ڪيتري آهي؟

وزير جي تعليم ڪيتري آهي؟

وزير اعلا جي تعليم ڪيتري آهي؟

وزير اعظم جي تعليم ڪيتري آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تياڳي

سنڌ ۽ پاڪستان مان هجرت ڪري آمريڪا،
ڪئناڊا يا يورپ جي ڪنهن ملڪ جي شهريت
اختيار ڪندڙ دانشورن ڏانهن:

ڪجھ پنهنجي نئين ملڪ بابت بہ لکو.

خاص ڪري موجوده سياسي حالتون، جنگي
جنون ۽ بين الاقوامي وڏيرائپ جي ڊوڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻوسٽ

هٿيارن جي عالمي سوداگرن جا مختلف شڪلين، رنگن، روپن ۽ نعرن وارا بنياد پرست ساٿاري سڄي دنيا خاص ڪري اسرندڙ ملڪن ۾ ساندي وانگر رنگ مٽائيندي نظر ايندا.

انهن جا هم آواز وري لبرل، ترقي پسند، انقلابي ۽ سامراج دشمن روپ ۾ چوگرد ڏسندي، ڏپ پيو ٿئي ته ڪنهن تي اعتبار ڪجي ڪنهن سان اندر جي سلجي.

ڪالھ ڪان ڏسٽن وائسٽن ڇهرن جون پوسٽون ڏسي صفا ساھ ٿو منجهي. اهڙي گهٽيل، ٻوساٽيل ۽ غير يقيني صورتحال ۾ پاڻ سنڀالي وڪ کڻڻ ئي شايد وڏو ڪم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غير سياسي

دوستن کي گذارش:

يارو پلي اختلاف ڪيو

ڪُنيُ چوڪَ تي نہ چاڙهيو

*****

سنگت کي گذارش:

'بلاگ' سمجهہ ۾ نہ اچي

تہ ان تي ڪمينٽ نہ لکو

*****

دوستن کي گذارش:

يارو پلي اختلاف ڪيو

پنهنجا لٽا نہ لاهيو

****

دوستن کي گذارش:

يار ميار ڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يَندڙِ نہ ٻَڌو

## سانحو

الميو اهو آهي تہ
جنهن کي قرض پکو کٽي
پڙهائيون ٿا،
اهو پرڏيهہ کمائڻ هليو ٿو وڃي.
وري وطن منهن بہ ڪونہ ٿو ڪري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

قتلام:

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو قتل انهي سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾

شهيد ذولفقارعلي ڀٽو،

شاھ فيصل بن سعود،

صدام حسين،

معمرقدافي ۽ ٻيا ڪيترا

پنهنجي ملڪن جي غريب عوام سان ڌوڪو ڪندي بہ مالڪن کان ڌوڪو ڪائي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## کھاڙيا، کوڏاريا، گوڏر

بي سپ چڏي ڳالھ

کھاڙيا، کوڏاريا

گوڏر، وڏي ڳالھ

. اياز .

کھاڙيا . وٽن جي واڍي يا چانگهڻ لاءِ کھاڙيا مزدور مطلب 'کھاڙي' پنھنجي ڪٽي ايندا.

کوڏاريا . واهن جي کاٽيءَ يا 'گارو' ٺاهڻ لاءِ کوڏاريا مزدور مطلب 'کوڏر' پنھنجي ڪٽي ايندا.

مون اهي ٻئي لفظ واهپي ۾ ٻڌا آهن.

باقي

گوڏر يا گوڏِيَرُ . اهو لفظ اکثر ڪري طعني طور ٻڌو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

هونءَ درياهه ڪناري يا ڏنڍن ڍورن تي رهندڙ ڪٽنبن زالين، مردين گوڏ پائن، مطلب 'گوڏ' بئي صنفون پائينديون آهن.

اهڙا ڪٽنب اڪثر غربت جي بالڪل هيٺين سطح تي هوندا آهن. ڪين 'گوڏير' ڪوٺي، انهن جي ڪمزور معاشي حيثيت تي طنز ڪئي ويندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻار ڪان فرد جو سفر

هڪ ٻار کي فرد بنائڻ لاءِ رڳو ڪٽنب نہ سڄو ڳوٺ ذميوار هوندو آهي.

هر ڳوٺ جو هڪڙو پنهنجو 'مزاج' هوندو آهي.

ڳوٺ ۾ پليل اڪثريت ان جي نمائندگي ڪندي آهي.

باقي انفراديت کي رد نٽو ڪري سگهجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيزاري

مصوريءَ جو ھي شاھڪار ان نفسياتي ڪيفيت کي ظاھر ڪري ٿو جنھن لاءِ دوستو وسڪي چيو:

"مون کي ھر وقت ماڻھن تي ڪاوڙ ڪونہ ايندي آھي، پر آءُ سندن موجودگي کي محسوس ئي ناھيان ڪندو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاعر ۽ شخص

هن جو 'شاعر' ۽ 'شخص' بالڪل متضاد ڪردار آهن.

ڪيس جيڪڏهن شاعر طور ڏسنداسين ته سيني لاءِ بهتر رهندو.

باقي شخص کي بحث هيٺ آڻينداسين ته پو شايد شاعر کي به ڪٿي پناهه نه ملي.

ڏات ۽ ڪردار 'بہ' بالڪل الڳ خاصيتون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اجتماعي سزا

مجال جو مسئلي جي سائنسي حل ڏانهن هڪ وک به کڻئون.

سڄي دنيا اهو مڃي ورتو آهي ته سماج کي گهرجي ته ٻارن کي توليدي ۽ جنسي صحت( (SRHجي تعليم ۽ تربيت 9 سالن جي عمر کان مطلب 5 درجا پاس ڪرڻ کان پهريان مهيا ڪئي وڃي جيئن جوانيءَ ۾ قدم رکندي کين جنسي، ۽ توليدي صحت متعلق جوڳي معلومات هجي.

اسان اهڙو ڪجھ به ڪونه ڪنداسين.

انتظار ڪنداسين ته اهي ڪو غلط قدم کڻن تن جيئن انهن کي، اجتماعي سزا ڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صدا

اسان جو ڪم آهي صدا بلند ڪرڻ
جاڳندا رهجو .
جاڳندا رهجو
پر، جي جاڳائڻ لڳي پياسين
تہ هڪ گهر تائين محدود تي وينداسين
اسان تہ پوري پاڙي لاءِ صدا هڻندا آهيون
اها بہ گهٽيءَ مان
جاڳندا رهجو .
جاڳندا رهجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هجرت

پنهنجو اباڻو وطن ڇڏڻ ڪو حادثو، زيادتي يا خواهش به ٿي سگهي ٿي.

اهڙن ماڻهن کي نئين ملڪ ۾ "مهاجر" چيو ويندو آهي.

انهن ماڻهن جي مخصوص سوچ هوندي آهي، ڪين نئين ملڪ ۾ پير ڪوڙڻا هوندا آهن ۽ مقامي اڪثريت کي پاڻ وٽائڻو هوندو آهي.

سندن نفسيات اها هوندي آهي ته مذهب يا قومپرستيءَ جو تڪڙو سهارو وٺي، اڪثريت جو حصو ٿي وڃجي.

اهي ڪٿي به هجن هميشه "پاپولر سياست" جو حصو هوندا آهن.

پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ايئن ڪندا آهن جيئن اهي وري ڪنهن ٻئين شاهوڪار ملڪ ڏانهن هجرت ڪري سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اگهاڙو سچ

هڪ تصوير "جين لون جريوم" نالي مصور "اگهاڙو سچ" جي نالي سان منسوب ڪئي آهي.

هن شاهڪار کي هن 1896 ع ۾ رنگيو هو.

اها تصوير ٻڌائي ٿي ته سچائي ڪيئن ڪوڙ جي دام ۾ ڦاسي ٿي.

ڏند ڪٿا موجب هڪ ڏينهن ڪوڙ ۽ سچ پاڻ ۾ مليا

ڪوڙ، سچ کي چيو:اڄ تمام خوبصورت ڏينهن آهي!

سچ، شڪ ۾ پئجي ويو ۽ هن آسمان ڏانهن نظر وڌي ۽ محسوس ڪيو ته اڄ واقعي ڏاڍو سٺو ڏينهن آهي ۽ موسم به خوبصورت آهي.

سچ، ڪوڙ سان ڏينهن گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

شام جو گهمي ڦري جڏهن واپس موٽيا ته ڪوڙ، سچ کي چيو:هن ڦتل کوھ جو پاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منو ۽ غسل لاءِ سنو آهي، ان جو لطف حاصل ڪرڻ گهرجي؟

سچ کوھ جو پاڻي چکي ڏنو، واقعي منو هيو، هن ڪوڙ جي وهنجڻ واري صلاح قبولي.

ٻنهي پنهنجا پنهنجا ڪپڙا لاٿا ۽ کوھ ۾ ٽپ ڏنا ۽ ٽٻيون هڻڻ لڳا. ڪوڙ سچ کي ٽٻي ۾ ڏسي، چالاڪي سان پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتو، جلدي جلدي سچ جا ڪپڙا پائي کسڪي ويو.

سچ ويچارو ننگ ڌڙنگ کوھ مان نڪتو ۽ ڏاڍي ڪاوڙ مان ڪوڙ کي هيڏي هوڏي ڳولهڻ لڳو.

ايندن ويندن ماڻهن سچ کي اگهاڙو ڏٺو، انهن مان ڪيترن کي حيرانگي ٿي، ايتري قدر جو انهن منهن ٻئي طرف ڦيرايو ته جيئن اهي سچ جي اوگهڙ نه ڏسي سگهن.

ان کان پوءِ، سڄي دنيا ۾ ڪوڙ ڳالهائيندڙ کي سچ جا ڪپڙا پهريل آهن ۽ ماڻهو ان کي قبول ڪن ٿا، جڏهن اهي اگهاڙو سچ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ويچارو سچ رهندي دنيا تائين اگهاڙو رهجي ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صاف گوئي

مسئلو انھن سان گھڻ،
اسان سان وڌيڪ ٿو لڳي.
ڪالھ تائين
جيسين اسان ساڻن گڏ ھياسين،
ڏاڍا سٺا ھيا
اسان ڪي بہ وڻندا ھئا
تعريفون ڪندي ٿڪبا ڪونہ ھئاسين
جڏھن ڪان چلھ ڏار ٿي ھو خراب ٿي ويا
بلڪہ صفا بيڪار ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سماج جو آئينو

سماج ڪيتري حد تائين برايون برداشت ڪندو.

اسان جڏهن آئينو استعمال ڪندا آهيون ته ان جي ايترو ويجهو ايندا آهيون، جتي پنهنجو عڪس بهتر ڏسڻ ۾ اچي.

نه صفا ويجهو، نه وري گهڻو پري

ٻنهي، صورتن ۾ عڪس متاثر ٿيندو آهي.

سماج به ايئن ئي ڪندا آهن.

جڏهن عڪس ڌنڌلو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي، ان وقت پاڻ کي روڪي، اڳتي يا پوئتي وڃي پنهنجي عڪس کي ڏسڻ لائق، خوبصورت بڻائيندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جهمر کي قيد نہ ڪريو

جهمريون پائڻ، هر سماج جو حصو هونديون آهن.

اسان بہ نندڻي وڏي خوشيءَ جو اظهار اجتمائي توڙي انفرادي طور جهمريون پائي ڪندا آهيون.

اڄڪلهہ 'جهمر' کي بہ ڪنهن مذهب، فرقي يا لباس جي طابع ڪرڻ جو نئون واءُ گهليو آهي.

پوءِ چوندا:

هيءَ فلاڻي مذهب جي جهمر آهي.

هيءَ فلاڻي فرقي جي جهمر آهي.

هيءَ ملحدن جي جهمر آهي.

خواب هجن آزا تہ پيون چا گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ترجيح

ھڪڙو اڪين ڪان وڏو پئي دڳ سان ويو.

سندس لٺ وڃي ڪنھن نرم شئي تي پئي.

نوڙي آڱر ٻوڙي چکي ڏٺائين.

اھو 'ڇيڻو' ھو.

چيائين:

چڱو ٿيو پير نہ پريو.

سبق . پير پريو تہ ڪير ڌوئاريندو

آڱر ڪنھن ڏٺي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سرٽيفڪيٽ

ڪجھ منھنجون حقيقتون آھن.

ڪجھ توھان جون حقيقتون آھن.

توھان جي پنھنجي منزل آھي.

منھنجي الڳ منزل آھي.

ماڻھن کي ساھ ڪڍڻ ڏيو.

ھرڪو پنھنجي انداز ۾ سوچيندو آھي.

توھان جي سوچڻ جو انساز مختلف آھي.

منھنجو انداز نرالو آھي.

ھيءَ دنيا ھم خيال نہ آھي،

نہ ٿيندي ۽

نہ وري ٿيڻ گھرجي.

رھيو سوال ڏرتيءَ سان محبت جو،

اھو سرٽيفڪيٽ توھان کان نہ گھرجي.

مون کي ثابت ڪرڻ جي ضرورت بہ ڪونھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهه ٻڌ

توهان جو مضمون سنڌيءَ ۾ لکيل آهي،

هتي اڪثريت ڪي سنڌي پڙهڻ نٿي اچي،

مهرباني ڪري قومي ٻوليءَ ۾ لکو.

ڪالهه ثقافت جي ڏهاڙي تي اجرڪ ۽ ٽوپيءَ سان تصوير ڪيرائيندڙ سنڌي منتظم حڪم جاري ڪيو.

مون لکي موڪليو:

مان صرف سنڌيءَ ۾ سوچي سگهندو آهيان،

سنڌي ئي اسان جي قومي ٻولي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ تي ماڪڙ جو حملو

ماڪڙ يا قدرتي آفتن تي حڪمت عملي ناهڻ ۽ وفاق جي اڪائين جي سهائتا ڪرڻ، وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي.

وفاق جي سليڪٽيڊ خداترس حڪومت جهنگلي جيوت تي رحم ڪائيندي ماڪڙ لاءِ ڪجھ ڪرڻ تي راضي ناهي.

صوبن وٽ نہ لياقت، نہ وسيلا، نہ گھربل سهولتون.

گڏيل قومن جي ادارن کي گھرجي تہ اهي حالتن جو جائزو وٺي، انهي آفت کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حق سچ

هڪ سئو انڌن جو ٽولو

جيڪڏهن اهو فيصلو ڪري ته

هي مڙهه هاٿيءَ جو ناهي،

ڪنهن  مينهن جو آهي.

پوءِ به هاٿيءَ جو مڙهه،

هاٿي ئي رهندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسان جي رسمن تي تنقيد بند ڪريو

هڪ ته پڏر تي ٿا هنگو

مٿان وري مٿي جو ٻُڪ وجهي ٿا ڇڏيوس.

پلي ته ڪو ٻار ٻڍو ترڪي ڪري يا

ڪنهن ڳيروءَ جو وجي

انهي ٿانڊي تي پير پئي.

ڪجهه ته رحم ڪريو

يا ته اهو  پڏر تي هنگڻ وارو ڪم بند ڪريو

پلا جي نٿا مڙو ته

مهرباني ڪري مٿان مٿي ته نه وجهوس،

ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ کي نظر ته اچي

ته ڪو دڳ ۾  'ٿاندو' به پيو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ تعليم جو معيار

منهنجي تجربي مطابق سنڌ ۾ تعليم جو معيار وقت سان گڏ بهتر ٿيندو رهيو آهي.

مان اهو ان بنياد تي چئي سگهان ٿو جو مون سنڌ مان گذريل صديءَ دوران 80 جي ڏهاڪي ۾ ميڊيڪل جي تعليم حاصل ڪئي.

منهنجي ڪجهه ٻارن هن صديءَ ۾ اها مڪمل ڪئي آهي ۽ ڪجهه اجا شاگرد آهن.

سندن پڙهڻ جو انداز، پڙهائيءَ ڏانهن رويو ۽ سکيا جو معيار جيڪڏهن مان پهنجي وقت سان پيٽيان ٿو تہ ٿلهي ليکي هن وقت جو معيار بهتر ٿو لڳي.

جنهن ۾ بهتريءَ جي گنجائش موجود آهي جيئن اسان سنڌ مان عالمي معيار جا ڊاڪٽر پيدا ڪري سگهئون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مينهن ۽ نينهن

سر سارنگ ۾ پٽائي جڏهن

'مينهن' ۽ 'نينهن' جو ذڪر ٿو ڪري تہ

اهي ٻيئي لفظي معنا سان گڏ

علامتن طور پڻ استعمال ڪري ٿو.

مينهن[29] . برسات . سوچ . انداز .

نينهن[30] . پيار . عزم . واعدو . ارپنا .

---

ideology[29]

commitment[30]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اوطاق

سنڌ جي، اوائلي سماج ۾ چلهه تي ڳڻجي ويهڻ جو رواج هيو، جنهن جي مک ماءُ مطلب عورت هئي.

اوطاق ـ سنڌي ۾ زرعي سماج جي، اوسر سان آئي، جنهن ۾ وري مرد، اهو به جيڪو پاڻ هاري ڪونه هيو مک ٿيو.

آباديءَ جي بي هنگم واڌ اوطاق جي جڳهه تي 'اوتاري'، 'مئخاني' يا هوٽل کي اسرڻ جو موقعو ڏنو.

اوطاق کي صنعتي سماج ۾ ختم ٿيڻو هو.

سنڌ ۾ اها شهري سماج جي، اسرڻ سان ختم ٿيڻ لڳي.

طبقاتي سماج به چالاڪيءَ سان اهڙين تڪراري ريتن کي مذهب يا ثقافت جي لبادي، ۾ زنده رلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

صنعتي سماج ۾ مقامي سطح تي مختلف طبقن جون الڳ الڳ ڪلبون هونديون آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

جيڪي جهڙوڪ اوطاق يا وري اوتاري جو ڪم ڪنديون آهن.

استعماري سماج ۾ وري انهي ساڳي نالي 'ڪلب' کي سرمائيداري گماشتن جي اوطاق طور استعنال ڪيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌي سماج ۾ فنڪار جو رتبو

سنڌي سماج ۾ فنڪار جو رتبو روايتي طور تہ ڪو مانوارو ڪونہ رهيو آهي، پر سياسي جدوجهد جون داعي ڌريون انهي ڪي تسليم ڪونہ ڪنديون هيون.

اڄڪلهہ هڪ اديب جيڪو ذات 'ڪنير' ٿو لکي ۽ سندس شهرت مذاح (مشڪري) آهي، اهو پنهنجي ئي سياسي لڏي جي هڪ شاعر کي مگڻهارن جي اولاد جو طعنو پيو ڏئي.

- ڪنير
- حجم
- مگڻهار
- ڪوري
- موچي
- ماڇي
- ميربحر
- قاضي
- آخوند
- پيرزادو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٽ ورن ۾

- ڪاسائي
- ڪٽي
- ڏڪڻ
- آرائين
- اوڏ
- جت

۽ ٻيا ڪيترا 'فن' آهن، جيڪي اڳتي هلي 'ذات' جي شڪل وٺي چڪا آهن. انهن پيشاورن ۾ مڱڻهار هجڻ چا ۾ گهٽ آهي يا وري ڪنيرهجڻ ۾ ڪهڙي گهٽتائي.

طبقاتي سماج ۾ هنرمند کي نيچ سمجهڻ جي روايت 21 صديءَ ۾ به اسان جو پيڇو ڪونه ٿي ڇڏي.

اسان موسيقيءَ سان پيار جي هام ته هڻندا آهيون پر فنڪار جي ڪڏهن به دل سان عزت ناهيون ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وڪٽر جارا

چليءَ ۾ پنھنجي حق لاءِ 'چِلو' پچائيندڙ
جڏھن "وڪٽر جارا" جو ڳايل گيت
'امن سان جيئڻ منھنجو حق آ'
ڳائيندا ته
ھٿيارن جي واپارين کي مرچ ته لڳندا.

—

"وڪٽر جارا" ڪير آھي؟

چليءَ جو شاعر، گٽارسٽ ۽ لوڪ فنڪار جنھن کي 1973 ۾ فوجي آمر پنوشي بيرحميءَ سان قتل ڪرايو ھو.

'جارا' جون آڱريون پيچي ۽ ان تي چٿرون ڪيون ويون ته ھاڻي وڄاءِ 'گٽار'.

اڄ چليءَ ۾ ھزارين ماڻھن گٽار وڄائي، 'جارا' جي ڏن تي گيت ڳائي دنيا تي واضح ڪيو ته اسان پاڻ ۾ متحد آھيون. امن سان رھڻ اسان جو حق آھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگھوتريءَ جي جھيڙن کي انقلاب سان تشبيح ڏيڻ، ڏتڙيل طبقن جو انقلاب تان اعتبار گھٽائڻ جي ڪوشش آهي.

چليءَ وارن تہ "وڪٽر جارا" جي نقش قدم تي هلندي الڳ اعلان ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## طبقاتي سماج جون غلط العام روايتون.

**مطلب .**

**ڪنهن مزدور کي**

**سائين نہ چئجي.**

**اسان جي زرعي ڪلچر جو**

**بنياد ئي طبقاتي آهي.**

**جنهن ۾ هنرمند کي**

**'ڪاسبي' ڪوٺيو ويو آهي.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خودساخته دانشور جو اعلان

هڪ خودساخته دانشور جو اهم اعلان

اين جي او سماج لاءِ هاجيڪار آهن.

آءُ ٻن نيڪ "اين جي اوز" جو صلاحڪار ۽

هڪ اين جي او جو سرپرست آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عجيب روش

جن صاحبن جا پنھنجا ٻار مھانگن خانگي اسڪولن ۾ پڙھن ٿا، اھي پوءِ پاڻ ڀلي ڪنھن سرڪاري اداري ۾ پاڙھيندا ھجن، ايئن ئي سوچن، سمجھن ۽ چون ٿا تہ سرڪاري اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ بالڪل پڙھائي ڪونھي.

حقيقت اھا آھي تہ اڄ بہ پروفيشنل ادارن ۾ 80 سيڪڙو ٻار، سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن مان اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وقت کان اڳتي هلڻ جي سزا

ڪجھ دانشورن جي فرمائش آهي تہ اکين تي ڪوپا ٻڌي، گهاٽي جي ڏاند وانگر جيڪڏهن سندن سياسي تجزئي کي تسليم نٿا ڪريو ۽ سندن پنيان نٿا لڳو ۽ پنهنجو الڳ موقف ٿا رکو تہ ان کي اهو چئي رد ڪيو ويندو تہ توهان پيپلزپارٽيءَ جا ثناخوان آهيو.

توهان رعايتون ورتيون آهن يا انهن جا اميدوار آهيو.

سائين توهان بالڪل درست آهيو.

اسان کي ڪهڙي خبر تہ اٿ ڪهڙي ڪل تو ويهي.

توهان بالڪل حق تي آهيو.

سنڌ جي ماڻهن ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي

لياريءَ مان

تحريڪ لبيڪ ۽

تحريڪ انصاف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي مان

وفاقي حڪمران ڌر جي

'سانداڻي' کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي.

هاڻي "پ پ پ" جي لاءِ ڪو نئون حڪمنامو جاري ڪريو.

هو بہ بس ڪن لائيون وينا اٿو رڳو توهان جي حڪم جي دير آ

صرف هڪ نماڻو عرض

پياءُ دل ۾ نہ ڪجو

توهان آهيو ڪجھ گهڻ پاسا انهي ڪري هڪ ساهي مان بہ ڪجھ سوال ڪري ڇڏيان.

توهان ڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جا ميمبر رهيا آهيو؟

ها، اڄڪلھ ڪهڙي ملڪ جي شهريت اٿو؟

هونءَ آخري دفعو سنڌ ڪڏهن آيا هئا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئون دستور

ڪو سوال نہ پڇي جو سرمائيدارن، منشي سنڌي رکيا آهن.

ماڻهن سوال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. خوش تہ انهي تي ٿيڻ گهرجي.

ٿمر مبارڪ مندجي ڪم ۾ سنڌ حڪومت جو حصو هيو؟ نہ

بلاڪ هڪ ۾ سنڌ حڪومت جي پائيواري يا سرمائيڪاري آهي؟ نہ

بلاڪ 2 ۾ سنڌ حڪومت جي سرمائيڪاري آهي، اسان پائيوار آهيون. مالڪ آهيون. پڇئون ٿا تہ منشين کي ڪاوڙ ٿي لڳي.

منشي تہ هڪ پاسي، انهن جا ياردوست تہ صفا بجلي لڳا پيا آهن.

خير، پوءِ بہ پڇندا رهنداسين.

ڪو هڪ مثال ۔

جنهن ۾ سنڌ جو مڊل ڪلاس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

ڪنھن تڪراري مامري ۾
'فرد' بدران 'اداري' سان بيٺو ھجي.
ڪو ھڪ مثال .
جنھن ۾ سنڌ جو مڊل ڪلاس،
ڪنھن تڪراري مامري ۾
'آجر' بدران 'عوام' سان بيٺا ھجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خوشي

**مالڪ جو ڪرم**

**ڇيائين مالڪ جو ڪرم،**

**اسان هڪ ابي جي اولاد،**

**پاڻ ۾ 6 ڀائر آهيون.**

**هر ڪنهن جو پنهنجو ڌار گهر آهي.**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عجيب منتق نہ سمجھ ۾ ايندڙ عذر

پهريان شاگرد يونين ۾ سياست لاءِ بہ اهڙي ئي ٻولي استعمال ٿيندي هئي.

اڄڪلهہ وري بلدياتي سياست لاءِ بہ ساڳو راڳ جاري آهي.

سياسي ادارن کي هر حال اندر زندهہ رهڻ گهرجي.

جنهن کي، اها ڳالهہ سمجھ ۾ نہ اچي، اهو 19 صديءَ جي 'شيرف' جو حال ڪنهن فلم ۾ ڏسي يا پڙهي.

وقت انهن سيني بيمارين جو علاج آهي.

جيئن جيئن تعليم بهتر ٿيندي، سياسي ادارا بہ بهتر ٿيندا ويندا.

شرط اهو آهي تہ اسان سيئي شامل ٿيئون. جيڪڏهن اميدوار نتا ٿي سگهئون تہ ووٽ فرض سمجهي ڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميارون

'چِٽَ' جي گرميءَ جون ميارون سيئي پلي 'سَرَ' کي ڏيو جو اهو ٻہ نسرندو، پنهنجي 'ڪُتِ' [ٻج] هواۂ ۾ پکيڙي پنهنجي وجود جي بقا جو اعلان ڪندو. اهو ٻج وري بهار ۾ ڪنڌيءَ ڪناري ۽ ڪپن تي ڦوٽهڙو ڪري 'سَرَ' جي نسل جي بقا جو ضامن ٿيندو. سندس 'ڪانو' بہ قد ڪندو، ڪنهن ڇپر ۾ حصو ونڊائيندو، ڪٿي 'سارين جي پَلِي' ۾ ڪم ايندو، ڪٿي 'ڪنڌي' ۽ ڪٿي مَنَهَ ۾ ٻاڱي پائيوار ٿيندو.

پر رڳو سر ٿورئي، فائدو تہ

'ونئڻ' ۾ پکل 'گوگڙي' کي 'ڪپھ' ڪيڻ ۾ بہ ٿيندو،

'ٻاجهري' جو سنگ بہ سک جو ساھ کڻندو ۽

'ساريون' بہ ڪجھ سنگ ۽ ساھ سارينديون.

نظر ڦيرائيندئو تہ 'ڪنول' بہ جام ٽڙيل ڏسبا ۽ ڪجھ پلو 'پبڻن' جو بہ ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سوڳوار

فيس بوڪ واري سنڌ سوڳوار ٻہ طبقاتي رتبي تحت ٿيندي؟

اها سوڳواري ڪو سماجي تحرڪ تہ ڪونہ پيدا ڪندي.

سنڌ ڪي عورت ۽ ٻارن جي لاءِ ٻنا طبقاتي متڀيد جي آواز بلند ڪرڻو پوندو.

موت تہ نجات آهي.

انهن جو بہ سوچيو جيڪي جيئرا آهن پر

تپ دق( ٽي بي)، خوراڪ جي کوٽ سبب ٻندرا, EPI زريعي بيمارين کان بچاءُ جي سهولت نہ هجڻ.

- ويم جي جوڳي سهولت نہ هجڻ ڪري فسٽيولا .
- هيپٽائيٽس
- ايڊز
- غربت
- جهالت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون پيٺ ورن ۾

- تعليمي سهولتن جي کوٽ
- توليدي صحت ۽ حقن جي ڄاڻ جي کوٽ
- کاڌخوراڪ جي کوٽ جهڙن عذابن ۾ مبتلا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪالم نگار

ڪالم نگار جي ٻولي جي پختگي ۽ استعارن جي تعريف ڪندي عرض ته صحت جون سهولتون ايئن ڪنهن فوٽو وانگر ڏسڻ سان سمجهه ۾ نه اچڻ فطري ڳالهه آهي

ڪنهن به اسپتال جي ڪارڪردگي ان جي قائم ڪرڻ مهل مختص ڪيلَ بجيٽ، عملي، بسترن جيَ تعداد ۽ موجود حالتن کي سامهونَ رکي ئي ڏسي سگهجي ٿي.

اسپتال جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل فوتگيون ان شهر، ضلعي ايستائين جو صوبي سان سلهاڙڻ به زيادتي ٿيندي.

اسان وٽ هڪ عجيب رسم شروع ٿي آهي) جنهن جو شڪار ڏسٽا وائسٽا لڪاري به ٿيندي نظر ٿا اچن (جنهن تحت سڄي سنڌ ۾ پيينگ لڳي پئي آهي

لاڙڪاڻي ۾ ميڊيڪل ڪاليج ايستائين جو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ کي به ايئن پيش ڪيو ويندو آهي جهڙوڪر ڪجهه هجي ئي ڪونه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالھيون پيٽ ورن ۾

اسان کي پنھنجي انھي روش تي نظرثاني ڪَرڻي پوندي.

مشڪل حالتن ۾ ڪم ڪندڙ ھزارين ھنرمندن جي دلجوئي ۽ ھمت افزائي ڪرڻي پوندي.

اھي ئي ادارا آھن جيڪي اسان کي مستقبل جا ڊاڪٽر، نرسون، صحت ڪارڪن ۽ اسپيشلسٽ تيار ڪري ڏيندا.

اھي ادارا ملڪي ۽ غيرملڪي سطح تي مڃيا وڃن ٿا.

انھن جو تعليمي سندون سڄي دنيا ۾ قابل قبول آھن

رڳو جج، ڪالم نگار ۽ صحافي انھن کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عجيب بحث

نوابشاهه ضلعي جو نالو شهيد بينظيرآباد ڇو رکيائون

سائين، اهو انتظامي فيصلو آهي,

جيڪو وقت جي حڪومت ڪيو آهي

نه سائين،

اهو بالڪل غلط ڪم آهي،

تاريخ سان هٿ چراند آهي وغيره وغيره

باقي، ڀلا، اهو ته ٻڌايو؟

خان ڳڙهه - جيڪب آباد تي ته ڪنهن ڪي سور ڪونه ٿيو

نيروڻ ڪوٽ -حيدرآباد تي ڪنهن ڪجهه ڪونه ڳالهائيو

ڀلا

- سيوستان - سيوهڻ ڇو؟
- چانڊڪا - لاڙڪاڻو ڇو؟
- سيتا - رحماني ننگر ڇو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

- لب درياهه - ڏوڪري چو؟
- لائلپور - فيصل آباد چو؟
- رام باغ - آرام باغ چو؟
- لالوکيت - لياقتَ آباد چو؟

**هاڻي جڻ سهٽن جي وات ۾ مڱ پيل آهن**

## رستو

سنڌ توڙي هاڻوڪي پاڪستانَ ۾ مون کي تہ ڪو اهڙو اڪابر ڪونہ سجهي جنهن ڪو نئون سياسي، سماجي يا معاشي نظريو ڏنو هجي جو ان جي ويهي ڪا سائنسي بنيادن تي ڇنڊڇاڻ يا نئين سر تحقيق ڪريون.

ڪجهہ گذري ويل اڪابرن جون ڪيل دل جون ڳالهيون هيون، جيڪي سچي دل سان ڪيون هئائون، انَ جي موتَ ۾ اهي عزت لهڻ ۽ اسان سندنَ دلَ سانَ عزت ڪيون ٿا.

رهيو سوال اڳتي ڪيئن ڪجي؟

جيڪڏهن 21 صديءَ جي سماجي، سياسي ۽ معاشي منظرنامي تي ڪو صحتمند پروگرام جوڙڻو آهي تہ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ نشيدار خيالن جهڙوڪ مذهب ۽ قومپرستيءَ کان آزاد ٿيڻو پوندو.

موجوده حالتن پٽاندڙ قومي جمهوري سوال کي سياست جو مرڪزي نقطو بڻائي نئين سر صفبندي ڪرڻي پوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

طبقاتي سوال پنهنجي جاءِ تي موجود رهندو جنهن جو جوڳو حل قومي جمهوري حڪمت عملي تحت ڳولهڻو پوندو،روايتي تقليد سان ڪي جوڳا نتيجا ملڻ جي اميد رکڻ خام خيالي هوندي.

قومي جمهوري پڌرنامي ۾ طبقاتي ۽ قومي سوال تي مربوط حڪمت عملي جو هجڻ لازمي جز هجڻ گهرجي.

عالمي جنگي سرمائيداريءَ جي موجوده دور ۾ سائنسي بنيادن تي معاشي نظام مرتب ڪرڻو پوندو.

جديد غلامي ۽ نوآبادياتي منظرنامي ۾ پنهنجو قبلو طئي ڪرڻو پوندو.

جمهوري روايتن پٽاندڙ اجتماعي قيادت جو رستو ڪڍڻو پوندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وسڪاري ڪانپوءِ

برساتون تہ پاڻ سان گڏ رڱو سونهن ڪٺي ايندڙيون آهن. اها جهڙ ڦڙ هجي، گيچڙ مينهن هجي يا وڏڦڙو هجي.

اهي، وهڪر، نيون، ندیون، ڍنڍون، ڍورا، تل، ترايون تحفي ۾ ڏينديون آهن.گسن تي، گوندرن ۾، رستن تي، جهرجهنگ، جبلن تي ساوا گاهہ ڦٽي نڪرندا آهن. جن جو وري پنهنجي بقا لاءِ جلدي گل جهلي ٻجَ ڌرتيءَ حوالي امانت ڪرڻ جو مقابلو هوندو آهي. وڻن جاَ ٻج هڪ جڳهہ کان ٻين جڳهہ وهي وڃي ڦٽنداَ آهنَ

انساني سماج جي روينَ ۽ ترتيبَ انهنَ برساتن کي جڻ تہ سماج لاءِ آزار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

طبقاتي سماج ۾ ڪچا، ڪکاوان، هيٺاهين وارا گهر.

شهرن ۾ ڪچيون، غيرقانوني آباديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

پاڻيءَ جي قدرتي وهڪرن تي ٺهيل آباديون.

زرعي زمينن تي قائم آباديون

گندي پاڻيءَ جي نيڪال جا نامناسب طريقا.

برساتي پاڻي ءَ جا بند پيل تاريخي دڳ.

هرڪنهن آباديءَ جا پنهنجا مسئلا ۽ مامرا هجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خواب هجن آزاد ته ٻيو ڇا گهرجي

جنهن ڏينهن سنڌو ماتريءَ جا
موسمي ۽ زرعي تهوارَ
اسان سيني مذهبن جي قيدَ کان
آزاد ٿي ملهاياءِ
ان ڏينهن سنڌ
مذهبي رواداري ءَ جي دور ۾
شامل ٿيندي.
باقي اڄڪلهه
اسان رڳو
مبارڪون ۽ واڌايون
لکي لکي پيا
پنهنجَ روح ريجهايئون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چڙهيءَ جو گهوڙو

**چڙهي ءَ جو گهوڙو**

**مطلب**

**جنهن تي هن ڪرکي**

**هڪڙو سوار سفر ڪري.**

**چڙهيءَ جي گهوڙي کي**

**ناڻ ڪڍهن بہ ناهي هٽائبو**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حددخليون

ڪڇي ۾ حددخليون جيڪي درياهَ جي پراڻن وهڪرن تي آباد آهن،انهن کي ڳوٺ ڪڏهن به ناهي ڇئبو.

اهي ياڻ ڇئبا آهن ۽ انهن جو پاڻيءَ هيٺ اچڻ سنو سنئوڻ هوندو آهي.

مالوندڙ ياڳيا انهي موقعي تي خوشيءَ مان يت ڪندا آهن.

انهي عمل کي پاڻي اچڻ ڇئبو آهي.

اها ٻوڏ ناهي ڇئبي

انهي ۾ ڪو به نقصان ڪونہ ٿيندو آهي.

ها جيڪڏهن قابض ڏاريا آهن تہ

اهي پنهنجي ڪم علمي ۽ اڻڄاڻائي سبب

گهاٽوَ ڪائي ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميارو

جيئن ريل جي پليٽ فارم تي
ڳوٺاڻيون ڇوڪريون
ڪنهن اوپري مرد کان
برقعو ڪونہ ڪنديون آهن.
ها
پر جي ڪنهن
ڳوٺ واري يا
سفر ۾ شريڪ سئوٽَ ماساتَ تي
نظر پوندي اٽن تہ
سٽ ڏئي برقعو هيٺ ڪري ڇڏينديون آهن.
اهڙي ريت اڄڪلهہ
سنڌ جا پراڻا سياسي ڪارڪن
فيس بوڪ تي ميارون ڏيندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏڻ ۔ ولر ۔ وڳر

پالتو جانورن جو

'ڏڻ'

رولو جانورن جو

'ولر'

پکين جو

'وڳر'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪوئو . سوپاري . پساري

ھڪڙو ھمراھ ڪمپيوٽر ھلائڻ سکيو. ھڪ اڌ ڪلام ٻڌئين، ڪو فلم ڏٺائين. بيان جاري ڪيائين

ھاڻي ريڊيو، ٽي وي ۽ سينيما جو دور ختم. ھرڪو ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي ڪلامَ ٻڌندو، ناٽڪ ڏسندو.

وري ھڪ دفعي ڪو سولو سبق ڪنھن ٽيوب تان ڪمپيوٽر اسڪرين تي ڏٺائين. بيان جاري ڪيائين،

ھاڻي اسڪول ۽ ماستر جو ڪم ختم. ٻار ڪمپيوٽر ڪان پڙھندا ۽ سکندا .

وري ڪو ھڪ ڏينھن گوگل تان ڪنھن بيماريءَ جا تفصيل پڙھي ورتائين. بيان جاري ڪيائين،

ھاڻي ڊاڪٽر جو ڪم ختم.

ھرڪو پنھنجو علاج پاڻ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وحشي جبلتون

منهنجي مشاهدي مطابق
شڪاري جانورن جي سماجن ۾
غيرت صرف ٻن حالتن ۾ ٿيندي آهي:
1.جوءِ . ننگ –
پرڻي جي لاءِ
جنسي تعلق قائم ڪرڻ جو حق
2.جُوءِ . 'دنگ'-
شڪارَ جي لاءِ قبضي هيٺ آيل علائقي لاءِ.
انسان بہ شايد انهن کان ئي سکيو آهي
وڏيڪ رهنمائيءَ جو طلبگار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خانداني

جاگيرداري سماج جو ڏپارو تصور.
فطري طور
هر ٻار هڪ خاندان ۾ جنم وٺندو آهي.
جڏهن کان
خاندان،
ذاتي ملڪيت ۽
رياست جو تصور آيو آهي
انسانن خاندان جي شڪل ۾
رهڻَ شروع ڪيو.
هر انسان
ڪنهن نہ ڪنهن خاندان ۾ پيدا ٿيو آهي.
هر ٻار خانداني آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نڪرَ . نڪريون . ٿانگرَ . نونگرَ

متيءَ جو پڪل ٿانءُ نڪر جو چئبو.
جيڪڏهن ذراذرا ٿي ويندو تہ
نڪريون چئبو.
نڪر جو ٿانءُ جڏهن ٽٽي پوندو،
ان ۾ ڏارون پئجي وينديون
پر ذرا ذرا نہ ٿيندو
رڳو جنهن مقصد لاءِ نهيو
انهي ڪم نہ ايندو تہ
ٿانگر چئبو.
ٿانگر جو اهو ٽڪرو
جنهن ۾ جانور-ڪتي،ٻلَي کي کير،
پاڻي يا ڪاڌو ڏبو آهي تہ
ان کي نونگر چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪمَچور

ڪم چور قومون ناهن ٿينديون.

ها طبقا ڪم چور ٿيندا آهن.

طبقاتي سماجن ۾ جڏهن

وسيلن جي ورڇ

بيترتيب هوندي آهي تہ

استحصالي طبقا جن طبقن جو حق ڪائيندا آهن

انهن کي ٿوٽي، جاهل،ڪم چور جهڙن لقبن سان نوازيندا آهن.

مذهب ۽ قوم پرستيءَ کي استحصالي طبقا پنهنجي ڍال طور استعمال ڪندا آهن.

مڊل ڪلاس وري ڏاڪڻَ طور استعمال ڪندو آهي.

هاري، مزدور ۽ عورتن لاءِ وري انهن ٻنهي کي آفيم طور استعمال ڪيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مارڪس

ڪنهنَ فيس بوڪَ فرينڊ لکيو:

سائين مون هائي گيٽ قبرستان ۾

مارڪسَ کي سلام از مرگ ڪيو آهي،

توهانجي شڪايت پيو ڪري ته

ختمو به ڪون

بخشوس

عرض ڪيم

ختم ٿئي ته ختمو ڪريونس.

اجا ته جاري و ساري آهي

ڪٿي مارڪس ازَم

ڪٿي رد مارڪس ازَم

جيستائين

هي سرمائيداراڻيون جمهوريتون رهنديوَن

جيسين طبقاتي نظام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

اڪثريت تي اقليت ڪي
حاوي ٿيڻَ جو حق ڏيندو رهندو
جيستائين آدم زاد
مذهبَ ۽ قوم پرستي جي
نشي جو شڪار ٿيندا رهندا
مارڪس ۽ ان جا ساٿي
پنهنجو فرض نڀائيندا رهندا.
مارڪس مرڻوَ ئي ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جديد نو آبادي

نوآبادي ڇا ٿيندي آهي

پئسي،

سياست،

مذهب،

ٻولي،

نسل ۽/يا

ثقافت جي آڙ ۾

ڪنهن ٻہ ملڪ کي ڳيجهو بڻائي

ان جي سياسي معاملن،

پرڏيهي

پاليسين ۽

حڪمرانيءَ تي اثرانداز ٿيڻ

هاڻي ڏسو تہ پنهنجو منڊو ملڪ

ڪهڙن ڪهڙن ملڪن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوآبادي آهي.

## جاڳندا رهجو

### سياست

شاگرد سياست . ختم

مزدور سياست . ختم

هاريَ سياست . ختم

نظرياتي سياست . ختم

هاڻي ڪجھ بہ ڪري

پاپولر يا عوامي سياست کي

بدڪردار ثابت ڪرڻو آهي.

آزاد اميدوار ۽

ڪجھ شخص

ڏاڍا سٺا آهن.

سياسي پارٽيون خراب آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سياسي سوچ جي ڪاميابي

سنڌي سماج جي
سياسي سوچ جي
ڪاميابي تڏهن ٿيندي
جڏهن
آزاداميدوار هارائن.
سياسي پارٽيون ڪٽن.
ووٽ جو صحيح حقدار
شخص نہ پارٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خبر ناهي افسوس ڪريون يا ٽڏو

اسان جو موضوع اها پستي ناهي جنهن ۾ رٽرننگ آفيسر اميدوار ڪان اهو ڪونہ پڇيو تہ توهان پنهنجو اليڪشن وڙهڻ جو سبب يا منشور لکت ۾ جمع ڪرايو.

ها ڪجھ ڪلما ۽ ڪجھ دعائون ضرور پڇيون ودون. اهو ڪونہ پڇيو تہ 1973 جي، آئين تحت، اوهان جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃو ٿا تہ توهان جي ذميواري ڇا هوندي؟

ها هڪ اڌ نماز، خاص ڪري جنازو پڙهائڻ جو طريڪو ضرور پڇيو.

مطلب تہ اميدوار جيڪڏهن ڪامياب ٿي ويو تہ ختمو ڪڍڻ يا جنازو پڙهائڻ جهڙو تہ هوندو ڪنهن آئيني ذميواري جهڙو هجي يا نہ هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪامورا

سڀ ڪامورا مسيت جو ڪک
سيئي سياستدان چور
سياسي پارٽيون ڪرپشن جا ادارا
عوام نسورو چسو، بيوقوف
شڪر ڪريو
هڪ اڌ رٽائر ٽيل ڪامورو
ميدان ۾ رهنمائي لاءِ موجود آهي.
ايئن نہ هجي تہ سنڌ جو الله واهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڍينگو ئي ڍيري

سنڌ جي ڪجهه سياسي ڌرين جو بالڪل اهو ساڳيو حال آهي جيڪو '1940' واري ڌاڪي ۾ سنڌ جي سنڌي مسلم ليگي سياستدانن جو هيو.

ياد ڪريو, بمبئي کان جند ڇڏائي اجا 5 سال به ڪونہ ٿيا هئا تہ وري هڪ نئين وفاق ۾ بنا ڪنهن سوچ ويچار جي هڪڙي مرشد ۽ ٻئين انگريچي بابو جي ڏٺن پوزين تي.

هاڻ جڏهن منزل ئي ڏبڻ هوندي تہ رستو کهڙو هوندو.

طبقاتي سماج ۾ صف بندي طبقن جي ٿيندي آهي.

هتي ڍينگو ئي ڍيري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئين ڪچٽي

دوستو

ڪهاٽي ڪا مورڳو ئي ٻين اٿوَ.

اصل مسئلو نہ ڏيم

نہ ئي تارڪينِ وطن آهن.

ملڪ ۾ ڪا نئين ڪچٽي پئي رٿجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فيصلو ڪرڻ مهل منجهائجي

پرڏيهه پڄي ويل سنڌي جوڙا،
رٽائر ٿيل ڪامورا ۽
مايوس مهندار
سڄو ڏينهن صرف
هڪ ڪرت سان لڳل آهن.
ڪجهه بہ ڪجي پر عوام کي
صحيح فيصلو ڪرڻ مهل منجهائجي.
جيئن تنظيمن بدران
فردن کي ووٽ ڏئي اسيمبلي موڪلن
اسيمبلين ۾ فردن ۽
ايڪڙ ٻيڪڙ اميدوارن وارين پارٽين جو
واپار عام طور سولو ٿيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مڊل ڪلاس

سنڌ ۾ مڊل ڪلاس 1970 واري ڍاڪي جي جمهوري دور ۾ پيپلز پارٽي جي معاشي پاليسين جو نتيجو ته آهي

پر اهو به ياد رکجو ان دور ۾ پيپلز پارٽي جو مقابلو ڪهڙين نظرياتي سياسي ڌرين سان هيو ؟

اڄ چوڌاري نظر ڦيرايو انهي ساڳي پيپلز پارٽي جو مقابلو ڪهڙي قسم جي سياسي سوچ سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ان طرف ٻه ڏيان ڏيو

دوستو هن وقت "ٿر" ۾ ڏڪار جي صورتحال آهي.

انهن حالتن ۾ سنڌ جي 'ناري'، 'ڪاڇي'، 'ڪوهستان' ۽ "اڇڙي ٿر" وارن علائقن

بلوچستان جي علائقي 'دشت' ۽

پنجاب جي 'چولستان' ۾ پڻ ڏڪار جون حالتون آهن.

انهي صورتحال ۾ 'افغانستان' کي 'ڪڻڪ' تحفي ۾ ڏيڻ جي پنيان ڪهڙا سبب آهن.

ان طرف ٻه ڏيان ڏيو.........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پروپيگندا

سياسي پارٽين ۽ سندن اليڪشن اتحادن ڪي سندن پروگرام جي روشني ۾ ڏسڻ گهرجي.

عجيب قسم جي پروپيگندا آهي.

هر سياسي جماعت عوام دشمن آهي.

هر سياستدان بي ايمان، رشوتخور ڌوهاري آهي.

هر آزاد اميدوار مسيت جو ڪک آهي.

اسان سيني کي گڏجي شايد سياست دشمني جي غلط العام روئيي تي ڪم ڪرڻو پوندو.

ڪنهن به سياسي پارٽي يا اتحاد خلاف فتوا جاري ڪندڙ کان اهو سوال ڪرڻو پوندو ته اهي ڪهڙا بنياد آهن جن مطابق 'الف' يا 'ب' جي مقابلي ۾ 'ڪ' يا 'گ' جي پٺڀرائي ڪريون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عوام دوست پارليماني سياست

نام نهاد قومي توڙي طبقاتي انقلابن جون داعي ٽوليون گهٽو ڪري دڪان اڪلائي وڃي ڪم ڪار سان لڳيون آهن.

ناليوارا ڪابي ڏر جا اڳواڻ ڪنهن نه ڪنهن NGO جا مک آهن.

رهيل سهيل ڪابي ڏر جي ڏڙن ۾ ايتري تنظيمي سگهه ڪونهي جو اسيمبلي سطح تي فيصلي سازي جي مقام تي پهچي سگهن.

انهن اڪابرن عوام دوست پارليماني سياست جو نه ڪڏهن سوچيو نه ئي ساٿ ڏنو.

سڄي دنيا ۾ پاپولسٽن جي اپار، پاڙيسري ملڪن ۾ بنيادپرستن جي حڪومتن ۽ افغانستان مهابي خصوصي سياسي سماجي حالتن پيپلزپارٽيءَ کي اڪلوتي قوت بڻائي ڇڏيو جيڪا ملڪي (فيڊريشن جي) سطح تي نندين قومن، پوئتي پيل طبقن ۽ ترقي پسند رجحانن جي ضامن بڻجي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ورهايل سماج

ٻوليءَ جي بنياد تي ورهائيل سماج جي ترقي ممڪن ئي ڪونهي. طبقاتي سماج ۾ اڪثريتي طبقي کي مادري ٻولي جي بنياد تي نشانو بنائڻ جي روش ترڪ ڪرڻي پوندي. سماج کي مسئلن جي بنياد تي منظم ڪرڻو پوندو. ٻولي، نسل، مذهب، ذات پات نہ صرف اڪثريتي طبقي کي ورهائڻ جو سبب بڻبيون.

پاڪستان کي گهڻ قومي رياست ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ جي جدوجهد ۾ سنڌي سماج کي بہ گهڻ ٻولي سماج تسليم ڪرڻو پوندو.

مادري ٻولين کي عزت ڏيڻي پوندي ۽ انهن جي بقا لاءِ پڻ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جاڳندا رهجو

پاڪستان ۾ مجموعي ۽ سنڌ ۾ خصوصي طور مخصوص قسم جي مهم هلائي پئي وڃي تہ جيئن 1985 وانگر موقعي پرست قيادت اڀري اچي جنهن سان ڪو بہ سودو سستو ۽ آساني سان ٿي سگهي.

ياد رکجو عراق ۾ 'صدام' ۽ لبيا ۾ 'قدافي' خلاف بہ اهڙا ئي ملڪ ڇڏي ويل اڪابر هٿ ڪري پروپيگندا ڪئي وئي هئي. جهڙا اڄڪلهہ اسان وارا وينا دڳ ڏيکارين.

سڀي جهان کان مبارڪون ورتيون ويون هيون تہ عوام جي فتح ٿي آهي. نظر ڦيرائي ڏسو عراق، ۽ لبيا جو حال.

ياد رکجو،چڙواڳي ۽ عوامي فتح هڪ ٻئي جو ضد آهن.

سياسي پارٽين خلاف هر سطح تي پروپيگندا اسان جمهوريت پسندن جي خلاف سازش آهي. ان کان پاڻ بچائڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چونڊون سر تي

اسان جا نوان اپريل سياسي دانشور پيا

هوڪو ڏين .

ـــــ تتر تيز، اڏام ـــــ

ادي وارن کي اها خبر ئي ڪونهي تہ

تتر تہ تيز اڏامندو ئي ڪونهي.

تتر 'پيرڙيو' پکي آهي.

جڏهن ڪنهن مشڪل ۾ هوندو آهي تہ

جهنگ ۾ زمين تي تيز ڀڄندو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غير سياسي مشتري هوشيار باش

هي اهو جهيڙو اٿئي
جيڪو ڳنڍي ڇوڙ
ميلن ملاکڙن ۾ ڪندا آهن
نتيجو،
ڇڏائيندڙن جا کيسا صاف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آزاد اميدوار

جمهوريت ۾ ايمان رکڻو ووٽ ڏيڻ ڪونهي.

ان لاءِ ڪنهن به سياسي پروگرام سان متفق نه ته ويجهو هجڻ لازم آهي.

'ڇڙواڳي' ڪنهن به شڪل ۾ جمهوريت جي لاءِ فائديمند ڪونهي.

جمهوريت ۾ ايمان جو ثبوت اهو ٿيندو ته ڪنهن 'شخص' يا 'فرد' يا 'ذات' کي نه پر ڪنهن پارٽي جي پروگرام کي ووٽ ڏنو وڃي.

آزاد 'اميدوار' کي ووٽ جو مطلب ٿيندو ڪنهن کي اهو حق ڏيڻ ته هو پنهنجي ذاتي مفاد عيوض اسان جي ووٽ جي پري بازار ۾ قيمت لڳائي. اهو ڪنهن به لحاظ کان جمهوري رويو ڪونهي.

ڪنهن به 'دلاسي'، 'دامي' يا 'دڙڪي' آزاد اميدوار کي ووٽ ڏيڻ کان ڪتو جواب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

طبقاتي سماجن ۾ سرمائيداراڻي سياست جو هڪڙو ئي چهرو آهي. عوام دشمني. ها مهرا ۽ چهرا بدلبا رهندا آهن.

جديد بينڪيتن ۾ هر اپرنڌڙ سرمائيدار اقتدار مان حصو پنهنجو حق سمجهندو آهي. معروف نعرو 'ڪرپشن' خلاف جهاد هوندو اٿن، جڏهن ته سندن پنهنجي موجوده حيثيت پڻ ساڳي ڪرپشن سبب ئي اپرندي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اليڪشن

اليڪشن دروازي تي بيٺي آهي
هرويرو چو تا
پنهنجو وقت بي مقصد بحثن ۾ وڃايو.
سنڌ جو ورهاڱو ممڪن ئي ڪونهي.
معروضي حالتون به
اهڙي ڪنهن ڪم لاءِ مناسب ڪونهن.
مهرباني ڪري ماڻهن کي
حقيقي مسئلن کان آگاهه ڪريو.
جن ۾ سڀ کان وڏو مسئلو
ڀانت ڀانت جي شڪلين جي
بنياد پرست سياسي جماعتن جي
پيدا ٿيڻ جو آهي.
زرعي سڌارا ـ جاگيرداري جو خاتمو
رياست طرفان تعليم جا موقعا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳالهيون پيٽ ورن ۾

رياست طرفان صحت جون سهولتون

پاڻي . خاص ڪري پيئڻ جو پاڻي

وڌندڙ آبادي جو مناسب تدارڪ

وچڙندڙ بيمارين کان اڳواٽ بچاءُ

ماحول جي حفاظت

سنڌو درياهہ جو جياپو

ٻيلن جي زندگي

شاگرد، هاري ۽ مزدور کي

تنظيم سازي جو حق

ياد رکجو

طبقاتي سماجن ۾ جيڪڏهن وڏيڪ صوبا،
ناهڻ يا موجوده وحدتن کي ٽوڙڻ جهڙو ڪو
قدم کڄي بہ ٿو تہ

اهو صرف ۽ صرف عالمي ۽ ملڪي مراعت
يافتہ طبقي جي حق ۾ هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جامع رٿا

اسين سنڌو ندي جي پاڻين کي استعمال ڪرڻ جي جامع رٿا تجويز ڪريون ٿا.

سيني صوبن اندر سنڌو جي پاڻي مان سندن جائز حصي جي پاڻين مان پاڻيءَ جا ذخيرا بحال ڪرڻ يا جوڙڻ.

ڪيٽي بندر تائين ڏينهن رات ٻارهوئي سنڌو جو وهڪرو بحال ڪري ان کي جهازرانيءَ جي لائق بنائڻ ۽ سنڌو مها ساگر کي سنڌو درياهه جي پاڻين مان سندس جائز حصو روزاني جي بنياد تي فراهم ڪرڻ.

سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان ريل ۽ زميني آمدورفت جا ذريعا مهيا ڪرڻ.

سنڌو درياهه جي بچاءُ بندن اندر زرعي سڌارن تي عمل ڪندي، زرعي زمين ۽ ٻيلن جي مالڪي جو حق مقامي هارين جي حوالي ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٺ ورن ۾

ڪنهن بہ قسم جي صنعتي زرعي سرمائيداري تي مڪمل بندش وجهڻ.

سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هر 50 ڪلوميٽرن تي شهرين پاران مڪلمل اختيارين سان نئيا نئيي شهر آباد ڪرڻ.

سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي ٻئراجن مان نڪرندڙ ڪئنالن ۾ وهندڙ پاڻين تي شهرن توڙي صنعتي علائقن سان متصل نئيا نئيا بجلي گهر اڏڻ.

مزدورن جي انتظام هيٺ سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هر 100 ڪلوميٽرن تي صنعتي زون قائم ڪرڻ.

سنڌو نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هر نئين شهر ۽ صنعتي علائقي ۾ سج ۽ هوا مان بجلي پيدا ڪرڻ جا وسيلا قائم ڪرڻ.

هر نئين شهر ۽ صنعتي علائقي ۾ پاڻي صاف ڪرڻ جا وسيلا قائم ڪرڻ.

اسڪول، اسپتال، راندين جو ميدان قائم ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آتعميري بحث

سنو تعميري بحث تي سگهي ٿو .

2013 کان 2018 تائين

سنڌ ۾ حڪومت بالڪل نالائق آهي .

سنڌ مان ڪيترا ماڻهو

ٻين صوبن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا؟

سنڌ ۾ ڪيترا ماڻهو

ٻين صوبن کان لڏپلاڻ ڪري آيا؟

خيبر پختونخوا مان ڪيترا ماڻهو

ٻين صوبن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا؟

خيبر پختونخوا ۾ ڪيترا ماڻهو

ٻين صوبن کان لڏپلاڻ ڪري آيا؟

سنڌ کان ڪيترا ماڻهو پنجاب لڏي ويا؟

پنجاب کان سنڌ ڪيترا ماڻهو لڏي آيا؟

سنڌ کان ڪيترا ماڻهو بلوچستان لڏي ويا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

بلوچستان کان سنڌ ڪيترا ماڻهو لڏي آيا؟

سنڌ کان ڪيترا ماڻهو گلگت لڏي ويا؟

گلگت کان سنڌ ڪيترا ماڻهو لڏي آيا؟

سنڌ کان ڪيترا ماڻهو

خيبر پختونخوا لڏي ويا؟

خيبر پختونخوا کان سنڌ

ڪيترا ماڻهو لڏي آيا؟

ظاهر آ جتي سهولتون وڌيڪ هونديون

ماڻهو اوڏانهن لڏيندا

اخباري خبرن تي لڏپلاڻ تہ ڪونهي ٿيندي

.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## زرعي سماج ۽ جاگيرداري

زرعي سماج ۽ جاگيرداري ٻہ بالڪل الڳ عنوان آهن .

جڏهن تہ زرعي سماجن ۾ انفرادي هارپو، گڏيل هارپو، ايستائين جو اشتراڪي سماج جون خصلتون پڻ ملن ٿيون. زرعي سماج ۾ جاگيرداريءَ جو ڪوبہ مقام ڪونهي هوندو. زرعي سماج ڪمزور طبقن جي گڏيل قوت تي ٻڌل ٿيندا آهن. انهن ۾ عورت برابري جي بنياد تي هٿ ونڊائيندڙ ۽ حصيدار هوندي آهي.

زرعي سماج پنهنجي بڻ بڻياد ۾ انسان دوست هوندا آهن.

زراعت ملوڪيتي سماجن جي معيشيت جو بنيادي جز هجي ٿي پر اهو زرعي سماج جو عڪس نٿو ٿي سگهي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊرگھ ڏنڍ

ڊرگھ ڏنڍ، سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي 1815ع ۽ 1817ع وارين مها ٻوڏن جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي.

اها ڏنڍ، سنڌ جي هاڙوڪي ضلعي قمبر- شهدادڪوٽ ۾ موجود آهي.

1976ع ۾ هيءَ ڏنڍ گڏيل قومن طرفان 'رامسر' سائيٽ طور تسليم ڪئي وئي

ڊرگھ ڏنڍ هن وقت مرٽينگ حالت ۾ آهي.

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي موجود شاندار ڏنڍون جيڪي هزارين مسافر پکين ۽ انيڪ مڇين جي ميزباني ڪنديون آهن، بالڪل بري حال ۾ آهن.

انگريز قابض جيڪو ٻئراجي نظام ٺاهيو، ان جيئن سنڌوءَ ڪناري آباد بندر برباد ڪيا تيئن انهن ڏنڍن جو بہ قتل ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اختلافي نوٽ

پاڪستان ۾ 1973 جي آئين مطابق 'چار' وفاقي اڪائيون، سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ پنجاب آهن. انهي آئيني بندش تحت سينيٽ ۾ چئني اڪائين جي هڪ جيتري نمائندگي آهي.

جيڪڏهن اهو انگ وڌيو ته آباديءَ جي لحاظ کان ننڍين رياستن جي نمائندگي ڪمزور ٿيندي.

جيڪڏهن ڪو نئون صوبو ٺاهڻو بہ آهي تہ اهو بنيادي اڪائيءَ جي آئيني حدن اندر ٺهڻ گهرجي ۽ ان کي سينيٽ ۾ الڳ اڪائي جي، حيثيت نہ ملڻ گهرجي.

آئين جي جنهن شق (239) جي ذيلي شق (4) جي تحت صوبا پيا ٺاهين

اها شق صرف حدن ۾ ردوبدل جي لاءِ آهي.

ان شڪ تحت ڪو نئون صوبو قائم ڪرڻ ممڪن ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

اهڙي مهم جوئي لاء هاڻوڪي ملڪي آئين ۾ ترميم ڪرڻي پوندي

ڪجهه ناعاقبت انديشن جو خيال آهي تہ پنجاب کي چئن حصن ۾ ورهائڻ سان ننڍن صوبن کي فائدو ٿيندو.

ايئن ڪرڻ سان پنجاب سينيٽ ۾ ستن مان چار ووٽ حاصل ڪري وٺندو. جڏهن تہ هن وقت صرف چئن مان هڪ ووٽ اٿس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌو نديءَ ۾ پاڻيءَ جي آمد

پاڪستان ۾ چئوماسي جون برساتون هلي رهيون آهن.

سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندڙ ننڍيا وڏا درياهه پنهنجي حصي جو پاڻي سنڌوءَ حوالي ڪري رهيا آهن.

سنڌو، راوي، ستلج، جهلم ۽ چناب درياهن ۾ وهڪرا ڪٿي وڏا ,ڪٿي وچولا ۽ ننڍيا آهن. ملڪ ۾ پاڻيءَ جون هترادو ڍنڍون منگلا ۽ تربيلا بہ پرجي چڪيون آهن جنهن ڪري انهن مان بہ جهجهي مقدار ۾ وهڪرا سنڌوءَ ۾ شامل ٿي رهيا آهن.

انڪان سواءِ برساتي ننئيون پڻ مختلف جڳهن تان انهن درياهن ۾ چوڙ ڪري رهيون آهن. انهن وهڪرن ۾ ڪوهه سليمان ۽ ڪيرٿر جي پهاڙين واريون جابلو نديون بہ پنهنجو خراج شامل ڪري رهيون آهن.

اهي سيئي وهڪرا سنڌو درياهه وسيلي سنڌ مهاساگر ۾ وڃي چوڙ ڪندا. انهي صورتحال ۾ سنڌوءَ جي بندن اندر قيد بڻيون بيلا هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال وهڪرن جو مزو ماڻيندا. واريا سا بٺُ سيراب ٿيندا، ڍنڍون، ڍورا، وهٽيون، واهڙ سڀ مستفيد ٿيندا .

سنڌو درياهه کي سيراب ڪندڙ علائقن ۾ برساتن سبب نقصانن جا پڻ اطلاع آهن.

پاڻي درياهن، ٻيلن ۽ ڪڇي جي معيشت ڪان وٺي آبي حيات، جهنگلي جيوت ۽ ٻئراجي علائقن لاءِ پڻ ڪارائتو آهي پر ڪو بدانتظامي جو گهارو نہ پئي جو ٻوڏ برپا ٿي وڃي

دريا ھ ۾ پاڻي چڙهي ئي مس ٿو تہ هتي هر طرف ٻوڏ، ٻوڏ پئي پوي،برسات ۾ ننئيون وهن ٿيون، رستي ۾ ايندڙ هر شيءِ لوڙهن ٿيون هتي وري هر طرف ٻوڏ، ٻو ڏ پئي پوي.

دريا ھ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو ڪاڙيون سرهيون ٿينديون تمر جي ٻيلن کي جيئدان ملند و مڇيون، گانگٽ، پلا جام ٿيند ا هتي هر طرف پاڻي زيا ن پيو ٿئي. ياد رهي تہ 2010 جي بربادي ٔ جو سبب سکر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳالهيون پيٽ ورن ۾

ڪان ڄامشوري تائين بندن اندر غيرقانوني
خانگي بند ختم ته ڪونه ٿيا مورڳو وڌيڪ
مظبوط ڪيا ويا آهن. ان ڪان اڳ جو اهڙي
ڪا صورتحال جڙي ان لاءِ واسطيدار ڌرين
کي اڳواٽ هوشياري وٺڻي يا ونرائڻي پوندي
جيئن درياهه جو چاڙهه ۽ آبڪلاٽي ڪنهن
امڪاني ٻوڏ ۾ تبديل نه ٿي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪاڇي وارن جي مدد ڪريو

سڌريل سماجن، دورانديش رياستن ۽ منظم هاري، مزدور، عورتون ۽ سندن ساٿين جو اهوئي امتحان هوندو آهي ته اهي مشڪل حالتن مان پنهنجي ماڻهن کي روشن مستقبل جو دڳ ڏيکارين ۽ منزل تائين رهنمائي ۽ اڳوائي ڪن.

ڪاڇي جي وهڪرن سبب ٿيل انهي سڄي بربادي ۽ وارتا ڪانپوءِ جيڪڏهن بحالي بي ترتيب ٿي ته اهو برباديءَ جو چڪر پيو هلندو. ضلعي دادوءَ جي جوهي تعلقي جي ڪاڇي ۾ يونين ڪائونسلن ٺوڙ،پٽ گل محمد،ڏرگهه بالا،ساوڙو،ڇني،ٽنڊورحيم خان جا ذري گهٽ ٻه لک ماڻهو نئين گاج، ٽڪي، نَري، ڪُڪڙاني، ڪنڌاني،هليلي، انگئي، نيئيگ ۾ آيل برساتي وهڪرن سبب لڙهي، ٻڏي، تباهي ۽ بربادي جو شڪار ٿي سيڪجهه وڃائي پٿوڙي تي ويهي ويا آهن.ڪاڇي ۾ نه بچيو آ ڪو گهر نه ٽڙ،نه ان، نه ڍاٽو، نه روڊ، نه رستو. ڪاڇي ۾ سندن الهه تلهه ڇٽ،جيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آغاز  ٻڙيءَ  کان. هاڻي انهن ماڻهن جي ٻي نہ تہ ايتري مدد تہ ڪئي وڃي جو اهي برساتي ندين کان مستقبل ۾ محفوظ رهي سگهن. جيڪڏهن اهي انهن ساڳين ڪکن، پاڻڻ ۽ آبادين ۾ رهيا تہ هر چوٿين، پنجين سال ايئن ئي پيا برباد ٿيندا. سائنس ۽ انجنيئرنگ جي ترقيءَ مان لاڀ حاصل ڪندي، ڪين بهتر جڳهہ تي منظم طريقي سان آباد ٿيڻ ۾ سهائتا فراهم ڪئي وڃي جيئن کين تعليم، صحت، پيئڻ جو پاڻي، گئس، بجلي ۽ ٻيون شهري سهولتون بہ ميسر ٿي سگهن.

آفت کي موقعو سمجهي مستقبل جي رٿابندي ڪرڻ لاءِ  اچو تہ حڪومت ۽ سيني وس وارن کي اپيل ڪريون تہ انهن ماڻهن کي جديد ڳوٺ!

ها! روينيو  کاتي کان منظور ٿيل مثالي ڳوٺ اڏڻ ۾ مدد ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻارن کان پورهيو ڪرائڻ

سنڌ ۾ عمومي ۽
حيدرآباد ۾ خصوصي طور
انساني، حقن جون
ٻالهيون ڪندڙ تنظيمون
خبر ناهي ڪو پيالو ڪري ويون يا
اهي بہ 'ترِڪي' پسنديءَ جي حوالي آهن.
ٻارن کان
پورهيو ڪرائڻ
واري ڏوهہ جو بہ
ڪو حساب ٿيندو يا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ ڪلو ماکي -- چاليهہ لک ڦيرا

ماکيءَ جي مک

گلن جا

چاليهہ لک

ڦيرا پائڻ ڪانپوءِ

هڪ هزار گرام

ماکي

جمع ڪندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مانجهاندو

وقت لکڻ مهل

ﭪ مخفف استعمال ڪندا آهيون.

هڪڙو 'اي ايم' ۽

ٻيون 'پي ايم'

اهي بنيادي طور

لاطيني ٻولي جا مرکب لفظ آهن،

جن جو بڻ آهي لفظ مرڊائيس

جنهن جي سنڌي ٿيندي

مانجهاندو يا منجهند.

اهڙي ريت اهي لفظ ٿيندا.

مانجهاندي کان اڳ 'اي ايم' ۽

مانجهاندي کانپوءِ 'پي ايم' .

انهن کي صبح ۽ شام چوڻ

غلط العام تصور آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪانون ڪان ئي سکئون

ڪانو جڏهن آکيري مان
ٻچا اڏائيندا، آهن ته
انهن جي پهريداري ڪندا آهن،
ايستائين جو
جنهن مان به ٻچي کي
خطرو سمجهندا آهن،
ان کي ٺنهنگا هڻي ڀڄائيندا آهن.
ٻيون نہ ته پلا
ڪانون ڪان ئي سکئون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئون جنم

حليم بروهي مون کي
دل سان ڏاڍو وڻندو آهي
پر يارهڪڙي ڳالھ چوان
ڪجھ ياڙيو هيس
ايتري همٿ ڪانہ ساري سگهندو هيم.
هن هفتي سيئي مونجهارا ختم ڪري ڇڏيا
بالڪل نئين زندگي
نئون جنم نوان دوست


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چاڪيءَ جو ڏاند

اسان جنهن سما ج ۾ رهئون ٿا اهو غلط العام تصورن سان ستيو پيو آهي. انهن ما ن هڪ تصور اهو بہ آهي تہ چاڪيءَ جو ڏاند ڪجھ بہ ناهي ڪندو، رڳو هڪ دائري ۾ پيو گول گول ڦرندو آهي.اهو ڪم ونڻ لاءِ چاڪي سندس، اکين تي ڪوپا چاڙهيندو آهي جيئن هو نظر ايندڙ دنيا کان بي نيا ز پنهنجي ڪرت ۾ مصروف هجي.

هاڻي اچوتہ فرض ڪريون، چاڪي ڏاند جا اهي ڪوپا لاهي ڇڏي جيڪي شايد ڪجھ گهاڻن ۾ وهندڙ ڏيڻ جا وقت سان لٿل بہ هوندا هئا تہ ڇا ٿيندو، ڏاند ٿاهه ڪائي دائري کان ٻاهر نڪرند و ۽ گهاڻو پيجي وجهندو

جيڪڏهن اهو غلط العام تصور مجي وٺئون تہ چاڪيءَ جو ڏاند ڪجھ بہ ناهي ڪند وتہ پوءِ گهاڻي ۾ تيل ڪيئن نڪرندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

اهو ڏاند تيل ڪڍڻ جي عمل جو هڪ ڪارگر
حصو آهي ۽ سند س محنت جي طفيل اهو
گهاڻو تيل ڪڍڻ لائق ٿيو آهي.

وري چوندا اهو ڏاند گول گول تو ڦري،

ڪا منزل نٿو هٽي.

سوال اهو هجڻ گهرجي ته

منزل ڪهڙي آهي

تيل ڪڍڻ -

اهو ته نڪري پيو

باقي پنڌ ڪري

جي، اڳتي نڪري وڃي ۽

گول گول نه ڦري ته

تيل ته ڪونه نڪرندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نہ شينهن، نہ هرڻي

سماج ۾ الاجي ڪيترا سچ، بخمل نما پهاڪن ۽ تشبيهن جي پوتڙين ۾ ايئن لڪل هوندا آهن جيئن ڪو بدصورت خنجر پرت پريل چمڙي جي ڊڪ ۾ لڪل هوندو آهي.

اهڙيون بہ تشبيهون جيڪي سماج جي بدبودار صنفي روئيي کي ظاهر ڪن ٿيون اهي آهن

شينهن پٽ

هرڻيءَ جهڙي ڇوڪري

هاڻي تورو ٿڌيءَ دل سان انهن تشبيهن تي غور ڪريو مرداڻي بدبودار سماج ۾...

پٽاڻو اولاد پالبو ئي ان لاءِ تہ انسان نہ پر خونخوار جانور شينهن ٿئي ۽ هرڻين جو شڪا ر ڪري.

ڌياڻو اولاد وري پالبو ئي ان لاءِ تہ ڪنهن نہ ڪنهن خونخوار جانور نما مرد جو هرڻيءَ وانگر وجي شڪار ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

جيڪڏهن اسان جي نيت اها ناهي تہ پواسان کي انهن تشبيهن، استعارن ۽ چوٽين تان هٿ کڻڻو پوندو.

پنهنجي ٻارن کي پينگهي ۾ اهي لوليون ڏيڻ بند ڪرڻيون پونديون.

گهرن ۾ انسان پالڻ جي شروعات ڪرڻي پوندي .

اهي شينهن ۽ هرڻي نما ٻار پالڻ بند ڪرڻا پوندا

انسان جي اولاد کي انسان ڪري پالڻو پوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تربيت

جيڪڏهن اسان جي يونيورسٽين ۾ پي ايچ ڊي يا ان جي برابر واريون سندون رکندڙ به مستقبل جي پي ايچ ڊي يا ان جي برابر واريون سندون حاصل ڪندڙ استاد شاگردن لاءِ جانور آهن ته پوءِ هن سماج کي ڪيئن بهتر ڪري سگهجي ٿو جيئن اهو ٻارن، ڪمزور ۽ عورت لاءِ به اوترو ئي محفوظ هجي جيترو مٿين طبقن جي باشندن لاءِ آهي

هتي مان اها ڳالهه واضح ڪندو هلان ته ٻارڙ عورت پلي کهڙي به طبقي سان تعلق رکندا هجن، انهن لاءِ هي سماج هڪ نهائينءَ جيان آهي، جنهن ۾ هر وقت پچرندا رهندا، ڪين هر وقت ٿانڊن پريل رستي تي اگهاڙين پيرين هلڻو پوي ٿو. انهن کي اسان جو ساٿ ۽ سهائتا گهرجي

سماج کي رڳو تعليم سان ڪو به لاڀ نه ملندو، اسان کي ٻارن خاص ڪري ڇوڪرن ج تربيت تي وڏيڪ ڌيان ڏيڻو پوندوهي مردن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڳالهيون پيٽ ورن ۾

جو سماج آهي، اهو رات وچڙ عورت دوست
ڪونہ ٿيندو. ان لاءِ سخت قدم کڻڻا پوندا ۽
ثابت قدم رهڻو پوندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ ۽ وفاق ۽ پيٽ

ترقيءَ کي روڪڻ شايد هن دور ۾ ممڪن ڪونهي، ها، اهو ٿي سگهي ٿو ته ان جو لاڀ حاصل ڪندڙ هٿ ۽ ڌريون بدلجي وڃن.

اهڙو ئي هڪ کيل سنڌ جي راڄڌانيءَ لڳ موجود سامونڊي پيٽن تي کيڏيو پيو وڃي

.جهيڙو اهو قطعي ڪونهي ته اتي ترقي نه ٿئي جهيڙو اهو آهي ته گهڻو فائدو ڪنهن کي ملي، سنڌ يا وفاق.

ان سڄي کيل ۾ سرڪاري، نيم سرڪاري، غيرسرڪاري ۽ نظرنه ايندڙ سيئي ڌريو ن پنهنجو پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ رڌل آهن جيئن کيٽي بندر رٽا ۽ ذوالفقارآباد تي ٿيو هو.

سوال اهو پڇڻو هو ته ماهيگيرن جي غيرسرڪاري تنظيم'فشر فوڪ فورم' ۽ مزدورن جو نيم سرڪاري ادارو 'پائلر' ڪنهن جي پاسي آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اهي ٻيٽن تي وسندڙ ماهيگيرن جا گهڻ گهرا آهن ته وفاق ۽ سنڌ حڪومت سان ويهي لاڳاپيل اسيمبلين مان اهڙو قانون منظور ڪرائين جنهن هيٺ جڏهن به ۽ ڪير به انهن ٻيٽن تي آبادڪاري ڪري ته اهو خيال رکي ته اتي جي مقامي ماهيگيرن کي بنا ڪنهن معاوضي جديد شهري سهولتن سميت شهر ٻڌي ڏئي.

انساني آباديءَ جي صورت ۾ 60 سيڪڙو گهر، ملڪيتون، ڪاروبار ۽ زمينون صرف سنڌ جي هاڻوڪن سن 2020 مستقل شهرين کي خريد ڪرڻ ۽ ملڪيت ۾ رکڻ جو حق هوندو. اهي جيڪڏهن وڪڻ به گهرن ته صرف مستقل باشندن کي ئي وڪڻ جا پابند هوندا.

نئين شهر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم لاءِ اسڪول قائم ڪرڻ لازمي هوند و.

ٻيٽن ۽ اتي ٿيندڙ ترقيءَ کي سنڌ جي صوبائي قانون تحت هلايو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي هرڳالھ تي "مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون "کو صحتمند رجحان کونهي. انهي جذبي تہ فبروري 1843 ۾ مياڻيءَ جي ميدان ۾ سنڌ انگريزن هٿان هارائي هئي.

ياد رهي تہ اهو نعرو قابض ٽالپر حڪمرانن جي هڪ غلام سان منسوب آهي، جنهن کي نئين قابض انگريز جي ايسٽ انديا ڪمپني سرڪار 'جنرل' جو خطاب ڏنو هيو.

سنڌ جي سياسي شعور کي جيڪڏهن پاڪستان جي وفاق ۾ صحتمند، روشن خيال، ترقي پسند، عوام دوست ڪردار نڀائڻو آهي تہ کو نئون جذبو ۽ کا نئين حڪمت عملي مرتب ڪرڻي پوندي .

تاريخي طور هارايل طريقا وري وري اپنائڻ کو سنو رويو کونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book